## الشمائل النبويه

مشهور

# شمائل ترمذي



امام ابو عيسیٰ محمد بن عيسیٰ ترمذي
ډاکتر عبدالرسول قادري

www.maktabah.org

www.maktabah.org

www.maktabah.org

بسم الله الرحمن الرحيم

www.maktabah.org

www.maktabah.org

صورت تنهنجي سڀ جڳ موهيو

# شمائل ترمذي

سليس سنڌي ترجمو

امام ابو عيسيٰ محمد بن عيسيٰ ترمذي

ڊاڪٽر عبدالرسول قادري

مهراڻ اڪيڊمي

www.maktabah.org

حق ۽ واسطا قائم

ڪتاب نمبر (238)

ڪتاب جو نالو : شمائل ترمذي

مؤلف : امام ابو عيسيٰ محمد بن عيسيٰ ترمذي

سنڌيڪار : ڊاڪٽر عبد الرسول قادري

ڇپائيندڙ : مهراڻ اڪيڊمي

ڪمپوزنگ : اسٽار ڪمپيوٽر ڪمپوزرس شڪارپور

ڇاپو پهريون : جنوري 2007ع

تعداد : 1100

قيمت =/120 رپيا

ملڻ جا هنڌ

مهراڻ اڪيڊمي واڳٽودر شڪارپور

فون نمبر: 512122 - 0726

۽

سنڌ جا سمورا ڪتاب گهر

www.makhtabah.org

# سنڌاءُ


﴿ پنهنجي پاران 13

﴿ مهاڳ 15

﴿ امام ترمذي جي زندگيءَ جو احوال 22

﴿ الشمائل النبويه 26

﴿ حضرت محمد رسول الله ﷺ 29

**الشمائل النبويہ** مشهور **شمائل ترمذي**

باب ۱ ـ بيمثال صورت ۽ سهڻي سيرت 39

باب ۲ ـ مُهر نبوت 44

باب ۳ ـ رسول الله ﷺ جي مٿي جي وارن جو بيان 47

باب ۴ ـ رسول الله ﷺ جي ڦڻي ڏيڻ جو بيان 49

باب ۵ ـ رسول الله ﷺ جي اڇن وارن جو بيان 50

باب ۶ ـ حضور ﷺ جي خضاب (ميندي) ڪرڻ جو بيان 52

باب ۷ ـ رسول الله ﷺ جي سرمي پائڻ جو بيان 53

باب ۸ ـ رسول الله ﷺ جي پوشاڪ (ڪپڙن پائڻ) جو بيان 54

باب ۹ ـ رسول الله ﷺ جي گذران جو بيان 56

باب ۱۰ ـ رسول الله ﷺ جي موزن (چمڙي جي جورابن پائڻ) جو بيان 57

باب ۱۱ ـ رسول الله ﷺ جي نعلين (جتي مبارڪ) جو بيان 58

باب ۱۲ ـ رسول الله ﷺ جي منڊيءَ مبارڪ جو بيان 60

باب ۱۳ ـ نبي پاڪ ﷺ جن جي ساڄي هٿ ۾ منڊي پائڻ جو بيان 62

باب ۱۴ ـ رسول الله ﷺ جي تلوار جو بيان 64


www.maktabah.org

باب ١٥ ـ رسول الله ﷺ جي زره جو بيان 63

باب ١٦ رسول الله ﷺ جي خود (لوهي ٽوپ) جو بيان 66

باب ١٧ ـ نبي ﷺ جن جي دستار يا پڳ مبارڪ جو بيان 67

باب ١٨ ـ رسول الله ﷺ جي گوڏ ٻڌڻ جو بيان 69

باب ١٩ ـ رسول الله ﷺ جن جي هلڻ گهمڻ جو بيان 70

باب ٢٠ ـ رسول الله ﷺ جي رومال جو بيان 71

باب ٢١ ـ رسول الله ﷺ جي ويهڻ جو بيان 72

باب ٢٢ ـ رسول الله ﷺ جي ٽيڪ ڏئي ويهڻ جو بيان 73

باب ٢٣ ـ رسول الله ﷺ جو ٽيڪ يا سهارو ڏئي هلڻ جو بيان 74

باب ٢٤ ـ رسول الله ﷺ جي کاڌي کائڻ جو بيان 75

باب ٢٥ ـ رسول الله ﷺ جي ماني کائڻ جو بيان 76

باب ٢٦ ـ رسول الله ﷺ جي ٻوڙ (ٻاڄي يا ڳنڍڻ) جو بيان 7[illegible]

باب ٢٧ ـ رسول الله ﷺ جو کاڌي کائڻ مهل وضو ڪرڻ جو بيان 85

باب ٢٨ ـ رسول الله ﷺ جو کائڻ کان اڳ ۽ پوءِ دعائن پڙهڻ جو بيان 86

باب ٢٩ ـ رسول ﷺ جي (پاڻي پيئڻ واري) پيالي جو بيان 88

باب ٣٠ ـ رسول الله ﷺ جي ميون يا فروٽ کائڻ جو بيان 89

باب ٣١ ـ رسول الله ﷺ جي پيئڻ وارين شين جو بيان 91

باب ٣٢ ـ رسول الله ﷺ جي (پاڻي) پيئڻ جي نموني جو بيان 92

باب ٣٣ ـ رسول الله ﷺ جي خوشبوءِ هڻڻ جو بيان 94

باب ٣٤ ـ رسول الله ﷺ جي گفتگو يا ڳالهائڻ جو بيان 96

باب ٣٥ ـ رسول الله ﷺ جي ڪلڻ جو بيان 98

باب ٣٦ ـ رسول الله ﷺ جي خوش طبعي ڪرڻ جو بيان 102

باب ٣٧ ـ رسول الله ﷺ جي شعر شاعري پڙهڻ جو بيان 105

www.maktabah.org

باب ٣٨ ـ چانڊوڪي رات ۾ حضور ﷺ جن طرفان ڳالهه ڪٽڻ... 108
باب ٣٩ ـ رسول الله ﷺ جي ننڊ ۽ آرام جو بيان 112
باب ٤٠ ـ رسول الله ﷺ جي عبادت جو بيان 114
باب ٤١ ـ صلوٰة الضحيٰ، منجهند (چاشت) واري نماز جو بيان 120
باب ٤٢ ـ (رسول الله ﷺ جي) گهر ۾ نفل پڙهڻ جو بيان 122
باب ٤٣ ـ رسول الله ﷺ جي روزن رکڻ جو بيان 123
باب ٤٤ ـ رسول الله جي قرات جو بيان 127
باب ٤٥ ـ رسول الله ﷺ جي گريي يا روئڻ جو بيان 129
باب ٤٦ ـ رسول الله ﷺ جي هنڌ يا بستري جو بيان 132
باب ٤٧ ـ رسول الله ﷺ جي نوڙت نهٺائي، انڪساري جو بيان 133
باب ٤٨ ـ رسول الله ﷺ جي سهڻي اخلاق جو بيان 139
باب ٤٩ ـ رسول الله ﷺ جي حياءَ (لحاظ، لڄ) جو بيان 145
باب ٥٠ ـ رسول الله ﷺ جي سنگي هٽائڻ جو بيان 146
باب ٥١ ـ رسول الله ﷺ جي (نوراني) نالن مبارڪن جو بيان 148
باب ٥٢ ـ رسول الله ﷺ جي گذران جو بيان 149
باب ٥٣ ـ رسول الله ﷺ جن جي حياتيءَ يا ڄمار جو بيان 154
باب ٥٤ ـ رسول الله ﷺ جي (هن دنيا مان) وصال جو بيان 156
باب ٥٥ ـ رسول الله ﷺ جي ورثي جو بيان 163
باب ٥٦ ـ رسول الله ﷺ کي خواب ۾ ڏسڻ جو بيان 165
﴿ پڇاڙي ۽ موڪلائي 167
﴿ ڪتابيات (ساٿي ۽ سونهان) 168

www.maktabah.org

www.maktabah.org

# انتساب

نبي پاڪ، صاحب لولاڪ، حضور پر نور ﷺ جن جي سھڻي صورت ۽ دلپذير سيرت بابت ھن بھترين ڪتاب "شمائل ترمذي" جو سنڌي ترجمو ٻنهي جهانن جي سردار، شفاعت دار حضرت محمد رسول الله ﷺ جن جي پاڪ نالي مبارڪ سان منسوب ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو.

ڇاڪاڻ تہ الله تعاليٰ پاڻ سڳورن کي برھان، نور، خاتم النبيين، ڪائنات جو ڪارڻي، اسوة حسنة، خلق عظيم جو صاحب ۽ جهانن لاءِ رحمت بنائي موڪليو آھي. سندن ئي پيروي الله تعاليٰ جي اطاعت آھي.

پاڻ سڳورن جي سنت جي پيرويءَ ۾ دين، دنيا ۽ آخرت جي ڀلائي سمايل آھي.

وَحدہٗ لا شريڪ لَہٗ، جان تو چئين ايئن،
تا مڃ محمد ڪارڻي، نرتئون منجھان نينھن،
تان تون وڃئو ڪيئن، نائين سر ٻين کي. (شاھ)

**عبدالرسول قادري**

"وَاِنَّکَ لَعَلىٰ خُلُقٍ عَظِيْمٍ" (پارو ٢٩، سورة القلم، آيت ٣)

(اي نبي) ۽ بيشڪ تون نهايت عظيم اخلاق جو مالڪ آهين.

"لَقَدْ کَانَ لَکُمْ فِيْ رَسُوْلِ اللّٰهِ اُسْوَةٌ حَسَنَةٌ".

(پارو ٢١، سورت الاحزاب، آيت ٢١)

(اي مسلمانو!) بيشڪ توهان لاءِ رسول الله جي تابعداري ڪرڻ ۾ تمام گهڻي بهتري آهي.

"قُلْ اِنْ کُنْتُمْ تُحِبُّوْنَ اللّٰهَ فَاتَّبِعُوْنِيْ يُحْبِبْکُمُ اللّٰهُ وَيَغْفِرْلَکُمْ ذُنُوْبَکُمْ وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ".

(پارو ٣، سورة ال عمران، آيت ٣١)

(اي حبيب!) توهان فرمايو (اي انسانو!) جيڪڏهن توهان الله سان محبت چاهيو ٿا، ته منهنجي (رسول جي) فرمانبرداري ڪريو، الله توهان سان محبت رکندو ۽ توهان جا گناهه بخش ڪندو ۽ الله بخشيندڙ باجهارو آهي.

"مَنْ يُّطِعِ الرَّسُوْلَ فَقَدْ اَطَاعَ اللّٰهَ"

(پارو ٥، سورة النساءِ، آيت ٨٠)

جنهن رسول جو حڪم مڃيو، پوءِ بيشڪ ان الله جو حڪم مڃيو.

"قَدْ جَآءَکُمْ مِّنَ اللّٰهِ نُوْرٌ وَّ کِتَابٌ مُّبِيْنٌ."

(پارو ٦، سورة المائده، آيت ١٥)

بيشڪ توهان وٽ الله جي طرفان نور آيو ۽ روشن ڪتاب.



www.maktabah.org

# صورت تنهنجي سڀ جڳ موهيو

اکيون مينگهہ ملار، صورت تنهنجي سڀ جڳ موهيو،
سجدو فيل في الحال کيو، پسي مُطلب نور نرار،
ڇاپڻ وقت ڇام جي، ڪريا ڪنگرا ڪوٽ ڪفار،
اڳي آسمانن جو توکي ڪارڻو سير ستار،
"وَلَسَوْفَ يُعْطِيْكَ رَبُّكَ فَتَرْضىٰ" توسين قادر ڪئا قرار،
اُڪنڊئا جي ابر ڪي، سي سرها ٿيا سنگهار،
موڪل ٿي مينهن ڪي دوست هٿان دلدار،
قادر پاڻ قسم ڪيا خاڪ قدمن جا ڪلتار،
آهن ڪرم ڪريم جا، احمد ساڻ اپار.

(شاهہ جو رسالو، سر سارنگ)

---

جهڙا گل گلاب جا، تهڙا مٿن ويس،
چوٽا تيل چنبيلئا، هاها هو هُبيس،
پسئو سونهن سيد چئي نيهہ اڇن تا نيس،
لالن جي لبيس، آتڻ اگر نہ اُجهي.

(شاهہ جو رسالو، سر مومل راڻو)



www.makabah.org

www.maktabah.org

# پنهنجي پاران

سڀ ساراه الله رب العالمين، جهانن جي جوڙيندڙ، سنڀاليندڙ ۽ نڀائيندڙ کي ئي سونهي، جيڪو پنهنجو پاڻ ئي ساراهيل ۽ واڪاڻيل آهي.

لکين ڪروڙين درود ۽ سلام ڪائنات جي ڪارڻي، ٻنهي جهانن جي رحمت، آخري رسول، منڙي محمد ڪريم ﷺ مٿان پڙهجن، جيڪي اسانجا هادي، رهبر، شافع محشر ۽ ساقي حوض ڪوثر آهن.

پيروي ڪندڙن تي پڻ سلامتي هجي.

نبي ڪريم ﷺ الله جا محبوب نبي آهن. الله پاڪ پنهنجي محبوب جو ذڪر پاڻ وڌايو ۽ مٿاهون ڪيو آهي:

فرمايائين: "وَرَفَعْنَا لَكَ ذِكْرَكَ" (الم نشرح - 4)

ترجمو: ۽ تنهنجي خاطر تنهنجو ناماچار بلند ڪري ڇڏيو.

اهوئي سبب آهي تہ نبي ڪريم ﷺ جي سيرت سڄي سڳوريءَ تي هر ٻوليءَ ۾ بيشمار ڪتاب لکيا ويا آهن، ۽ اهو سلسلو جاري رهندو.

انهيءَ ڏس ۾ اسلامي دنيا جي ناmياري امام محمد بن عيسيٰ ترمذي رحہ جو لکيل بابرڪت ڪتاب "الشمائل النبويہ" جنهن ۾ هن پاڻ ڪريمن ﷺ جي سهڻي سيرت ۽ صورت مبارڪ جا ڏاڍا سٺا نقش چٽيا آهن هڪ ملهائتي سوکڙي آهي.

ڪتاب ۾ ڪل 56 باب ۽ قريباً 400 حديثون آهن. اسانجي سونهاري سنڌ جي نالياري عالم ۽ محقق ڊاڪٽر عبدالرسول قادري کي الله تعاليٰ پنهنجي دين ۽ پنهنجي حبيب ڪريم ﷺ سان خاص محبت ۽ عشق عطا ڪيو آهي. هن صاحب "شمائل ترمذي" جو سولو ۽ بامحاوره ترجمو ڪري، سنڌي پڙهندڙن تي وڏو احسان ڪيو آهي.

اڄ انسان وڏي وٿ پڇاڻ ۽ نفسا نفسي ۾ وڪوڙجي ويو آهي.

www.maktabah.org

زندگي جو معيار وڏائڻ جي خفت ۾ دنياوي عيش ۽ مزن جي ڪِڌ ڊوڙندڙ اڄوڪو انسان حيران پريشان آهي. سندس قلب جو قرار ۽ روح جي راحت ڪسجي ويئي آهي. راتين جي ننڊ ۽ ڏينهن جو قرار ڳولهيو نہ ٿو لڀي.

ننڍڙن ٻارن جي واتان بہ "ٽينشن" ۽ "ڊپريشن" جا لفظ ٻڌڻ ۾ اچن ٿا.

هن جو مکيہ سبب الله ۽ الله جي رسول ﷺ جي رحمت ڀرئي تعليم کان دوري آهي.

اسانکي سچي دل سان الله ۽ ان جي رسول ﷺ جي واٽ تي اچڻو پوندو ۽ سيرت پاڪ جي مطالعي سان اهو ڪم آسان ٿيندو.

الله جي سچي رسول ﷺ جي رحمت ڀرئي تعليم ۽ پيغام کي عام ڪرڻ مهراڻ اڪيڊمي جو مکيہ مقصد آهي. شال الله پاڪ پنهنجي حبيب ڪريم ﷺ جي ڏسيل واٽ تي هلائي ۽ سڀني مسلمانن کي پنهنجي حبيب ڪريم ﷺ جي شفاعت نصيب ٿئي. آمين يا رب العالمين.

16 ڊسمبر 2007ع

قمر ميمڻ
سيڪريٽري
مهراڻ اڪيڊمي

www.maktabah.org

# مهاڳ

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَليٰ رَحۡمَةً لِّلۡعَالَمِيۡنَ.

جيتوڻيڪ هيءُ جديد سائنس ۽ ٽيڪنالاجي، ايٽم ۽ ڪمپيوٽر جو دور آهي. بظاهر دنيا جي هر آسائش ۽ آرام سهولت موجود آهي، پر پوءِ بہ سراسري طور اطمينان قلبي نصيب ڪونهي. خود ڪشين، خود سوزين، ڊپريشن، ڌاڙا ڦرون، چوري سينہ زوري، نشو، رشوت، ظلم زيادتي، ايٽم بم، جنگيون، انتشار افراتفري، ناحق خون ريزي ۽ مار ڌاڙ ۾ ڪابہ گهٽتائي ڪانهي. اجان بہ واڌارو ٿو ڏسجي. "چري ڪيئن؟ چي ويرؤن ويرؤن وڌ!" وارو معاملو آهي.

دل کي سڪون، قلب کي قرار، روح کي راحت ۽ نيٺن ۾ ننڊ ڪانهي. وڏن دنيادار شاهوڪار ماڻهن کي تہ نشي آور گورين کان سواءِ ننڊ ڪانہ ٿي اچي. ظاهري دنياوي ترقي تہ گهڻي آهي. چنڊ تي پهچڻ جون دعوائون ۽ ڳالهيون تہ ٿين ٿيون، پر اسان پنهنجي وجود کان بنهہ غافل آهيون. ايتري قدر جو پنهنجو پاڻ بہ وساري ڇڏيو اٿئون، تہ اشرف المخلوقات انسان جو هن دنيا ۾ اچڻ جو اصل مقصد ڪهڙو آهي؟

الله تعاليٰ قرآن مجيد ۾ فرمايو آهي:

"وَمَا خَلَقۡتُ الۡجِنَّ وَالۡاِنۡسَ اِلَّا لِيَعۡبُدُوۡنَ."

(پارو ٢٧، سورة الذاريات، آيت ٥٦)

ترجمو: ۽ مون (الله) جنن ۽ انسانن کي پنهنجي عبادت لاءِ پيدا ڪيو آهي.

سنڌ جي سرتاج شاعر شاهہ عبداللطيف ڀٽائي پنهنجي جڳ مشهور "رسالي" جي سر "مومل راڻي" ۾ اُن ۽ سندس مالڪ جي روپ ۾، هن آيت



www.makabah.org

جو ترجمو هنن تمثيلي لفظن ۾ ڏنو آهي تہ ڪر هي يا اُن جي مالڪ ڏٺي تہ اٺ ڪي وڏي پنڌ ۽ ڪشالي واري سفر ۽ ڪم ڪار لاءِ ڏاريو پاليو آهي.

ڪرها ڪارڻ ڪاه، توڪي ڏٺين ڏاريو،
ساري ڏيج سيد چئي، لڌٽي تان لاه،
مقابلو مومل سين، ٿينڊءِ سنجھ صباح،
سوڍي جي صلاح، ڪؤنر چرندين ڪاڪ جا. (شاھ)

ٻئي شاعر بہ سهڻي ڳالھ ڪئي آهي تہ هي سڄي دنيا انسان لاءِ پيدا ٿي آهي ۽ خود انسان الله تعاليٰ جي معرفت ۽ عبادت لاءِ پيدا ٿيو آهي:

جانور پيدا هوئي، تيري وفا کي واسطي،
کهيتياں سر سبز هيں، تيري غذا کي واسطي.
چاند سورج اور ستاري، هيں ضيا کي واسطي،
سارا جهان تيري لئي اور تو خدا کي واسطي.

ٿڌي دل ۽ دماغ، ڏاهپ ۽ دانائي سان غور فڪر ڪري ڏسبو، تہ آخرڪار انهي سڄي ابتر صورتحال جو ذميدار ڪير آهي؟ انهي بيقراريءَ ۽ عدم اطمينان جي وڇڙندڙ وڌندڙ مرض جو علاج ۽ دوا دارون ڪهڙو آهي؟

ان جو شرطيہ علاج بہ قرآن مجيد ۾ سمايل آهي. حضرت شاھ ڀٽائي بہ پنهنجي آفاقي ڪلام ۾ چيو آهي:

فڪر سين فرقان ۾، اسم اعظم ڏور،
ٻيا در وجي مَ ووڙ، اي اَمل اتاهين سڀجي. (شاھ)

فرقان جي فڪر جو نچوڙ هي آهي: "الله تعاليٰ جي معرفت ۽ عبادت، قرآن ۽ سنت رسول جي پيرويءَ، صالحن جي صحبت ۽ خلق جي خدمت."

سنڌ جو شاھ ڀٽائي بہ ڏس ڏئي ٿو تہ:

جي پائين جوڳي ٿيان، تہ پر ڪلمي جي پار،
پنجن سان پورو رھ، آيا ٽيھ مَ ٽار،
تڏهن ڏاڳا ڏار، جڏهن راھ سڃاڻين رب جي. (شاھ)

سر ڪلياڻ ۾ شاھ لطيف، قرآن ۽ سنت جي پيغام عمل ڪي اجان بہ هنن سهڻن لفظن ۾ کولي ٻڌايو آهي:


www.maktabah.org

وحده لا شريڪ لہ، جوڳ جوندو آءُ.
فرض واجب سنتون، تنئون ترڪ مَ پاءِ،
توبهہ سندي تسبيح، پڙهي سا پچاءِ،
نگا! پنهنجي نفس کي، ڪا سنئين راهہ سونهاءِ،
سپريان جي ڳالهڙي، هيءُ هينين سان هنداءِ،
تہ سندي دوزخ باهہ، تو اوڏيائي نہ اچي. (شاهہ)

صحيفا، سوانح، سيرت ۽ تاريخ شاهد آهن، تہ الله تعاليٰ انسانن جي سڌاري ۽ واڌاري، حق ۽ هدايت، رهبري ۽ رهنمائي لاءِ نبي ۽ رسول موڪليندو رهيو ۽ نبي حضرت محمد رسول الله ﷺ جن آخري نبي آهن. پيارو پيغمبر ﷺ شريعت ۽ طريقت، معرفت ۽ حقيقت، علم ۽ عمل، رهنمائي ۽ اعليٰ اخلاق جو سچ چنڊ آهي، تہ سندن اصحاب سڳورا انهي نبويءَ سنسار جا روشن ستارا آهن.

الله تعاليٰ، حضور پر نور ﷺ کي اعليٰ اخلاق جي عظيم نعمت سان نوازيو ۽ دنيا لاءِ مثالي نمونو ڪري پيش ڪيو.

ارشاد رباني آهي:

"وَاِنَّکَ لَعَليٰ خُلُقٍ عَظِيْمٍ" (پارو ٢٩، سورة القلم، آيت ٤)

ترجمو: (اي نبي!) بيشڪ تون نهايت عظيم اخلاق جو مالڪ آهين.

"لَقَدْ كَانَ لَكُمْ فِي رَسُوْلِ اللّٰهِ اُسْوَةٌ حَسَنَةٌ۔

(پارو ٢١، سورة الاحزاب، آيت ٢١)

ترجمو: بيشڪ توهان لاءِ رسول الله ﷺ جي تابعداري ڪرڻ ۾ تمام گهڻي بهتري آهي.

مؤمنن جي ماءُ حضرت عائشہ صديقہ رضي الله عنها کان پاڻ سڳورن ﷺ جي زندگيءَ بابت پڇيو ويو تہ مؤمنن جي ماءُ چيو:

"ڪان خلقہ القرآن" مطلب تہ نبي پاڪ ﷺ جن جي صورت ۽ سيرت قرآن موافق آهي.

"شمائل ترمذي" ۾ بہ روايت آهي، تہ "حضور ﷺ جن جو منهن


www.makiabah.org

مبارڪ قرآن جو ورق هو."

قرآن مجيد ۾ حضور ﷺ جن جي اطاعت ۽ پيرويءَ کي الله تعاليٰ پنهنجي اطاعت ۽ تابعداري چيو آهي:

"مَنْ يُّطِعِ الرَّسُوْلَ فَقَدْ اَطَاعَ اللّٰهَ" (پارو۵، سورة النساءِ، آيت ۸۰)

ترجمو: جنهن رسول عربي جو حڪم مڃيو، پوءِ بيشڪ ان الله جو حڪم مڃيو.

الله تعاليٰ قرآن مجيد ۾ حضور ﷺ جي اطاعت ۽ تابعداري بابت هن ريت درس ڏنو آهي:

"قُلْ اِنْ كُنْتُمْ تُحِبُّوْنَ اللّٰهَ فَاتَّبِعُوْنِيْ يُحْبِبْكُمُ اللّٰهُ وَيَغْفِرْلَكُمْ ذُنُوْبَكُمْ وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ"

(پارو ۳، سورة ال عمران، آيت ۳۱)

ترجمو: (اي حبيب) توهان فرمايو (اي انسانو!) جيڪڏهن توهان الله سان محبت چاهيو تا ته منهنجي (رسول جي) فرمانبرداري ڪريو، الله توهان سان محبت رکندو ۽ توهان جا گناهه بخش ڪندو ۽ الله بخشيندڙ ٻاجهارو آهي.

رسول الله ﷺ جن جي روشن زندگيءَ ۽ تعليم، صورت ۽ سيرت امت لاءِ مثالي نمونو آهي. اصحابن سڳورن حضور ﷺ جن جي قول ۽ عمل ۽ هر ادا کي ياد رکيو. ان تي عمل ڪري اسان پوئين امت لاءِ روشن مثال قائم ڪيو.

ان ڏس ۾ امام ابو عبدالله محمد بن اسماعيل بخاري (۱۹۴ھ ـ ۲۵۶ھ ـــــ جامع صحيح بخاري) جي شاگرد امام ابو عيسيٰ ترمذي (۲۰۹ھ ـ ۲۷۹ھ) رسول الله ﷺ جي سهڻي صورت ۽ دلپذير سيرت بابت احاديث نبويءَ جي وڏي ذخيري مان چونڊ ڪري، لڳ ڀڳ چئن سون حديثن مبارڪن جو ڪتاب "الشمائل النبويه" مشهور "شمائل ترمذي" نالي سان تيار ڪيو. اهو ڪتاب پاڻ سڳورن جي زندگيءَ ۽ تعليم بابت هڪ سر سبز شاداب ۽ هٻڪار ڀريو باغ آهي. جنهن جي گلن ڦلن، غنچن ۽ ٻوٽن جي سڳند سرهاڻ تا قيامت جاري ساري رهندي. امام ترمذيءَ هن

ڪتاب "شمائل ترمذي" ۾ پاڻ سڳورن جي سونهري زندگيءَ جا سهڻا چٽ چٽيا آهن.

هن پياري ڪتاب ۾ نبي پاڪ ﷺ جي متي مبارڪ کان وٺي، پيرن ۽ پيزار مبارڪ تائين سراپا زندگي شامل آهي. امام ترمذي حضور ﷺ جن جي زندگيءَ مبارڪ کي هن ڪتاب ذريعي ڄڻ ته درياءَ کي ڪوزي ۾ سمائي، امت لاءِ بهترين نمونو ۽ سهڻو مثال پيش ڪيو آهي. سندن زندگيءَ مبارڪ کي ڪليل ڪتاب وانگر سيني جي سامهون آڻي ڇڏيو آهي.

پاڻ سڳورن جي اٿڻ ويهڻ، کائڻ پيئڻ ۽ رهڻي ڪهڻي جا سمورا نقش و نگار روشن ڪري، امام ترمذي هن ڪتاب "شمائل ترمذي" ۾ حضور پر نور ﷺ جن جي هر ادا کي نرالي انداز ۾ لکي ڪمال ڪري ڇڏيو آهي.

هن ڪتاب مان معلوم ٿئي ٿو ته، "نبي پاڪ، صاحب لولاڪ ﷺ جو منهن مبارڪ ڄڻ ته قرآن جو ورق هو." سندن وار مبارڪ ڪيئن سهڻا سنواريل هئا. ڦڻي ڪنگو ڪيئن ڏيندا هئا. سندن ڪجليون اکيون ڪيئن نور سان ڀرپور هيون؟ "اکيون مينگهه ملهار، صورت تنهنجي سڀ جڳ موهيو."

سندن منديءَ مبارڪ ڇا جي ٺهيل هئي. ان تي "محمد رسول الله" لکيل هو. خدا ئي نشاني "مهر نبوت" جو نمونو ڪهڙو هو. سندن جتيءَ مبارڪ ڪيئن ۽ ڇا جي ٺهيل هئي؟ جيڪا فرش کان عرش تائين پهتي.

پاڻ سڳورا ﷺ ماني کائيندا ۽ پاڻي ڪيئن پيئندا هئا. ڪين "ڪدو" تمام گهڻو وڻندو هو. کائڻ پيئڻ کان پوءِ پنهنجي رزاق رب العالمين جو شڪر ڪهڙن لفظن ۾ ادا ڪندا هئا ۽ سندن ٿانءُ ٿپا ڪهڙا هئا؟

سندن سادو لباس، صاف سٿري پوشاڪ ۽ هنڌ بسترو ڪهڙو هو. ڪين ڪهڙي خوشبوءِ وڻندي هئي، خدا جي راهه ۾ جهاد ياسر ڏڙ جي بازي ڪيئن لڳائيندا هئا. سندن جنگي هٿيار پهنوار ڪهڙا هئا. سندن گفتار ۽ رفتار ڪيئن هئي. پاڻ خوش طبعي ڪيئن ڪندا هئا؟ پاڻ سڳورا مرڪندا هئا، ته سندن ڏندن مبارڪن مان ڄڻ موتي پيا جرڪندا هئا ۽ نور جون لاٽون ڏسبيون هيون.

عبادت ۽ رياضت ڪهڙي ۽ ڪيئن ڪندا هئا؟ نياز نوڙت، انڪساري، سخاوت، دوا درمل، احتياط، گهرو ڪم ڪار ۾ مدد ڪيئن


www.maktabah.org

ڪندا هئا. نماز ڪيئن پڙهندا ۽ روزا ڪيئن رکندا ۽ الله جي قرآن جي تلاوت ڪيئن ڪندا ۽ ٻڌندا هئا؟

گهر وارن جي دلجوئي ۽ رات جو ڪچهري ڪيئن ڪندا هئا؟ سندن حسن و جمال، قد و قامت ۽ جسم جي بناوت ۽ بيهڪ وڻندڙ هئي. سندن پگهر مبارڪ به خوشبودار هو.

سندن زندگيءَ مبارڪ ۾ رات ڏينهن جو ٽائيم ٽيبل ڪيئن هو؟ خدا ئي احڪام ۽ سنت رسول جو پيغام ڪيئن پهچائيندا هئا. شعر ۽ شاعري ڪهڙي پسند ڪندا هئا. سندن خوشيءَ ۽ غمي جو انداز ڪهڙو هوندو هو. پاڻ سڳورن کي آسمان ۽ زمين ۾ ڪهڙن ڪهڙن سهڻن نالن مبارڪ سان سڏيو ويندو هو ۽ هن ظاهري دنيا مان ڪهڙي حالت ۾ موڪلايائون؟

مطلب ته هن ڪتاب پڙهڻ سان سنت نبويءَ تي عمل جو جذبو پيدا ٿئي ٿو.

پاڻ سڳورا ﷺ اعليٰ عظيم بلند اخلاق جا مالڪ هئا. پاڻ ڪهڙو مال ملڪيت ۽ ورثو ترڪو ڇڏيائون؟ ڪنهن جي لاءِ ڇڏيائون. خواب ۾ پاڻ سڳورن ﷺ جي زيارت ۽ ديدار جو ڪهڙو مرتبو مقام شرف ۽ شان آهي؟ مقصد ته حضور پر نور نبي ﷺ جن جي پوري زندگيءَ مبارڪ جو نچوڙ هن ڪتاب ۾ سمايل آهي.

هزار سال کان مٿي عرصو گذريو آهي، ته به هن ڪتاب "شمائل ترمذي" جي اهميت ۽ عظمت تا ابد برقرار آهي. هيءُ ڪتاب عالم ۽ حديث جا استاد دوره حديث ۽ مدرسن ۾ پڙهائيندا تا اچن ۽ شاگرد به شوق ۽ محبت سان پڙهن تا. ان ڪري هن ڪتاب جا هر ٻوليءَ ۾ ترجما ۽ شرح لکيا ويا آهن. ضرورت هئي ته هن بهترين ڪتاب جو بامحاوره سليس سنڌيءَ ۾ ترجمو ۽ شرح لکيو وڃي.

انشاءَ الله تعاليٰ شرح به لکيو ويندو. في الحال سليس سنڌي ترجمي جي ضرورت آهي، ته جيئن محبوب نبي ﷺ جي ڪلام ۽ پيغام جو اصل متن رهنمائي ۽ پيروي لاءِ سامهون رهي.

هاڻ ته هن وقت امت محمدي ڏاڍي مشڪل ۽ ڏکئي دور مان گذري رهي آهي. چوڌاري طرف شيطاني ڄار وڇايل آهن. هر طرف بي عملي


www.maktabah.org

جو طوفان ذوڪي رهيو آهي. چوڌاري فتني فساد جون هوائون گُهلي رهيون آهن.

ضرورت آهي تہ اهڙيْ ڪٺن دور ۾ امت محمدي، الله ۽ رسول جي دفاع ۾ اچي. قرآن حڪيم ۽ سنت نبويءَ جي رهنمائي ۽ پيروي تي عمل پيرا رهي ۽ پنهنجا بئي جهان موچارا ڪري !

اهو جذبو دل ۾ رکي، ڪائنات جي ڪارڻي، هادي ۽ رهبر حضرت محمد رسول الله ﷺ جن جي سهڻي صورت ۽ دلپذير وڻندڙ سيرت پاڪ بابت هن شاهڪار ڪتاب "شمائل ترمذي" جو بامحاوره سليس سنڌي ترجمو ڪيو ويو آهي. اميد تہ حضور پر نور نبي ﷺ جا امتي سندن شاندار صورت ۽ جامع سيرت جي پيروي ڪري، دنيا ۽ آخرت ۾ ابدي سعادت ۽ ڪامل ڪاميابي ماڻيندا.

يا هُج پرين وٽ، يا ڪر پرين جي پچار،
پنهين ڳالهين ڌار، شل قادر ڪنهن کي نہ ڪري.

مني مرسل ﷺ جي شفاعت ۾ اميدوار

**عبدالرسول قادري**

ولد مجنون خان مگسي

| | |
|---|---|
| يوم الجمعہ | ڳوٺ بخشو مگسي (ديهہ ۽ دڙي مگسي) |
| ۱ ربيع النور ۱۴۲۷ هجري | يونين ڪائونسل ماروي، تعلقہ سڪرنڊ، |
| ۳۱ مارچ ۲۰۰۶ع | ضلعو نواب شاهہ، سنڌ. |


www.maktabah.org

# امام ترمذي جي زندگيءَ جو احوال

الله تعاليٰ پنهنجي ٻاجهه سان جنهن کي ديني ۽ دنياوي ڀلائي لاءِ چونڊيندو آهي، ان کي دنياوي عظمت سان گڏ دين جي سمجهه، امت جي اصلاح، عشق رسول، درد دل، خدمت خلق ۽ علمي خدمت جو ڀاڱو نصيب ڪندو آهي.

امام ترمذي رحمة الله عليه به امت جي انهن ڀلارن اڪابرن مان وڏي پايي جو محدث، عاشق رسول، مصنف، حافظ الحديث ۽ عابد زاهد ٿي گذريو آهي. نوراني نبويءَ حديثن جي خدمت ۽ علم حديث جي تصنيف ۽ تاليف ۾ سندس شاندار خدمتون آهن. خاص ڪري "صحاح سته" ۾ شامل سندس حديث جو ڪتاب "جامع ترمذي" ۽ رسول الله ﷺ جن جي سهڻي صورت ۽ وڻندڙ سيرت بابت ڪتاب "شمائل ترمذي" علمي دنيا ۾ جڳ مشهور ڪتاب آهن.

امام ترمذي رحمة الله عليه حديث بابت پنهنجي ڪتاب "جامع ترمذي" لاءِ چيو آهي ته: "مون هيءُ ڪتاب لکي مرتب ڪري، حجاز، عراق ۽ خراسان جي عالمن کي ڏيکاريو. انهن سڀني عالمن پڙهي ڪتاب کي پسند ڪيو. جنهن گهر ۾ هيءُ ڪتاب موجود آهي. هي سمجهو ته اتي خود نبي پاڪ ﷺ ڳالهائي رهيو آهي."

**نالو ۽ نسب:** سندس نالو محمد، پيءُ جو نالو عيسيٰ ۽ ڏاڏي جو نالو سورة ۽ ڪنيت ابو عيسيٰ آهي. سندس نسب جو سلسلو هيءُ آهي: امام ابو عيسيٰ محمد پٽ عيسيٰ پٽ سورة پٽ موسيٰ پٽ الضحاڪ پٽ السڪن السُلمي البوغي الترمذي.

سندس تعلق قبيلي بني سليم سان هو. السُلمي نسبت آهي قبيلي بني سليم بطن قيس بن عيلان جي طرف.



www.maktabah.org

**ولادت، ڳوٺ ۽ رهائش:** امام ترمذي بلخ جي ويجهو شهر ترمذ جي ڳوٺ "بوغ" ۾ سال ٢٠٩ هجري ـ ٨٢٤ع ۾ ڄائو.

ڳوٺ بوغ تعلقي ترمذ ضلعي بخارا ۾ درياءَ جيحون جي ڪناري تي ترمذ کان ٽي يا ڇهه فرسنگ پري آهي.

ترمذ هڪ قديم شهر جو نالو آهي، جو امودار يا (جنهن کي درياءَ جيحون ۽ نهر بلخ به چئبو آهي) جي اپرندي ڪناري تي آباد آهي. "معجم البلدان" ۾ به آهي ته، ترمذ درياءَ جيحون جي اپرندي ڪناري تي مشهور شهر آهي، جو "جامع ترمذي" جي مؤلف ابو عيسيٰ محمد بن عيسيٰ ترمذي جو وطن هو.

ترمذ ۾ ت تي زبر، پيش ۽ زير ٽئي اچار آيل آهن، پر مشهور ۽ مقامي لهجي ۾ ت تي زير آهي يعني ترمذ.

جيتوڻيڪ سندس ڄم ترمذ علائقي جي ڳوٺ بوغ ۾ ٿيو، پر جيئن ته مشهور ويجهو وڏو شهر "ترمذ" هو، ان ڪري پاڻ علمي دنيا ۾ "امام ترمذي" جي نالي مشهور ٿيو.

**علم پرائڻ:** امام ترمذي شروعاتي تعليم پنهنجي ڳوٺ ۽ تر ۾ پرائي. بعد ۾ وڌيڪ تعليم پرائڻ ۽ علم حديث خاطر پنهنجي وطن سان گڏ خراسان، عراق، بصره، ڪوفه، شام، مصر ۽ حجاز جو سفر ڪيو. خاص ڪري علم حديث وڏن استادن جي خدمت ۾ رهي پرايو ۽ فن حديث، جمع ترتيب ۽ درس تدريس تي عبور حاصل ڪيو.

**استاد ۽ رهبر:** امام ترمذي جا استاد به پنهنجي دور ۾ وڏا فاضل ۽ علم جا گوهر هئا. خاص ڪري علم حديث ۾ وڏي مرتبي ۽ ڪمال جا صاحب هئا. امام ترمذي خوش قسمت انسان هو، جنهن کي اعليٰ ۽ ارفع درجي جا ڪامل استاد مليا ۽ پاڻ سفر جون تڪليفون سهي، انهن ڪامل استادن جي خدمت ۾ رهي علم حاصل ڪيو.

امام ترمذي فقه حديث جو فن امام محمد بن اسماعيل بخاري (جامع صحيح بخاري، وفات ٢٥٦هه ـ ٨٦٩ع کان حاصل ڪيو.

جيتوڻيڪ امام ترمذي، حضرت امام بخاريءَ جي مايه ناز شاگردن مان آهي، پر امام ترمذي کي هي شرف به حاصل آهي، جو خود سندس



www.makabah.org

استاد امام بخاري بہ پنهنجي شاگرد امام ترمذي کان حديث جو سماع ڪيو آهي. امام بخاري ڪي پنهنجي هن شاگرد تي ناز هو، پر ان جي باري ۾ هي بہ چيو تہ: "مون توکان هن کان وڌيڪ فائدو ورتو، جيترو تو مون کان فائدو پرايو آهي."

امام ترمذي جي ٻين استادن مان مشهور هي استاد آهن: قتيبہ بن سعيد، ابو مصعب، ابراهيم بن عبدالله هروي، اسماعيل بن موسيٰ اسدي، سويد بن نصر، علي بن حجر، محمد بن عبدالملڪ بن ابي الشوارب ۽ عبدالله بن معاويہ جمحي رحمة الله عليهم !

**شاگرد ۽ درس تدريس:** جيئن تہ ان وقت خراسان ۽ ماوراء النهر جي علائقي ۾ امام ترمذي جي پايي جو ٻيو ڪو محدث ڪونہ هو. ان ڪري هر طرف کان حديث جا طالب العلم وٽس اچي فائدو وٺندا رهيا. امام ترمذي حديث جي وڏي خدمت ڪئي آهي. حديث نبويءَ جا ڪتاب لکيا ۽ شاگردن کي فيض پهچايو. گهڻن ئي ماڻهن کانئس حديث جو سماع ڪيو. سندس شاگردن جي وڏي فهرست آهي. سندس چند مشهور شاگردن جا نالا هي آهن: ابو حامد احمد بن عبدالله بن داؤد مروزي، هيثم بن ڪليب شامي، ابوالعباس محبوبي مروزي، احمد بن يوسف نسفي، ابو الحارث اسد بن حمدويہ، داؤد بن نصر بن سهيل بزدوي، عبد بن محمد بن محمود نسفي، محمد بن نمير، محمد بن مڪي، ابو جعفر محمد بن سفيان بن نصر نسفي، محمد بن منذر بن سعيد هروي ۽ امام بخاري رحمة الله عليهم !

**ذهن ۽ حافظو:** الله تعاليٰ کيس ظاهري باطني ڀلاين سان گڏ اعليٰ ذهن ۽ تيز حافظو بہ عطا فرمايو هو. ذڪي ذهن ۽ حفظ ياد داشت ۾ پنهنجي زماني ۾ ضرب المثل بنجي مشهور ٿي چڪو هو. وڏا وڏا محدث ۽ استاد سندس حافظي جي قوت جا حيرت انگيز واقعا ٻڌي عجب ۾ پئجي ويندا هئا. امام ذهبي بہ "تذڪرة الحفاظ" ۾ امام ترمذي جي بيمثال حافظي جو مثال ڏئي تعريف ڪئي آهي.

**زهد ۽ تقويٰ:** امام ترمذي زهد ۽ پرهيزگاريءَ، خوف خدا، ۽ عبادت ۾ عامل ڪامل هو، رات ڏينهن عبادت ۽ خدا جي خوف ۾ روئڻ

ڪري سندس نظر تي اثر پيو ۽ پڇاڙي عمر ۾ اکين کان بہ جڏو ٿي ويو هو.

**تصنيف تاليف:** درس تدريس، زهد ۽ عبادت سان گڏ، امام ترمذيءَ تصنيف تاليف جي خدمت ۾ بہ قلم هلايو. ڪيس حديث پاڪ سان گڏوگڏ تفسير ۽ فقه تي بہ ڪافي دسترس هئي، جا جامع ترمذيءَ مان ظاهر آهي. سندس مشهور ڪتابن جا نالا هي آهن: جامع ترمذي، علل الصغير، علل الڪبير، ڪتاب الاسماء الڪني، ڪتاب الزهد، ڪتاب الجرح والتعديل ۽ الشمائل النبويہ (شمائل ترمذي).

**وفات ۽ مدفن:** امام ترمذي ۽ ديني علوم خاص ڪري علم حديث نبويءَ جي خدمت ۾ سڄي عمر مصروف رهيو. ستر سالن جي عمر ۾ تاريخ ١٣ رجب ٢٧٩ هجري (٩٣ - ٨٩٢ع) ترمذ ۾ وفات ڪئي ۽ اتي ترمذ ۾ دفن ٿيو.

سندس وفات ۽ مدت عمر ڪنهن شاعر هن شعر ۾ بيان ڪئي آهي:

الترمذي محمد ذو زين،
عطر وفاة عمره في عين،
٢٧٩ ٧٠

امام ترمذي رحمة الله عليہ جي سوانح حيات، سندس دور ۽ علمي خدمتن تي ڊاڪٽر نور الدين تمر نالي محقق ضخيم ڪتاب لکي، دمشق يونيورسٽي شام مان Ph.D ڪئي آهي. اهو ڪتاب قاهره مصر مان ١٣٩٠ھ - ١٩٧٠ع ۾ شايع بہ ٿيو آهي.


www.makhzan.org

**الشمائل النبويہ:** امام ذهبي "تذڪرة الحفاظ" ۾ لکيو آهي، امام ترمذي جو پنهنجو بيان آهي تہ:

"**مون پنهنجو هي ڪتاب (جامع ترمذي) لاءِ، خراسان، عراق ۽ حجاز جي عالمن سامهون پيش ڪيو. سڀني هي ڪتاب پڙهي ان کي پسند ڪيو. جنهن گهر ۾ حديث جو هيءُ ڪتاب موجود آهي. هي سمجهو تہ خود اتي نبي پاڪ ﷺ ڳالهائي رهيو آهي.**"

حقيقت بہ اها آهي تہ جامع ترمذيءَ جي اها مقبوليت برحق آهي، پر امام ترمذي جو رسول الله ﷺ جن جي سهڻي صورت ۽ وڻندڙ سيرت بابت لکيل هيءُ مختصر ۽ جامع ڪتاب "شمائل ترمذي" جنهن جڳهہ تي موجود هوندو، چئو تہ اتي پاڻ رسول الله ﷺ جن پنهنجي ظاهري صورت ۽ جامع سيرت سان گڏ موجود آهن.

امام علي بن سلطان محمد قاري شرح شمائل ۾ هن ڪتاب جي عظمت بيان ڪندي لکيو آهي تہ" "امام ترمذي نبي پاڪ ﷺ جن جي سيرت ۽ صورت بابت هي کهڙو نہ سهڻو ڪتاب لکيو آهي، جيڪو آهي تہ مختصر، پر موضوع جي لحاظ کان جامع ۽ مڪمل آهي. جڏهن هيءُ ڪتاب پڙهجي ٿو، تہ ايئن محسوس ٿئي ٿو تہ پاڻ سڳورن جي زندگيءَ مبارڪ اکين سان ڏسي رهيا آهيون. سندن زبان مبارڪ جو هر پهلو اکين اڳيان اچي وڃي ٿو."

"خصائل نبويءَ" ۾ مولانا محمد زڪريا ڪانڌلوي هن ڪتاب جي مواد ۽ اهميت بابت تحرير ڪيو آهي تہ: "مصنف (امام ترمذي) اهي حديثون ذڪر ڪيون آهن، جي حضور پاڪ ﷺ جي ظاهري صورت يا حليي مبارڪ جي باري ۾ آيون آهن ..... نور مجسم ﷺ جي زندگيءَ جي تصوير چٽڻ تہ لکڻ کان ٻاهر آهي، پر اصحابن سڳورن پنهنجي همت موافق ان کي بيان ڪيو آهي. قرطبي چوي ٿو تہ، حضور پاڪ ﷺ جو



www.makhtabah.org

پورو حسن جمال ظاهر نہ ڪيو ويو، نہ تہ ماڻهو حضور ﷺ کي ڏسڻ جي طاقت نہ رکن ها .....

اصحابن سڳورن جو امت تي وڏو احسان آهي جو حضور ﷺ جي علم ۽ معرفت جي روحاني ڪمالات سان گڏوگڏ حسن ۽ جمال جي ظاهري ڪمالات جو پيغام امت تائين پهچايو ..... امام ترمذي چار سؤ حديثون چونڊي هي ڪتاب (شمائل ترمذي)·مڪمل ڪيو."

علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي "فضائل النبي" جي تعارف ۾ بہ لکيو آهي تہ: "خاتم الانبياء محمد رسول الله ﷺ جي سهڻي صورت ۽ سيرت تي سوين ڪتاب لکيا ويا، پر جيڪا مقبوليت امام ترمذيءَ جي ڪتاب "شمائل النبي" کي حاصل ٿي، سا بي ڪنهن بہ ڪتاب کي نہ ملي سگهي. هن ڪتاب کي عالم اسلام جي مدارس ۾ پڙهايو وڃي ٿو ۽ هن جا ڪيئي شرح لکيا ويا."

شمائل ترمذي جي تصنيف ۽ ترتيب امام ترمذي جو شاهڪار ڪارنامو آهي." تذڪرة المحدثين" ۾ مولانا ضياءُ الدين" اصلاحي رقمطراز آهي:

"جيئن حضور ﷺ جا ارشاد گرامي مسلمانن لاءِ واجب العمل آهن، اهڙي ريت پاڻ سڳورن جا اخلاق مبارڪ، اعمال، طور طريقا، رهڻي ڪهڻي ۽ سندن زندگيءَ جو هر پهلو "اسوة حسنة" جي حيثيت رکي ٿو. جيتوڻيڪ حديث جي ڪتابن ۾ پاڻ سڳورن جا اهي حالات ٽڙيل پکڙيل صورت ۾ هئا ......... پر اها سعادت سيني ڪان پهريان امام ترمذي جي ڪُٺي ۾ آئي، تہ ان حضور ﷺ جي حليہ مبارڪ لباس، سامان، رفتار گفتار، اٿڻ ويهڻ، اخلاق ۽ عمل ۽ سهڻين صفتن بابت جيتريون روايتون امام ترمذي کي پهتيون، انهن کي ترتيب ڏئي "شمائل ترمذي" ۾ شامل ڪري ڇڏيون. هيءُ ڪتاب مختصر آهي، پر اهڙو جامع آهي، جو هن ۾ نبي پاڪ جي اعليٰ اخلاق ۽ عمل جو پورو نقشو چٽيل آهي."

عاشق رسول امام يوسف نبهاني پنهنجي ڪتاب "وسائل الوصول الىٰ شمائل الرسول" ۾ محبت جو اظهار هنن لفظن ۾ ڪيو آهي.

"نبي پاڪ ﷺ جا سهڻا سخن ۽ اعليٰ اخلاق جو سهڻو ذڪر دل ۽


www.makhtabah.org

روح لاءِ فرحت ۽ خير و برڪت جو سبب آهي ..... حضور نبي عليه السلام جي شمائل جي جمع ۽ ترتيب، سندن قول ۽ عمل جي معرفت سان دل ۾ حضور جي محبت پيدا ٿئي ٿي ...... پاڻ سڳورن ﷺ جي اخلاق ۽ سهڻين صفتن کي گڏ ڪرڻ ۽ پڙهڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ جي توفيق نصيب ٿئي! پاڻ سڳورن ﷺ جي سخاوت، حلم ۽ بردباري، زهد ۽ قناعت ۽ تواضع کي اسان پنهنجي لاءِ نمونو بنايون. اهو ئي الله تعاليٰ ۽ ان جي رسول ﷺ جي محبت ۽ دين دنيا جي ابدي سعادت پلائي جو ذريعو آهي."

شمائل ترمذي جي اهميت ۽ ضرورت، افاديت ۽ عظمت جي پيش نظر هر دور ۾ عاشق رسول عالمن ۽ فاضلن، ترجمي نگار ۽ شارحن عربي، فارسي، سنڌي، ترڪي، انگريزي، پشتو ۽ اردو ٻولين ۾ ان جا ڪيترا ترجما ۽ شرح لکيا آهن.

"ڪشف الظنون" ۾ "شمائل" جي عربي ۽ ترڪي ۾ ڏهاڪو ترجمي ۽ شرحن جو ذڪر ڪيل آهي. تاريخ ۽ رجال جي تصنيفات ۾ شمائل ترمذي جي اندازاً چاليهه ترجمن ۽ شرحن جي ڪتابن جا نالا دستياب آهن.

www.maktabah.org

# حضرت محمد رسول الله ﷺ

الله تعاليٰ ڪن فيڪون سان ڪائنات قائم ڪئي. جيتوڻيڪ انسان جو سلسلو حضرت آدم عليه السلام کان شروع ٿيو آهي، پر "انا اول المسلمين" حضور ﷺ جن جي عظمت جو دليل آهي. حضور پر نور ﷺ سيني نبين کان آخر ۾ جلوه افروز ٿيا. آخر ۾ اچڻ جي حڪمت ۽ اسرار "خاتم النبيين" ۾ سمايل آهي. حضور ﷺ جن جو نسب نامو پشت بہ پشت آدم عليه السلام تائين پهچي ٿو. مؤرخن عدنان تائين اتفاق راءِ ۽ مٿي ڪجهہ اختلاف ڏيکاريو آهي، پر "شفا شريف" ۾ حضور ﷺ جن جي حديث مبارڪ آهي تہ:

"الله تعاليٰ حضرت محمد ﷺ کان وٺي حضرت آدم عليه السلام تائين ڪيس پاڪ پڻين ۾ رکيو ۽ پاڪ نور منتقل ٿيندو، حضور ﷺ جن جي والد تائين پهتو." اهو سندن خانداني شرافت ۽ سلسلءِ نسب جي عزت ۽ عظمت جو دليل آهي.

حضور ﷺ جن جو شجرو عدنان تائين هن طرح آهي:

حضرت محمد ﷺ بن عبدالله بن عبدالمطلب بن عبد مناف بن هاشم بن قصي بن ڪلاب بن مره بن ڪعب بن لوي بن غالب بن فهر بن مالڪ بن نضر بن ڪنانہ بن خزيمہ بن مدرڪ بن الياس بن مضر بن نزار بن معد بن عدنان.

## حضور ﷺ جن جو نالو مبارڪ:

محمد ﷺ

**والد:** عبدالله

**والده:** آمنـة بنت وهب.



www.maktabah.org

## حضور ﷺ جن جي ولادت:

سومر ڏينهن پرھ ڦٽڻ کانپوءِ ۽ سج ايرڻ کان اڳ ۾. ١٢ ربيع الاول، بهار جي موسم ۾ - ٢٠ اپريل ٥٧٠ عيسوي يا ٢٢ اپريل ٥٧١ع - اڄيٺ ٦٢٨ بڪرمي. واقعہ فيل کان ٥٠ يا ٥٥ ڏينهن بعد، مڪي مڪرمہ ۾ جلوه گر ٿيا.

حضور ﷺ جن هن دنيا ۾ آيا، تہ حق جو سج روشن ٿيو ۽ باطل بت ڪرڻ لڳا. ڪسريٰ جي محلات جا ١٤ ڪنگرا ڪري پيا. فارس جو آتشڪده وسامي ويو. عراق جو درياءَ ساده سڪي ويو. بت خانن ۾ زلزلو مچي ويو. مجوسيت جو شيرازو ٽڙي پکڙي ويو. اسلام جو گلستان سرسبز شاداب ٿي پيو. شرڪ ۽ ڪفر جي اونداهي ختم ٿي. اسلام جو آفتاب طلوع ٿيو، جنهن بحروبر، حجر ۽ شجر، عرش ۽ فرش کي روشن ڪري چمڪائي ڇڏيو.

عالم هو اونداه، ٿيو سيد آئي سوجهرو،
هاءِ تنين کي هاءِ، جي وانجها ٿيا انهي واٽ کان!
(شاھ)

بعثت نبويءَ کان اڳ ۾ بہ پاڻ سڳورا ﷺ صادق ۽ امين مشهور هئا. سندن زندگي پاڪيزه ۽ مثالي هئي. اظهار نبوت کانپوءِ حضور ﷺ جن مڪي مڪرمة ۾ ١٣ سال رهيا. اتي جيڪي واقعا ٿيا ۽ حالتون رهيون، انهن جو مختصر احوال هي آهي، جنهن مان حضور ﷺ جن جي مڪي زندگيءَ جو احوال ۽ اسلام جي شروع واري دور جو پتو پوي ٿو.

## مڪي مڪرمہ ۾ نبوت جو پهريون سال:

قرآن مجيد نازل ٿيو. حضور ﷺ جن تي مڪي پاڪ جا وڻ ٽڻ ۽ پٿر بہ سلام چوندا هئا. هنن پهريان اسلام آندو: - (١) خديجة الڪبريٰ (٢) ابوبڪر صديق (٣) علي المرتضيٰ (٤) زيد بن حارث رضي الله عنهم.

### نبوت جو ٻيو سال:

عبدالله بن عمر ڄائو ۽ ڪاتب الوحي زيد بن ثابت تولد ٿيو. حضرت عثمان جو بيبي رقيہ سان نڪاح ٿيو.

### نبوت جو ٽيون سال:

زيد بن اسامہ ڄائو. الله تعاليٰ امر فرمايو تہ: اي نبي! پنهنجن ويجهن مائٽن کي ڏيڄار ۽ سورة لهب نازل ٿي.


www.maktabah.org

**نبوت جو چوٿون سال:**

اسلام جي وڌندڙ طاقت ڏسي، مڪي جا مشرڪ ابو طالب وٽ آيا تہ، پنهنجي ڀائٽي کي اسلام کان روڪي. بيبي عائشہ جي ولادت ٿي.

**نبوت جو پنجون سال:**

ورقہ بن نوفل جي وفات ٿي. مسلمانن مڪي مڪرمہ مان حبش ڏانهن هجرت ڪئي. سورة النجم نازل ٿي. حضور ﷺ جن انهي سورة کي مسجد حرام ۾ پڙهيو. حضرت جعفر اسلام قبول ڪيو.

**نبوت جو ڇهون سال:**

پاڻ سڳورن ﷺ جو دارارقم ۾ اچڻ. حضرت حمزہ مسلمان ٿيو. ٽن ڏينهن کانپوءِ حضرت عمر فاروق مسلمان ٿيو ۽ عبدالله بن عمر بہ اسلام آندو.

**نبوت جو ستون سال:**

شعب ابو طالب جو واقعو پيش آيو. مشرڪن حضور ﷺ جن سان بائيڪاٽ جو دستاويز لکي بيت الله ۾ ٽنگيو. دستاويز لکندڙ منصور بن عڪرمة جو هٿ هميشہ لاءِ بيڪار ٿي ويو.

**نبوت جو اٺون سال:**

شق القمر، حضور ﷺ جن جي اشاري سان چنڊ چيريو. اوس ۽ خزرج قبيلن وچ ۾ بعاث جنگ ٿي.

**نبوت جو نائون سال:**

عبدالله بن ثعلبة بن صعير العذري ڄائو.

**نبوت جو ڏهون سال:**

شعب ابي طالب مان آزادي. عبدالله بن عباس ڄائو. ابو طالب وفات ڪري ويو. خديجة الڪبريٰ بہ وفات ڪئي. حضور ﷺ جن طائف جو سفر ڪيو ۽ جن، حضور ﷺ جن وٽ آيا.

**نبوت جو يارهون سال:**

بيعت عقبيٰ اوليٰ ٿي. مديني جي انصارن اسلام قبول ڪرڻ جي شروعات ڪئي ۽ ڀهرين ڇهن انصارن حضور ﷺ جن تي ڪلمو پڙهيو.


www.maktabah.org

**نبوت جو ٻارهون سال:**

الله تعاليٰ پنهنجي مهرباني سان حضور ﷺ کي جسماني معراج ڪرايو. پنج وقت نماز فرض ٿي. مصعب بن عمير مديني منوره اسلام جي تعليم سيکارڻ ويو. عباد بن بشر اسلام آندو.

**نبوت جو تيرهون سال:**

ابو ايوب خزرجي ڪلمو پڙهيو. معاذ بن جبل اسلام آندو. سعيد بن عاص ڄائو. مشرڪ مسلمانن کي سخت تڪليفون ڏيڻ لڳا. الله تعاليٰ جي حڪم سان حضور ﷺ جن کي مديني منوره هجرت ڪرڻ جو حڪم ٿيو.

## حضور ﷺ جن جي مدني زندگي:

اظهار نبوت جي تيرهين سال الله تعاليٰ جي حڪم سان حضور ﷺ جن مڪي مڪرمه مان هجرت ڪري، پنهنجو اصل وطن ڇڏي، ڪعبة الله جو وڇوڙو برداشت ڪري مديني منوره تشريف فرما ٿيا.

**سن ١ هجري جا واقعا:**

مسجد قبا ۾ پهريون جمعو پڙهيو ويو. مسجد نبوي جو بنياد پيو. اذان جي حڪم جو آغاز ٿيو. عبدالله بن سلام اسلام آندو. زڪوات فرض ٿي. انس بن مالڪ ۽ سلمان فارسي مسلمان ٿيا.

**سن ٢ هجري:**

ڪعبة الله قبلو مقرر ٿيو. رمضان المبارڪ جا روزا فرض ٿيا. جنگ بدر جو واقعو پيش آيو. خاتون جنت جو نڪاح علي المرتضيٰ سان ٿيو. صدقۂ فطر، عيدالفطر، عيد الاضحيٰ ۽ قرباني ادا ڪئي وئي.

**سن ٣ هجري:**

هن سال غزوه احد جو واقعو ٿيو. حضرت حمزه رضه شهيد ٿيو. امام حسن رضه جي ولادت ٿي. حضور ﷺ جن بيبي حفصه ڌيءُ عمر بن خطاب سان نڪاح ڪيو. حضرت عثمان جو ام ڪلثوم سان نڪاح ٿيو.

**سن ٤ هجري:**

بنو نضر کي جلاوطني ملي. شراب حرام ٿيو. پردي جو حڪم مليو. نماز ۾ قصر جو حڪم سفر لاءِ ٿيو. حضرت خبيب شهيد ٿيو. امام حسين رضه جي ولادت ٿي.


www.maktabah.org

**سن ٥ هجري:**

غزوه خندق ۽ غزوه بنوقريظ جا واقعا پيش آيا. سعد بن معاذ وصال ڪيو. تيمم ڪرڻ جائز ٿيو. چنڊ گرهڻ ٿيو. مديني منوره ۾ زلزلو آيو.

**سن ٦ هجري:**

مختلف بادشاهن کي اسلامي دعوت لاءِ خط موڪليا ويا. غزوه بنو لحيان جو واقعو پيش آيو. خالد بن وليد کي "سيف الله" جو لقب مليو. بيعت رضوان ۽ صلح حديبيه جا واقعا پيش آيا. سورة فتح نازل ٿي. مکي ۾ ڏڪار پيو. حج فرض ٿيو.

**سن ٧ هجري:**

غزوه خيبر ۽ ذات الرقاع جا واقعا پيش آيا. حضرت علي المرتضيٰ جي قضا نماز لاءِ حضور ﷺ جن معجزي سان سج کي موٽايو. حضور ﷺ جن عمرة القضا ڪيو. حضرت بلال رضي الله عنه ڪعبة الله جي مٿان بانگ ڏني. يهودي عورت حضور ﷺ جن کي زهر ڏنو.

**سن ٨ هجري:**

مڪ مڪرمه فتح ٿيو. غزوه حنين جو واقعو پيش آيو. ابراهيم فرزند رسول الله ﷺ جي ولادت ٿي. جعفر طيار شهيد ٿيو ۽ ابو سفيان اسلام قبول ڪيو.

**سن ٩ هجري:**

غزوه تبوڪ جو واقعو پيش آيو. بادشاهه نجاشي انتقال ڪري ويو. مسجد ضرار کي ختم ڪيو ويو. ابوبڪر صديق امير الحج مقرر ڪيو ويو.

**سن ١٠ هجري:**

ابراهيم فرزند رسول الله ﷺ وصال ڪيو. سج گرهڻ ٿيو. معاذ بن جبل کي يمن موڪليو ويو. پاڻ سڳورن ﷺ وٽ مختلف علائقن جا وفد آيا. حضور ﷺ (حجة الوداع) آخري موڪلائي وارو حج ادا ڪري، اصحابن کي احڪام الاهي بابت خطبو ڏنو، جيڪو مختصر ۽ جامع هجڻ سان گڏ اسلامي منشور جي حيثيت رکي ٿو ۽ امت کان موڪلائي ڪيائون.

**سن ١١ هجري:**

حضور پر نور ﷺ ٦٣ ورهين جي عمر ۾، سومر جي ڏينهن ١٢ ربيع



www.maktabah.org

الاول سن ١١ هجري مطابق ٨ جون ٦٣٢ عيسوي تي هن فاني دنيا کي ڇڏي، رفيق اعليٰ پنهنجي خالق سان وڃي مليا.

## ازواج مطهرات (پاڪ گهرواريون):

(١) ام المؤمنين خديجة الڪبريٰ بنت خويلد (٢) سيده سوده بنت زمعه (٣) سيده عائشه بنت ابي بڪر صديق (۴) سيده حفصه بنت عمر فاروق (۵) سيده زينب بنت خزيمه (٦) سيده ام سلمه بنت ابي اميه (۷) سيده زينب بنت جحش (٨) سيده جويريه بنت حارث (٩) سيده ام حبيبه بنت ابي سفيان (١٠) سيده صفيه بنت حيي (١١) سيده ميمونه بنت حارث رضي الله عنهن.

## حضور ﷺ جن جو اولاد:

**صاحبزادا:** (١) قاسم (٢) ابراهيم (٣) عبدالله لقب طيب طاهر.

**نياڻيون:** (١) سيده زينب زوجه ابوالعاص (٢) سيده رقيه زوجه عثمان غني (٣) سيده ام ڪلثوم زوجه عثمان غني (٣) سيده فاطمه زوجه علي المرتضيٰ.

## حضور ﷺ جن جا چاچا:

(١) حارث (٢) ابو طالب (٣) زبير (۴) حمزه (۵) ابو لهب (٦) غيداق (۷) مقوم (٨) ضرار (٩) عباس (١٠) قثم (١١) عبدالڪعبه (١٢) جحل.

## حضور ﷺ جن جا مؤذن:

(١) بلال حبشي (٢) ابن ام مڪتوم (٣) ابو محذوره (۴) سعد القرظ.

## حضور ﷺ جن جا شاعر ۽ خطيب:

(١) حسان بن ثابت (٢) ڪعب بن مالڪ (٣) عبدالله بن رواحه (۴) ثابت بن قيس.

## حضور ﷺ جن جا ڪاتب:

ڪاتبن جو تعداد ۴٠ آهي، جن مان مشهور هي آهن: ابوبڪر صديق، عمر فاروق، عثمان غني، علي المرتضيٰ، زيد بن ثابت، معاويه بن ابي سفيان، زبير ۽ عبدالله بن رواحه.


www.maktabah.org

## حضور ﷺ جن جا قاصد ۽ سفير:

انهن جو تعداد ٢٢ آهي، جن مان مشهور هي آهن: عمرو بن اميه ضمري، دحيه بن خليفة ڪلبي، عبدالله بن حذافه سهمي، حاطب بن ابي بلتعه، شجاع بن وهب، سليط بن عمرو، جرير بن عبدالله، عروه بن مسعود ۽ حبيب بن زيد انصاري.

## حضور ﷺ جن جا خادم:

حقيقت ۾ اڪثر اصحاب حضور ﷺ جن جا خدمتگار هئا، ڪي اصحاب خاص ڪمن لاءِ مقرر ٿيل هئا، انهن جا نالا هي آهن: انس بن مالڪ، عبدالله بن مسعود، عقبه بن عامر، ابوذر غفاري، اسلع بن شريڪ، معيقب ۽ ٻيا.

## حضور ﷺ جن جا اُٺ:

مدارج النبوة ۾ ١٠ ۽ تاريخ طبري ۾ ٢٠ اُٺ لکيل آهن. حضور ﷺ جن جي مشهور ڏاچيءَ جو نالو "قصويٰ" آهي.

## حضور ﷺ جن جون ٻڪريون:

حضور ﷺ جن جون ست ٻڪريون هيون. (مواهب اللدنيه ۾ ١٠٠ جو تعداد آيل آهي) جنهن ٻڪريءَ جو حضور ﷺ جن کير پيئندا هئا، ان جو نالو "عنيه" هو.

## حضور ﷺ جن جا گهوڙا:

تاريخ طبري ۾ ٣، الوفا با حوال المصطفيٰ ۾ ست ۽ مدارج النبوة ۾ ڏهن گهوڙن جو ذڪر آهي، انهن جا نالا هي آهن: مرتجز، سڪب، ظرب، لحيف، الزاز، نورد، سبحة، بحر، ضريس ۽ ملاوح.

## اسلامي غزوات ۽ سرايا:

غزوه ان جنگ کي چئبو آهي، جنهن ۾ پاڻ حضور ﷺ جن شامل ٿيا آهن ۽ سريه ان کي چئبو آهي، جنهن ۾ ڪنهن اصحابي جي اڳواڻي ۾ لشڪر روانو ٿيو هجي. جن غزوات ۾ حضور ﷺ جن پاڻ شامل رهيا آهن، انهن جو تعداد ٢٧ آهي. مخدوم محمد هاشم ٺٽوي "بذل القوه" ۾ ٢٨ غزوات جا نالا تفصيلوار لکيا آهن ۽ سرايا جو تعداد ٤٧ يا ٥٦ آهي.



www.maktabah.org

# حضور ﷺ جن جو جنگي سامان ۽ هٿيار

### حضور ﷺ جن جون تلوارون:

حضور ﷺ جن وٽ ڏهه تلوارون هيون، انهن جا نالا هي آهن: (۱) ماثور (۲) قصيب (۳) قلعي (۴) تبار (۵) خنف (۶) منحذم (۷) رسوب (۸) صمصامة (۹) لحيف (۱۰) ذوالفقار.

### حضور ﷺ جن جون ڍالون:

انهن جو تعداد ۳ آهي: (۱) ازلق (۲) قنق (۳) دوفر.

### حضور ﷺ جن جون ڪمانون:

انهن جو تعداد ڇهه آهي: (۱) نزوراءِ (۲) روحا (۳) صفرا (۴) سوحط (۵) ڪتوم (۶) سداد.

### حضور ﷺ جن جون زرهون:

انهن جو تعداد ست آهي: (۱) ذات الفضول (۲) ذات الوشاح (۳) ذوالحواشي (۴) فضه (۵) سغديه (۶) البشريٰ (۷) الرتق.

### حضور ﷺ جن جا نيزا:

نيزن جو تعداد ۴ آهي. هڪ جو نالو "مثوي" هو. حضور ﷺ جن جو هڪ خيمو هو. ان جو نالو "الڪن" هو.

### حضور ﷺ جن جا جهنڊا:

انهن جو تعداد ۳ آهي. هڪ جهنڊو "عقاب" نالي هو. ان جو رنگ ڪارو هو.

حضور ﷺ جن جي هڪ لٺ مبارڪ هئي، ان جو نالو "مخصر" هو. حضور ﷺ جن جي دستار مبارڪ جو نالو "سحبا" هو. حضور ﷺ جن جا پنج پيالا (قدح) هئا. انهن مان ٻن جا نالا هي آهن: زبان ۽ معيثا.

## حضور ﷺ جي منڊي مبارڪ:

سن ڇهه هجريءَ ۾ بادشاهن کي اسلامي دعوت لاءِ پاڻ سڳورن خط موڪليا هئا. تڏهن اصحابن عرض ڪيو ته عجمي بادشاهه مهر کانسواءِ خط قبول نه ڪندا آهن. تڏهن حضور ﷺ جن مهر هڻڻ لاءِ چانديءَ جي منڊي ٺهرائي، جنهن جي ٿڪ جو پٿر حبش ملڪ جو هو (ان منڊي تي "محمد رسول الله" جو نقش اڪريل هو.)



www.maktabah.org

# الشمائل النبويـه

مشهور

# شمائل الترمذي

www.maktabah.org

www.maktabah.org

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

# اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ وَ سَلَامٌ عَلىٰ عِبَادِهِ الَّذِيْنَ اصْطَفىٰ

سڀ تعريف الله تعاليٰ واسطي آهي ۽ ان جي چونڊيل ٻانهن تي سلام آهي.

استاد حافظ ابو عيسيٰ محمد پٽ عيسيٰ پٽ سورة الترمذي (الله تعاليٰ جي مٿس رحمت هجي!) چيو آهي:

**باب پهريون**

**هيءُ باب رسول الله ﷺ جي انهن نبويءَ حديثن مبارڪن جي بيان ۾ آهي، جيڪي پاڻ سڳورن ﷺ جي بيمثال صورت ۽ سهڻي سيرت جي باري ۾ آيون آهن.**

(۱) حضور جن ﷺ جو اصحابي حضرت انس پٽ مالڪ رضي الله عنه چوي ٿو، ته رسول الله ﷺ جن نه تمام ڊگها هئا ۽ نه بندري قد وارا (پر وچولي قدوارا قداور هئا).

پاڻ سڳورا نه صفا سفيد هئا ۽ نه تمام ڪٽڪ رنگا (پر وٽندڙ اڇاڻ ۾ ڳاڙهاڻ مليل رنگ تمام سهڻا حسين هئا) سندن وار مبارڪ به نه تمام ڳنڊيدار هئا ۽ نه بلڪل سڌا يعني ڪجهه ڳنڊيدار سهڻا هئا.

الله تعاليٰ پاڻ سڳورن کي چاليهه سالن جي عمر ۾ نبوت جي اعلان ڪرڻ جو حڪم ڏنو. ان کان پوءِ پاڻ ڏهه سال مڪي شريف ۾ ۽ ڏهه سال مديني منوره ۾ رهيا. سٺ سالن جي ڄمار ۾ سندن وصال ٿيو. ان وقت سندن مٿي مبارڪ ۽ ڏاڙهي مبارڪ ۾ ويهه (۲۰) وار به اڇا نه هئا.

(متفق روايتن مطابق حضور ﷺ جن جي عمر مبارڪ ٽيهٺ (۶۳) سال آهي. گهٽو ڪري عربن جي رواج موجب گهٽ عدد کي ڇڏي، رڳو ڇهن ڏاڪن يعني سٺ (۶۰) سالن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. اهڙي ريت مڪي شريف ۾ به اعلان نبوت کان پوءِ سندن رهائش تيرهن سال آهي.)



www.maktabah.org

(٢) حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنه کان روايت آهي، هو چوي ٿو ته رسول الله ﷺ جو قد نه ڊگهو هو ۽ نه بندرو، پر پاڻ سڀورن جو قد وچولو هو. پاڻ سهڻي هاٿي ۽ جسم وارا هئا. سندن وار مبارڪ نه ڳنڊيدار ۽ نه سڌا هئا. سندن رنگ سون ورنو سهڻو هو. جڏهن پاڻ هلندا هئا ته تڪڙا نوڙت سان هلندا هئا.

(٣) حضرت ابو اسحاق رحمته الله عليه چوي ٿو مون حضرت براء پٽ عازب رضي الله عنه کي چوندي ٻڌو ته رسول الله ﷺ وچولي قد وارا هئا. سندن ٻنهي ڪلهن جو وچ ويڪرو هو يعني سينو مبارڪ ڪشادو هو. سندن وار مبارڪ گهاٽا ڪنن جي پاپڙين تائين هئا. سندن بدن مبارڪ تي (ليڪن وارو) ڳاڙهو وڳو پهريل هو. مون پاڻ سڀورن کي سڀ شيءِ کان وڌيڪ سهڻو ڏٺو.

(٤) حضرت براء پٽ عازب رضي الله عنه چيو ته، مون رسول الله ﷺ کان وڌيڪ ڳاڙهي وڳي ۾ سهڻن وارن وارو ڪونه ڏٺو. سندن وار مبارڪ ڪلهن تي پوندا هئا ۽ سندن ڪلها مبارڪ ويڪرا هئا يعني سينو ڪشادو هو ۽ پاڻ سڀورا نه بندرا هئا، نه بلڪل ڊگها، پر وچٿرا قداور هئا.

(٥) حضرت علي پٽ ابو طالب رضي الله عنه فرمايو، ته نبي ڪريم ﷺ نه ڊگهي قد وارا ۽ نه بندرا هئا. سندن هٿن مبارڪن جون ترِيون گوشت سان پريل هيون ۽ سندن پير مبارڪ به گوشت سان پريل هئا. سندن مٿو مبارڪ وڏنڊڙ وڏو هو. سندن عضون جا سنڌَ به سگهارا مضبوط هئا. سندن سيني کان وني دن تائين وارن جي سنهي ليڪ هئي. پاڻ سڀورا جڏهن هلندا هئا ته نوڙت سان جهڪي هلندا هئا. ڄڻ ته متاهين کان هيٺ ٿا لهن. مون نبي پاڪ ﷺ جهڙو (سهڻو) سندن کان اڳ يا پوءِ نه ڏٺو.

(٦) حضرت ابراهيم پٽ محمد، حضرت علي رضي الله عنه جو پوٽو کانئس روايت ڪري ٿو ته، جڏهن حضرت علي رضي الله عنه، رسول الله ﷺ جن جي سهڻي صورت ۽ سيرت ٻڌائيندو هئو، ته چوندو هو: رسول الله ﷺ نه تمام ڊگها هوا ۽ نه بندرا، پر وچولي قدا و ر مڙس هئا. سندن وار نه تمام ڳنڊيدار هئا ۽ نه بلڪل سڌا، پر سهڻا وڏنڊڙ وار قداور مبارڪ هئا. سندن جسم گوشت سان پريل نه هو ۽ نه منهن مبارڪ سندن صفا گول هو.


www.maktabah.org

پر سندن منهن مبارڪ ۾ ٿوري گولائي هئي. سندن منهن مبارڪ سفيد سرخي مائل ۽ اکيون تمام ڪاريون ڪجليون هيون. سندن پنبڻيون وڏيون، عضوا ۽ ڪلها مضبوط هئا. سندن بدن مبارڪ تي گهڻا وار نہ هئا. مگر وارن جي هڪ ليڪ سيني کان دن تائين هئي. سندن هٿ مبارڪ ۽ پير مبارڪ گوشت سان ڀريل هئا. جڏهن هلندا هئا، تہ پير چنبي ڪڍندا هئا، ڄڻ تہ هيٺ تا لهن. جڏهن ڪنهن طرف ڏسندا هئا، تہ توجهہ سان ڏسندا هئا. پاڻ سڳورن ﷺ جي ٻنهي ڪلهن جي وچ ۾ "مهر نبوت" هئي. پاڻ خاتم النبيين يعني آخري نبي هئا. پاڻ دل جا ڪشادا سخي هئا. زبان جا سچار، نرم طبيعت ۽ شاندار شريف خاندان وارا هئا. جيڪو ڪين اوچتو ڏسندو هو تہ دهلجي ويندو هو ۽ جيڪو ڪين سڃاڻي ملندو هو تہ، حضور ﷺ جن سان محبت ڪندو هو. پاڻ سڳورن جو حليو مبارڪ بيان ڪندڙ چوي ٿو تہ، مون پاڻ سڳورن جهڙو سهڻو نہ اڳ ۾ ڏٺو ۽ نہ پوءِ ڏٺو.

(٧) امام حسن پٽ علي رضي الله عنه چوي ٿو، تہ مون پنهنجي مامي هند پٽ ابو هالہ کان پڇيو ۽ اهو پاڻ سڳورن جو تمام گهڻو حليو مبارڪ بيان ڪندو هو ۽ مون کي ڏاڍو شوق هو، تہ اهو مون کي حضور ﷺ جن جو حليو مبارڪ بيان ڪري ٻڌائي ۽ آئون ياد ڪري عمل ڪيان. پوءِ ان (هند پٽ هالہ) ٻڌايو، تہ رسول الله ﷺ نهايت شاندار ۽ عزت وارا هئا. سندن منهن مبارڪ چوڏهين جي چنڊ وانگر چمڪندڙ تجلا ڏيندو هو. سندن قد وچولو قداور هو. سندن مٿو مبارڪ وڏو هو. جيڪڏهن سينڌ پاڻ نہ نڪرندي هئي تہ پاڻ سڌاري ڇڏيندا هئا. سندن وار سنوان ڪبا هئا، تہ ڪنن جي پاپڙين تائين پهچندا هئا.

سندن رنگ مبارڪ چمڪندڙ هو. پيشاني مبارڪ ڪشادي، سندن ڀرون سهڻا سنها وڻندڙ هئا. انهن ڀرون جي وچ ۾ رڳ هئي، جا ڪاوڙ مهل ڳاڙهي ٿي ابري بيهندي هئي. سندن نڪ مبارڪ ڊگهو سهڻو هو. ان جي مٿان نور چمڪندو هو. جيڪو تمام گهڻو خيال ڪري ڏسندو هو، تہ ڪين ڊگهي نڪ وارو سمجهندو هو.

سندن ڏاڙهيءَ مبارڪ گهاٽي هئي. سندن منهن سهڻو، ڏند ڇڊا ۽ وات ڪشادو هو. ڪين سيني مبارڪ کان دن تائين وارن جي سهڻي ليڪ هئي.


www.makabah.org

سندن کنڌ مبارک تمام سهڻو ۽ چانديءَ وانگر صاف چمڪندڙ هو. سندن جسم مبارک جو هر عضوو سهڻو شانائتو هو. سندن جسم لڪدار ۽ مضبوط هانئي وارو هو. سندن سينو ۽ پيٽ برابر هو. البت سينو مبارک ڪشادو هو. سندن ڪلها به ويڪرا هئا. سندن جسم سگهارو مضبوط هو. سندن جسم نور عليٰ نور هو. سيني کان دن تائين وارن جي سهڻي ليڪ هئي. سندن ڇاتي ۽ پيٽ تي ٻيا وار نه هئا. سندن ٻانهن، ڪلهن ۽ سيني جي مٿئين حصي تي ٿورا وار هئا. سندن ٻانهون ڊگهيون، هٿ موڪرا، هٿ ۽ پير گوشت سان ڀريل هئا. هٿن پيرن جون آڱريون مناسب نموني ڊگهيون هيون يا راوي چيو ته تمام سهڻيون ڊگهيون هيون. سندن پيرن جون ترين لڪدار ۽ پير مبارک به سڌا سنوان سهڻا هئا. جڏهن انهن تي پاڻي وجهبو هو ته وَهي ويندو هو. زور سان هلندا هئا. قدم مبارک نرميءَ سان رکندا هئا ۽ زور سان کڻندا هئا. پاڻ هلڻ جا تکا هئا. جڏهن هلندا هئا، ته ڄڻ مٿاهين کان هيٺ لهي رهيا آهن. جڏهن ڪنهن کي ڏسندا هئا ته پوري توجهه سان ڏسندا هئا. پاڻ نظر هيٺ جهڪائي هلندا هئا. گهڻو ڪري زمين تي ڏسندا هلندا هئا. ۽ ڪنهن وقت آسمان ڏي به نهاريندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن پاڻ ڏيڊي اک سان به ڏسندا هئا. هلڻ ۾ اصحابن سڳورن کي اڳ ۾ ڪندا هئا. پاڻ سڳورا جنهن سان به ملندا هئا، ته ان تي پهريان پاڻ سلام ورائيندا هئا.

(٨) سماک پٽ حرب کان روايت آهي، ته حضرت جابر پٽ سمرة رضي الله عنه کان ٻڌم، چوي پيو ته رسول الله ﷺ جو وات مبارک ڪشادو، اکيون مبارک ويڪريون ۽ هلڪين ڪڙين وارا هئا.

(٩) حضرت جابر پٽ سمرة رضي الله عنه چوي ٿو، ته مون رسول الله ﷺ کي چانڊوڪي رات ۾ ڳاڙهو (ليڪن وارو) يمني وڳو پهريل ڏٺو. پوءِ مون ڪنهن مهل چنڊ کي ڇتائي ٿي ڏٺو. ته ڪنهن مهل مديني جي چنڊ حضور پر نور ﷺ کي ٿي ڏٺو. يقيناً حضور ﷺ جن مون کي چنڊ کان سهڻا ڏسڻ ۾ آيا.

(١٠) ابو اسحاق چيو ته هڪ شخص براءِ پٽ عازب رضي الله عنه کان پڇيو، ته ڇا رسول الله ﷺ جو منهن مبارک جهلڪ ۾ تلوار وانگر هو؟ ان



www.makabah.org

چيو تہ، پر چنڊ وانگر چمڪندڙ سهڻو هو.

(١١) حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي، هو چوي ٿو تہ، رسول الله ﷺ جن تمام سهڻا هئا، ڄڻ تہ چانديءَ مان جڙيل آهن. سندن وار مبارڪ ڪجهہ ڳنڊيدار هئا.

(١٢) حضرت جابر پٽ عبدالله رضي الله عنه کان روايت آهي، هو بيان ڪري ٿو تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو: مون کي نبي سڳورا ڏيکاريا ويا. جڏهن مون موسيٰ عليه السلام کي ڏٺو، تہ اهو شنوة قبيلي جي مردن وانگر (وچولي قد وارو) هو. حضرت عيسيٰ پٽ مريم عليه السلام کي ڏٺم، جو منهنجي ڏٺل ماڻهن مان عروة پٽ مسعود وانگر هو ۽ حضرت ابراهيم عليه السلام کي ڏٺم، تہ منهنجي ڏٺل ماڻهن مان توهان جي رفيق يعني رسول الله ﷺ جهڙو هو. جبرئيل عليه السلام (ملائڪ) کي ڏٺم، جو منهنجي ڏٺل ماڻهن مان دحية الڪلبي (اصحابي) رضي الله عنه جهڙو هو.

(١٣) حضرت سعيد الجريري روايت ڪري ٿو تہ ابو الطفيل رضي الله عنه چوي پيو، تہ مون رسول الله ﷺ جن کي چڱي طرح ڏٺو آهي ۽ هن وقت مون کان سواءِ روءِ زمين تي ڪيس ڏسڻ وارن مان ڪوبہ موجود نہ آهي. مون ابو الطفيل کي چيو تہ، مون کي پاڻ سڳورن جو حليو مبارڪ ٻڌاءِ. ان چيو تہ: رسول الله ﷺ جن تمام خوبصورت سهڻا ۽ وچولي قد وارا هئا.

(١٤) حضرت ابن عباس رضي الله عنه چوي ٿو، تہ رسول الله ﷺ جا اڳيان ڏند مبارڪ ڪجهہ وٿين سان جدا هئا ۽ جڏهن پاڻ سڳورا ﷺ ڳالهائيندا هئا، تہ اڳين ڏندن مبارڪن مان نور وانگر تجلي نڪرندي ڏسڻ ۾ ايندي هئي.


www.maktabah.org

باب ٻيو

# مُهر نبوت

(١٥) حضرت سائب پٽ يزيد رضي الله عنه چوي ٿو، تہ منهنجي ماسيءَ مون کي رسول الله ﷺ جن جي خدمت ۾ وٺي وئي ۽ عرض ڪيو تہ، اي الله جا رسول ! ﷺ هيءُ منهنجو ڀاڻيجو بيمار آهي. ان تي رسول الله ﷺ منهنجي (سائب) جي مٿي تي هٿ گهمايو ۽ مون لاءِ برڪت جي دعا ڪئي. پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ وضو ڪيو ۽ مون سندن وضو جي پاڻي مان پيتو. ۽ نبي سائين جي پٺيان ٿي بيٺس. پوءِ "مهر نبوت" ڏٺم، جا ٻنهي ڪلهن جي وچ ۾ هئي. اها مهاري يا مڇرداني جي ڳنڍ وانگر هئي.

(١٦) حضرت جابر پٽ سمرة رضي الله عنه کان روايت آهي، تہ مون رسول الله ﷺ جي ٻنهي ڪلهن جي وچ ۾ مهر نبوت ڏٺي، جو گوشت ٽڪر مٿي اُڀريل ڪبوتر جي آني وانگر هو.

(١٧) حضرت عاصم پٽ عمر پٽ قتاده رضي الله عنهم پنهنجيءَ ڏاڏيءَ رميثة رضي الله عنها کان روايت ڪري ٿو، تہ ان حضرت رميثة چيو تہ، مون رسول الله ﷺ جن کان ٻڌو. سعد پٽ معاذ لاءِ فرمايائون ٿي، جنهن ڏينهن فوت ٿيو تہ: ان لاءِ خدا جو عرش ڏڪي ويو.

ان وقت پاڻ سڳورا ﷺ ايترو ويجها هئا، جو مهر نبوت کي جا سندن ٻن ڪلهن جي وچ ۾ هئي، جي چمي ڏيان ها، تہ ڏئي سگهان ها.

(١٨) حضرت ابراهيم پٽ محمد، حضرت علي پٽ ابو طالب رضي الله عنه جو پوٽو آهي. ان چيو تہ جڏهن حضرت علي رضي الله عنه، رسول الله ﷺ جن جي وصف بيان ڪندو هو، تہ ڊگهي حديث ٻڌائيندي چوندو هو، تہ پاڻ سڳورن جي ٻنهي ڪلهن جي وچ ۾ مهر نبوت هئي ۽ پاڻ سڳورا آخري نبي آهن.

(١٩) حضرت عمرو پٽ اخطب انصاري رضي الله عنه چوي ٿو تہ، مون کي رسول الله ﷺ فرمايو: اي ابو زيد (اي زيد جا پيءُ!) مون کي ويجهو

.......................................



www.muhtabah.org

ٿيءُ ۽ منهنجي پٺيءَ مهٽ. مون پاڻ سڳورن جي پٺيءَ مبارڪ تي هٿ گھمايو، تہ منهنجون آڱريون مهر نبوت کي وڃي لڳيون. مون (عمرو پٽ اخطب جي شاگرد) پڇيو تہ، مهر نبوت ڪيئن هئي؟ ان چيو تہ، اُپريل وارن جي ڇڳ يا گڏ تيل گھاٽا وارا هئا.

(٢٠) حضرت عبدالله پٽ بريده رضي الله عنه چوي ٿو مون پنهنجي پيءُ بريده سڳوري کي چوندي ٻڌو تہ، جڏهن حضرت رسول الله ﷺ مديني شريف ۾ آيا، تہ سلمان فارسي رضي الله عنه دستر خوان آندو. ان تي تازي کجور رکيل هئي. ان تي حضور ﷺ جن فرمايو: اي سلمان! هي ڇا آهي؟ ان عرض ڪيو تہ، هي اوهان ۽ اوهان جي اصحابن لاءِ صدقو آهي. رسول الله ﷺ فرمايو تہ: هي کڻي وڃ، اسان صدقو نہ کائيندا آهيون. راوي چوي ٿو تہ، سلمان فارسي رضي الله عنه ان کي کڻي ويو ۽ وري ٻي ڏينهن ساڳي طرح کجور کڻي، حضور ﷺ جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيو، تہ پاڻ سڳورن ﷺ پڇيو: اي سلمان! هيءَ ڇا آهي؟ ان عرض ڪيو تہ سائين! هي اوهان لاءِ سوکڙي آهي. تنهن تي حضور ﷺ پنهنجن اصحابن سڳورن کي فرمايو، هٿ وڌايو يعني کڻي کائو.

پوءِ سلمان فارسي رضي الله عنه پاڻ سڳورن ﷺ جن جي پٺيءَ تي مهر نبوت کي ڏٺو ۽ ايمان آندو. حضرت سلمان فارسي رضي الله عنه هڪ يهوديءَ جو ٻانهو هو. پوءِ رسول الله ﷺ ان کي ڪجھہ درهم ڏيئي خريد ڪيو. تنهن سان گڏ يهودي هي شرط بہ رکيو، تہ سلمان انهن لاءِ کجين جا وڻ پوکي لڳائيندو ۽ انهن جي سار سنڀال ڪندو رهندو، جيستائين ڦر ڏين.

پوءِ حضور ﷺ سڀ کجين جون ڇڪيون يا وڻ پنهنجن هٿن مبارڪن سان پوکيا، رڳو هڪ ڇڪيءَ يا وڻ حضرت عمر فاروق رضي الله عنه پوکيو. ان هڪ وڻ کانسواءِ باقي سيني کجيءَ جي وڻن انهي ئي سال ڦر ڏيڻ شروع ڪيا. ان تي رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ، هن کجيءَ جي وڻ کي ڇا ٿيو؟ حضرت عمر فاروق رضي الله عنه عرض ڪيو. يارسول الله ! ﷺ اهو وڻ مون پوکيو هو. ان تي حضور ﷺ اهو کجيءَ جو ٻوٽو پٽي، وري پاڻ ٻيهر لڳايو. تہ ان کجيءَ انهيءَ ئي سال ڦر ڏنو.

(٢١) حضرت ابو نضرة رضي الله عنه چوي ٿو، مون حضرت ابو سعيد


www.maktabah.org

خدري رضي الله عنه کان رسول الله ﷺ جن جي مهر نبوت بابت پڇيو. تنهن تي ان چيو ته، پاڻ سڳورن ﷺ جن جي پٺيءَ مبارڪ تي گوشت جو اُڀريل ٽڪرو هو.

(٢٢) حضرت عبدالله پٽ سرجس رضي الله عنه چوي ٿو ته، آئون رسول الله ﷺ جي خدمت ۾ آيس ۽ پاڻ سڳورا اصحابن سونهارن سان گڏ ويٺا هئا. پوءِ آئون سندس پٺيءَ مبارڪ ڏي ڦري آيس، ته پاڻ ﷺ جن منهنجي (مهر نبوت ڏسڻ) جي ارادي کي سمجهي ويا ۽ پنهنجي پٺيءَ تان چادر پري ڪيائون. مون سندن ٻنهي ڪلهن جي وچ ۾ مهر نبوت ڏٺي، جو هٿ جي مٺ وانگر گوشت اڀريل هو، ان جي چوڌاري ڦڙن وانگر تر هئا. (مون مهر نبوت کي چميو) پوءِ حضور ﷺ جن جي سامهون اچي ويٺس ۽ دعا ڪيم ته، اي الله جا رسول ! ﷺ الله تعاليٰ اوهان جي مغفرت فرمائي ! پاڻ سڳورن به فرمايو ته، توکي به الله تعاليٰ بخشي ! ان تي اصحابن چيو ته، رسول الله ﷺ تنهنجي لاءِ بخشش گهري ڇا؟

مون چيو ته هاؤ. ۽ توهان لاءِ به بخشش گهريائون. پوءِ هي آيت پڙهيائين.

وَاسْتَغْفِرْ لِذَنْبِکَ وَلِلْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُؤْمِنَاتِ. (١)

**(ترجمو: (اي محبوب !) پنهنجي خاص ۽ عام مسلمان مردن ۽ عورتن جي لاءِ بخشش طلب ڪريو).**

---

١) پارو ٢٦، سورت محمد، آيت ١٩.



www.maktabah.org

باب ٽيون

# رسول الله ﷺ جي مٿي جي وارن جو بيان

(٢٣) انس پٽ مالڪ رضي الله عنه چوي ٿو ته رسول الله ﷺ جا وار مبارڪ ڪنن جي اڌ تائين پهچندا هئا.

(٢٤) حضرت عائشه رضي الله عنها فرمايو آهي، ته آئون ۽ رسول الله ﷺ جن هڪ ٿانو مان وهنجندا هئاسون. (وچ ۾ پردو هوندو هو) سندن وار مبارڪ ڪلهن ڪان مٿي هوندا هئا ۽ ڪنڌهن ڪنن جي پاپڙين کان هيٺ پهچندا هئا.

(٢٥) حضرت براء پٽ عازب رضي الله عنه چوي ٿو، ته رسول الله ﷺ جن وچولي قد وارا هئا. سندن سينو مبارڪ ڪشادو هو ۽ سندن وار ڪنن جي پاپڙين تائين پهچندا هئا.

(٢٦) حضرت قتاده رضي الله عنه چوي ٿو، مون حضرت انس رضي الله عنه کان پڇيو ته، رسول الله ﷺ جا وار مبارڪ ڪيئن هئا؟ ان چيو ته پاڻ سڳورن ﷺ جا وار مبارڪ نه گهڻو ڳنڍيندار هئا ۽ نه وري تمام سڌا هئا. پر سندن وار مبارڪ ڪنن جي پاپڙين تائين پهچندا هئا.

(٢٧) حضرت ام هاني رضي الله عنها ابو طالب جي نياڻيءَ چيو ته، هڪ دفعي رسول الله ﷺ مڪي شريف ۾ اسان وٽ گهر آيا. مون ڏٺو ته سندن وار مبارڪ چار حصا يا وارن جون چار ڳتون يا چڳون هيون.

(٢٨) حضرت انس رضي الله عنه کان روايت آهي، ته رسول الله ﷺ جن جا وار مبارڪ ڪنن جي اڌ تائين هئا.

(٢٩) حضرت ابن عباس رضي الله عنه چيو، ته رسول الله ﷺ شروع شروع ۾ پنهنجن وارن مبارڪ کي سينڌ ڪڍڻ کان سواءِ ڇڏي ڏيندا هئا. مشرڪ مٿي ۾ سينڌ ڪيندا هئا ۽ اهل ڪتاب پنهنجن وارن کي بنا سينڌ



www.makhabah.org

جي چڏي ڏيندا هئا. نبي ﷺ اهل ڪتاب جي موافقت ڪي پيارو گهرندا هئا. انهن ڳالهين ۾ جن ۾ الله تعاليٰ طرفان ڪو حڪم آيل نہ هوندو هو. ان کان پوءِ حضور ﷺ جن متي جي وارن جي سينڌ ڪڍڻ لڳا.

(٣٠) حضرت ام هاني رضي الله عنها چوي ٿي، تہ رسول الله ﷺ جن جا وار مبارڪ چار حصا ٿيل ڏٺم.


www.maktabah.org

باب چوٿون:

# رسول الله ﷺ جي ڦٽي ڏيڻ جو بيان

(٣١) حضرت عائشه رضي الله عنها چوي ٿي، ته آئون رسول الله ﷺ جي مٿي مبارڪ کي ڦٽي ڏيندي هيس ۽ ان حال ۾ جو منهنجيءَ ماهواريءَ جا ڏينهن هوندا هئا.

(٣٢) حضرت انس پٽ مالڪ رضي الله عنه چوي ٿو، ته رسول الله ﷺ پنهنجي مٿي مبارڪ ۾ تيل گهڻو مکيندا هئا ۽ ڏاڙهيءَ مبارڪ کي ڦٽي به گهڻي ڏيندا هئا ۽ پنهنجي پٽڪي مبارڪ هيٺان رومال به رکندا هئا. اهو رومال تيل سان سٽيو ٿي پوندو هو.

(٣٣) حضرت عائشه رضي الله عنها چيو، ته رسول الله ﷺ پاڪائي ڪرڻ ۾ ۽ ڦٽي ڏيڻ ۽ جتي پائڻ ۾ ساڄي پاسي کان شروع ڪرڻ پسند ڪندا هئا.

(٣٤) حضرت عبدالله پٽ مغفل رضي الله عنه چيو ته، رسول الله ﷺ روزانه ڦٽي ڏيڻ کان منع ڪئي، مگر هڪ نه ٻي ڏينهن ڦٽي ڏيو.

(٣٥) حميد بن عبدالرحمان، حضور ﷺ جي اصحابن سڳورن مان هڪ اصحابي سڳوري کان روايت ڪري ٿو ته، رسول الله ﷺ جن ڪڏهن ڪڏهن يا هڪ نه ٻئي ڏينهن ڦٽي ڏيندا هئا.



www.maktabah.org

باب پنجون

# رسول الله ﷺ جي اڇن وارن جو بيان

(٣٦) حضرت قتاده رضي الله عنه چيو، مون انس پٽ مالڪ رضي الله عنه کان پڇيو، ته رسول الله ﷺ جن وارن کي خضاب يا رنگ ڪندا هئا؟ ان چيو ته پاڻ سڳورا رنگ ڪرڻ جي حد کي نه پهتا هئا. ڪين رڳو ٿورا اڇا وار لونڍڙين مبارڪن ۾ هئا، پر ابوبڪر صديق رضي الله عنه ميندي ۽ ڪتم يا وسمه سان رنگ ڪيو هو.

(٣٧) حضرت انس رضي الله عنه چيو، ته مون رسول الله ﷺ جن جي مٿي ۽ ڏاڙهيءَ مبارڪ ۾ رڳو چوڏهن (١٤) اڇا وار ڳڻيا هئا.

(٣٨) حضرت سماڪ پٽ حرب رضي الله عنه چيو ته، مون ٻڌو ته حضرت جابر پٽ سمرة رضي الله عنه کان رسول الله ﷺ جي اڇن وارن جي باري ۾ پڇيو ويو. ان چيو ته، جڏهن پاڻ سڳورا ﷺ مٿي مبارڪ ۾ تيل هڻندا هئا، ته اڇا وارا نظر نه ايندا هئا. ۽ جڏهن پاڻ تيل نه مکيندا هئا، ته ڪجهه اڇا وار ڏسڻ ۾ ايندا هئا.

(٣٩) حضرت ابن عمر رضي الله عنه چيو ته، رسول الله ﷺ جن کي ويهارو کن مس اڇا وار هئا.

(٤٠) حضرت ابن عباس رضي الله عنه چيو، ته حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه عرض ڪيو ته، يارسول الله ! ﷺ اوهان پوڙها ٿي ويا آهيو. پاڻ سڳورن فرمايو ته، مون کي سورة هود، سورة واقعه، سورة مرسلات، عم يتساءلون ۽ اذا الشمس ڪورت (سورة تڪوير جي تلاوت) پوڙهو ڪري ڇڏيو آهي.

(٤١) حضرت ابو جحيفه رضي الله عنه کان روايت آهي، ته اصحابن سڳورن عرض ڪيو ته يارسول الله ! ﷺ اسان اوهان کي پوڙهو ٿا ڏسون. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو ته، سورة هود ۽ ان جهڙين سورتن مون کي پوڙهو ڪيو آهي.

(۴۲) حضرت ابو رمثه تيمي (تيم الرباب قبيلي وارو) چوي ٿو ته، آئون پنهنجو پٽ گڏ وٺي، نبي ﷺ جن جي خدمت ۾ آيس. مون کي حضور ﷺ جي سڃاڻپ ڪرائي وئي. پوءِ مون نبي ﷺ جن کي ڏٺو ۽ چيو ته هيءُ الله جو نبي آهي. ڪين ٻه ساوا ڪپڙا پاتل هئا. سندن ڪجھ وارن تي پوڙهپ جا آثار هئا ۽ پيريءَ جي نشاني ڳاڙها يا پورا وار مبارڪ هئا.

(۴۳) حضرت سماڪ پٽ حرب رضي الله عنه چوي ٿو، حضرت جابر پٽ سمرة رضي الله عنه کان پڇيو ويو ته، ڇا رسول الله ﷺ جي مٿي مبارڪ جي سينڌ ۾ ڪجھ اڇا وار هئا؟ ان چيو ته رسول الله ﷺ جي مٿي مبارڪ جي سينڌ ۾ ڪجھ اڇا وار هئا. جڏهن پاڻ سڳورا تيل هڻندا هئا، ته انهن کي تيل لڪائي ڇڏيندو هو.



www.maktabah.org

باب ڇهون

# حضور ﷺ جي خضاب (ميندي) ڪرڻ جو بيان

(۴۴) حضرت ابو رمثه رضي الله عنه چوي ٿو، آئون پنهنجو پٽ وٺي رسول الله ﷺ جي خدمت ۾ حاضر ٿيس. پاڻ سڳورن فرمايو ته، هي تنهنجو پٽ آهي؟ مون چيو ته هاءُ. اوهان به هن جا شاهد هجو. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو ته: تنهنجي پٽ جو ڏوهه توڪان ۽ تنهنجي ڏوهه جو تنهنجي پٽ ڪان پڇاڻو نه ٿيندو.

ابو رمثه رضي الله عنه چوي ٿو ته، مون رسول الله ﷺ جا ڪجهه اڇا وار ڳاڙهاڻ مائل پورا ڏٺا.

امام ابو عيسيٰ ترمذي چوي ٿو ته رسول الله ﷺ جي خضاب جي باري ۾ هن حديث ڪان وڌيڪ ٻي ڪا به صحيح روايت نه آهي. صحيح روايتون آهن، ته رسول الله ﷺ جن جا اڇا وار خضاب جي حد کي ڪونه پهتا هئا يعني پاڻ پوڙاهپ کي نه رسيا هئا.

(۴۵) حضرت عثمان پٽ موهب رضي الله عنه چوي ٿو، ابو هريره رضي الله عنه ڪان پڇيو ويو، ته رسول الله ﷺ خضاب ڪيو هو يا نه؟ ان چيو ته هائو. (پاڻ سڳورا ڪڏهن مٿي ۾ سور جي ڪري ميندي هڻندا هئا، جنهن کي هتي خضاب سان تعبير ڪيو ويو.)

(۴۶) بيبي جهذمة، بشير پٽ الخصاصية سڳوري جي زال چيو ته، مون رسول الله ﷺ جن کي ڏٺو، ته پاڻ سڳورا مٿي جا وار مبارڪ ڇنڊيندا، گهر ڪان نڪتا ٿي آيا جو غسل ڪيو هئائون ۽ مٿي مبارڪ تي ميندي يا خوشبوءَ جو اثر هو. هن ۾ راوي جي استاد کي شڪ ٿيو.

(۴۷) حضرت انس رضي الله عنه ڪان روايت آهي، ته مون رسول الله ﷺ جا وار مبارڪ خضاب لڳل ڏٺا.

حضرت حماد چوي ٿو، مون کي حضرت محمد پٽ عقيل جي صاحبزادي حضرت عبدالله رضي الله عنه ٻڌايو، ته مون انس پٽ مالڪ رضي الله عنه وٽ رسول الله ﷺ جو خضاب لڳل وار مبارڪ ڏٺو.



www.maktabah.org

باب ستون

# رسول الله ﷺ جي سرمي پائڻ جو بيان

(۴۸) حضرت ابن عباس رضي الله عنه چيو، رسول الله ﷺ فرمايو، تہ اثمد (ڪارو) سرمو پائيندا ڪريو، جو سرمو اکين ۾ روشني پيدا ڪندو آهي ۽ پنبڙين جا وار گهاٽا ڄمائيندو آهي ۽ راوي هيءُ بہ چيو تہ، حضور ﷺ جن وٽ هڪ سرائي سر ميداڻي هئي، جو پاڻ هر رات ٽي ٽي سرايون هر هڪ اک ۾ سرمو پائيندا هئا.

(۴۹) حضرت ابن عباس رضي الله عنه چيو، تہ نبي ﷺ هر رات سمهڻ کان اڳ ۾ اثمد سرمي مان ٽي ٽي سرايون هر هڪ اک ۾ پائيندا هئا.

يزيد پٽ هارون رضي الله عنه پنهنجي حديث ۾ چيو تہ، نبي ﷺ جن وٽ سرميداڻي هئي. ننڊ ڪرڻ مهل هر هڪ اک ۾ سرمي جون ٽي ٽي سرايون پائيندا هئا.

(۵۰) جابر پٽ عبدالله رضي الله عنه چوي ٿو، رسول الله ﷺ جن فرمايو، تہ رات جو ننڊ وقت اثمد سرمو ضرور پائيندا ڪريو، جو سرمو اکين جي روشني وڌائيندو ۽ پنبڙيون ڄمائيندو آهي.

(۵۱) حضرت ابن عباس رضي الله عنه کان روايت آهي، رسول الله ﷺ فرمايو تہ، بيشڪ اوهان لاءِ ڀلو اثمد يا ڪارو سرمو آهي. اهو نظر وڌائي ٿو ۽ پنبڙين جا گهاٽا وار ڄمائيندو آهي.

(۵۲) حضرت ابن عمر رضي الله عنه کان روايت آهي، رسول الله ﷺ فرمايو تہ، ڪارو اثمد سرمو پائيندا ڪريو، جو هو نظر وڌائي ۽ پنبڙين جا گهاٽا وار ڄمائي ٿو.


www.maktabah.org

باب انون

# رسول الله ﷺ جي پوشاڪ (ڪپڙن پائڻ) جو بيان

(٥٣) حضرت ام سلمه رضي الله عنها ڪان روايت آهي تہ، رسول الله ﷺ جن کي سڀني ڪپڙن مان قميص يا پهرياڻ وڌيڪ وڻندو هو.

(٥٤) ان ڪان بي روايت آهي تہ، پاڻ سڳورن جو وڻندڙ لباس جيڪو پاڻ ڍڪيندا هئا قميص يا پهرياڻ هو.

(٥٥) اسماء ڌيءُ يزيد رضي الله عنها ڪان روايت آهي، تہ رسول الله ﷺ جي قميص يا پهرياڻ جون ٻانهون ڪراين تائين هيون.

(٥٦) حضرت معاويہ پٽ قرة رضي الله عنه پنهنجي پيءُ ڪان روايت ڪري ٿو (هو چوي ٿو تہ آئون رسول الله ﷺ جن وٽ قبيلي مزينة جي هڪ جماعت سان بيعت ڪرڻ لاءِ حاضر ٿيس. مون ڏٺو تہ) ان وقت پاڻ سڳورن ﷺ جن جي قميص ڪليل هئي يا چيائين تہ قميص يا پهرياڻ جا بٽڻ ڪليل هئا. سو مون سندن پهرياڻ جي ڳچيءَ ڪان اندران هٿ ڪري، (برڪت خاطر) سندن مهر نبوت کي هٿ لاتو.

(٥٧) حضرت انس پٽ مالڪ رضي الله عنه ڪان روايت آهي تہ بيشڪ نبي ﷺ اسامہ پٽ زيد رضي الله عنه تي ٽيڪ ڏئي گهر ڪان ٻاهر نڪري آيا. مٿن يمني چادر هئي، جا ويڙهي آيا ۽ اچي (مسجد نبوي ۾) اصحابن سڳورن کي نماز پڙهايائون.

(٥٨) حضرت ابو سعيد خدري رضي الله عنه ڪان روايت آهي، تہ جڏهن رسول الله ﷺ جن نئون ڪپڙو پائيندا هئا. تہ ان جو خاص نالو وٺندا هئا جيئن: پٽڪو، پهرياڻ يا چادر. ان ڪان پوءِ (هي) دعا گهرندا هئا: "اي الله! هن ڪپڙي ڍڪائڻ تي تنهنجو حمد آهي. آئون توکان هن جي ۽ جنهن جي لاءِ ٺاهيو ويو آهي، ان جي ڀلائي گهران ٿو ۽ توکان هن جي شر يا برائي ۽ جنهن لاءِ هي ٺاهيو ويو، ان شيءِ جي برائي ڪان پناه گهران ٿو."

(٥٩) حضرت انس پٽ مالڪ رضي الله عنه ڪان روايت آهي تہ رسول



www.maktabah.org

الله ﷺ جيڪي ڪپڙا پائيندا هئا. تن مان (سائي رنگ جي) يمني چادر کي پسند فرمائيندا هئا.

(٦٠) حضرت عون رضي الله عنه پنهنجي پيءُ ابو جحيفه رضي الله عنه کان روايت ٿو ڪري، تہ مون نبي ﷺ جن کي ڳاڙهو وڳو پهريل ڏٺو. ڄڻ تہ آئون هينئر بہ پاڻ سڳورن ﷺ جي پنين مبارڪ جي چمڪ يا اڇاڻ کي ڏسي رهيو آهيان. حضرت سفيان رضي الله عنه چيو تہ، اها ڳاڙهين ليڪن واري يمني چادر هئي.

(٦١) حضرت براءَ بن عازب رضي الله عنه چوي ٿو، تہ مون (ليڪن واري) ڳاڙهي وڳي ۾ رسول الله ﷺ جن کان وڌيڪ سهڻو نهندڙ ماڻهو ڪوبہ نہ ڏٺو. پاڻ سڳورن ﷺ جا وار مبارڪ ڪلهن کي ويجها هئا.

(٦٢) حضرت ابو رمثه رضي الله عنه چوي ٿو تہ، مون رسول الله ﷺ جن کي ڏٺو تہ، ڪين بہ سايون چادرون ڍڪيل هيون.

(٦٣) حضرت قيله ڌيءُ مخرمة رضي الله عنها کان روايت آهي تہ، مون نبي ﷺ جن کي ڏٺو، تہ مٿن بہ پراڻيون زعفراني چادرون ڍڪيل هيون، جن جو رنگ ڦٽي ويو هو. ان حديث ۾ وڏو قصو آهي.

(٦٤) حضرت ابن عباس رضي الله عنه چيو تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو: "اوهان اڇا ڪپڙا پائيندا ڪريو ۽ اوهان مان جيئرا بہ اهي اڇا ڪپڙا ڍڪين ۽ پنهنجن مئلن کي بہ انهن اڇن ڪپڙن ۾ ڪفن ڏيو. هن ڪري جو اڇو ڪپڙو تمام پاڪ صاف سٺو ڪپڙو آهي."

(٦٥) حضرت سمرة بن جندب رضي الله عنه کان روايت آهي، رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ: "اوهان پاڻ بہ اڇا ڪپڙا پايو. ڇو تہ اهي نهايت پاڪ ۽ سٺا آهن ۽ پنهنجن ميتن کي بہ انهن اڇن ڪپڙن سان ڪفن ڍڪايو."

(٦٦) حضرت عائشة رضي الله عنها کان روايت آهي، تہ هڪ ڏينهن رسول الله ﷺ جن صبح جو ٻاهر نڪتا، تہ مٿن ڪارن وارن (ڏاس يا اُن) جي چادر ويڙهيل هئي.

(٦٧) حضرت عروة رضي الله عنه پنهنجي پيءُ مغيرة بن شعبتہ رضي الله عنه کان روايت ڪري ٿو، تہ حضرت مغيره سڳوري چيو تہ، نبي ﷺ رومي جبو پاتو هو. ان جبي جون ٻانهون سوڙهيون هيون.



www.maktabah.org

باب نائون

# رسول الله ﷺ جي گذران جو بيان

(٦٨) حضرت محمد پٽ سيرين تابعي رحمة الله عليه چوي ٿو، تہ اسان حضرت ابوهريرة اصحابي رضي الله عنه وٽ ويٺا هئاسون. ان کي بہ گيڙو رنگ جا گلڪاري وارا سلڪ جا ڪپڙا پاتل هئا. اتي ابوهريره سڱورو هڪ ڪپڙي سان نڪ صاف ڪري چوڻ لڳو، تہ واھ واھ اڄ تہ ابوهريرة ريشم سان نڪ ٿو صاف ڪري! اڳ ۾ پاڻ کي ڏٺو هوم تہ، رسول الله ﷺ جي منبر ۽ حضرت عائشة رضي الله عنها جي حجري مبارڪ جي وچ تي بيهوش ڪريو پيو هوندو هوس، پوءِ ڪو اتان گذرندڙ اچي منهنجي ڪنڌ تي پنهنجو پير رکندو هو. تڏهن سمجهندو هو تہ مون کي مرگهي آهي. هوڏانهن مون کي مرگهي ڪانہ هئي، پر بک جيڪري بيحال هوندو هوس.

(٦٩) حضرت مالڪ پٽ دينار رضي الله عنه کان روايت آهي، تہ رسول الله ﷺ جن ڪڏهن بہ ماني ۽ گوشت پيٽ ڀري ڌوُ ڪري نہ کاڌو، مگر مهمانن سان گڏ.

حضرت مالڪ رضي الله عنه چوي ٿو تہ، مون هڪ ٻهراڙيءَ جي ماڻهو کان پڇيو تہ "ضفف" جي معنيٰ ڇا آهي؟ ان چيو تہ ماڻهن (مهمانن) سان گڏجي کائڻ.



www.maktabah.org

باب ڏهون

# رسول الله ﷺ جي موزن (چمڙي جي جورابن پائڻ) جو بيان

(٧٠) حضرت ابو بريده رضي الله عنه پنهنجي پيءُ کان روايت ڪري ٿو، ته (حبش جي بادشاهه) نجاشي، حضرت نبي ﷺ جن لاءِ ٻه لسا ڪارا موزا سوڪڙي ڪري موڪليا. پاڻ سڳورن اهي موزا پاتا. پوءِ وضو ڪيو ۽ انهن تي مسح يا مک ڪيائون.

(٧١) حضرت مغيرة پٽ رضي الله عنه چوي ٿو. ته حضرت دحية (ڪلبي اصحابي) رضي الله عنه، نبي ﷺ جن کي ٻه موزا سوڪڙي طور ڏنا ۽ پاڻ سڳورن ﷺ اهي موزا پاتائون.

اسرائيل، حضرت جابر رضي الله عنه جي واسطي سان حضرت عامر رضي الله عنه کان روايت ڪئي ته، دحية هڪ جبو به تحفو ڏنو هو. پاڻ سڳورن ﷺ موزا پاتا ۽ جبو ڍڪيائون. نيٺ اهي پراڻا ٿي ڦاٽي ويا.

نبي ﷺ جن کي اهو ڪونه ٻڌايو ويو يا پاڻ ڪونه پڇيائون، ته اهي موزا ذبح ڪيل جانور جي کل جا هئا يا اڻ ڪٺل جانور جي کل جا هئا.


www.maktabah.org

## باب يارهون

# رسول الله ﷺ جي نعلين (جتي مبارڪ) جو بيان

(٧٢) حضرت قتاده رضي الله عنه کان روايت آهي تہ مون انس پٽ مالڪ رضي الله عنه کان پڇيو تہ. رسول الله ﷺ جن جي جتي مبارڪ ڪهڙي نموني جي هئي؟ ان چيو تہ پاڻ سڳورن ﷺ جي هر هڪ جتيءَ مبارڪ ۾ ٻہ ٻہ ڪهيون هيون.

(٧٣) حضرت ابن عباس رضي الله عنه کان روايت آهي، تہ رسول الله ﷺ جن جي جتيءَ مبارڪ ۾ ٻہ ڪهيون هيون ۽ اهي ٻٽيون هيون.

(٧٤) حضرت عيسيٰ پٽ طهمان رضي الله عنه کان روايت آهي، تہ انس پٽ مالڪ رضي الله عنه اسان کي ٻہ جوتا جن جي چمڙي تي وار نہ هئا ڪڍي ڏيکاريا.

راوي چوي ٿو تہ مون کي حضرت ثابت بيان ڪري ٻڌايو ۽ ان کي حضرت انس رضي الله عنه ٻڌايو، تہ اهي ٻئي نعلين (جوتا) مبارڪ رسول الله ﷺ جن جا آهن.

(٧٥) حضرت عبيد پٽ جريج رضي الله عنه کان روايت آهي، تہ مون حضرت ابن عمر رضي الله عنه کان پڇيو تہ. آئون توکي (هميشہ) وارن کان صاف ٿيل چمڙي جي جتي پائيندي ڏسان ٿو.

ان چيو تہ. مون رسول الله ﷺ جن کي اهڙي جتيءَ پائيندي ڏٺو، جنهن ۾ وار ڪونہ هئا، پاڻ ان ۾ وضو بہ ڪندا هئا. سو دل گهرندي آهي، تہ آئون بہ اهڙي جتيءَ پايان.

(٧٦) حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي، تہ رسول الله ﷺ جن جي جتي مبارڪ کي ٻہ ڪهيون هونديون هيون.

(٧٧) حضرت عمرو پٽ حريث رضي الله عنه کان روايت آهي، تہ مون رسول الله ﷺ جن کي چتي لڳل جتيءَ ۾ نماز پڙهندي ڏٺو.



www.maktabah.org

(٧٨) حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي، تہ رسول الله ﷺ فرمايو تہ، ڪوبہ هڪ پير ۾ جتي پائي نہ گهمي، بلڪ ٻئي پائي يا ٻئي لاهي ڇڏي.

(٧٩) حضرت جابر رضي الله عنه کان روايت آهي تہ، نبي پاڪ ﷺ جن ڪاٻي هٿ سان ڪائڻ کان منع ڪندا هئا ۽ هڪ پير ۾ جتي پائي هلڻ کان بہ روڪيندا هئا.

(٨٠) حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ، نبي پاڪ ﷺ جن فرمايو: جڏهن توهان مان ڪو جتي پائي تہ ضرور ساڄي پاسي کان شروعات ڪري ۽ جڏهن جتي لاهي تہ کاٻي کان شروع ڪري. جيئن پائڻ وقت ٻنهي کان ساڄو اڳ ۾ ۽ لاهڻ وقت ٻنهي کان کاٻو اڳ ۾ هجي.

(٨١) حضرت عائشة رضي الله عنها کان روايت آهي تہ، رسول الله ﷺ جن ڦڻي ڏيڻ، جتي پائڻ ۽ پاڪائي يا وضو ڪرڻ ۾ ساڄي پاسي کان شروع ڪرڻ پسند ڪندا هئا.

(٨٢) حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي، تہ رسول الله ﷺ، حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه ۽ حضرت عمر فاروق رضي الله عنه جي نعلين شريفين (جتين) ۾ ٻہ ٻہ ڪهيون هونديون هيون ۽ هڪ ڪهي جي شروعات حضرت عثمان غني رضي الله عنه ڪئي.


www.maktabah.org

باب ٻارهون

## رسول الله ﷺ جي مُنڊيءَ مبارڪ جو بيان

(٨٣) حضرت انس بڻ مالڪ رضي الله عنه ڪان روايت آهي تہ، رسول الله ﷺ جن جي مُنڊيءَ مبارڪ چانديءَ جي ٺهيل هئي ۽ منڊيءَ جي ٽڪ حبش ملڪ جي هئي.

(٨٤) حضرت ابن عمر رضي الله عنه ڪان روايت آهي، تہ نبي پاڪ ﷺ جن چانديءَ جي منڊيءَ ٺهرائي، ان منڊيءَ سان مهر هڻندا هئا ۽ هٿ مبارڪ ۾ نہ پائيندا هئا.

(٨٥) حضرت انس رضي الله عنه ڪان روايت آهي، تہ رسول الله ﷺ جن جي منڊيءَ مبارڪ ۽ ان جي ٽڪ ٻئي چانديءَ جون هيون.

(٨٦) حضرت انس بڻ مالڪ رضي الله عنه ڪان روايت آهي، تہ جڏهن نبي پاڪ ﷺ جن عجمي بادشاهن ڏانهن خطن لکڻ جو ارادو فرمايو. ماڻهن عرض ڪيو تہ، عجم وارا بادشاهہ مُهر ڪان سواءِ ڪو خط قبول نہ ڪندا آهن. تنهن تي پاڻ سڳورن منڊي ٺهرائي. (راوي چوي ٿو) ڇڻ تہ آئون ان مُنڊيءَ مبارڪ جي چمڪ ۽ اڇاڻ جي جهلڪ سندن هٿ مبارڪ ۾ هينئر بہ ڏسي رهيو آهيان.

(٨٧) حضرت انس رضي الله عنه ڪان روايت آهي تہ، نبي پاڪ ﷺ جي منڊيءَ مبارڪ جو نقش ٽن سٽن ۾ هو. هڪ سٽ ۾ محمد، ٻي سٽ ۾ رسول ۽ ٽين سٽ ۾ الله لکيل هو. يعني محمد رسول الله.

(٨٨) حضرت انس رضي الله عنه ڪان روايت آهي تہ نبي پاڪ ﷺ جن ڪسريٰ (فارس، ايران جي بادشاهہ خسرو پرويز) قيصر (روم جي بادشاهہ) ۽ نجاشي (حبش جي بادشاهہ) ڪي اسلام جي دعوت ۽ پيغام جا خط مبارڪ لکيا. پاڻ سڳورن ڪي عرض ڪيو ويو تہ، اهي (عجمي بادشاهہ) مُهر ڪان سواءِ خط قبول نہ ڪندا آهن. ان ڪري پاڻ سڳورن ﷺ


www.maktabah.org

منڊيءَ ٺهرائي، جنهن جو ڇلو چانديءَ جو هو. ان ۾ "محمد رسول الله" اُڪريل هو.

(٨٩) حضرت انس پٽ مالڪ رضي الله عنه‌کان روايت آهي ته، نبي پاڪ ﷺ جنهن وقت بيت الخلا (ڪاڪوس) ۾ ويندا هئا، ته اڳ ۾ منڊيءَ لاهي رکندا هئا.

(٩٠) حضرت ابن عمر رضي الله عنه کان روايت آهي، ته رسول الله ﷺ جن چاندي جي مُنڊيءَ ٺهرائي. پوءِ اها منڊيءَ سندن هٿ مبارڪ ۾ پاتل هوندي هئي. پوءِ ابوبڪر رضي الله عنه ۽ عمر رضي الله عنه جي هٿن مبارڪ ۾ پاتل هوندي هئي. انهن کان پوءِ عثمان رضي الله عنه جي هٿ ۾ پاتل رهي. نيٺ ان کان "اريس جي کوهه" ۾ ڪري پئي. ان منڊيءَ تي "محمد رسول الله" اُڪريل هو. ﷺ


www.maktabah.org

باب تيرهون

# نبي پاڪ ﷺ جن جي ساڄي هٿ ۾ منڊي پائڻ جو بيان

(٩١) حضرت علي پٽ ابو طالب رضي الله عنه کان روايت آهي ته، نبي پاڪ ﷺ جن منڊي ساڄي هٿ ۾ پائيندا هئا.

(٩٢) حضرت حماد پٽ سلمه رضي الله عنه کان روايت آهي ته، مون (عبدالرحمان) پٽ ابو رافع رضي الله عنه کي ساڄي هٿ ۾ منڊي پائيندي ڏٺو. ان بابت مون کانئس پڇيو. چيائين ته عبدالله پٽ جعفر سڳوري کي ساڄي هٿ ۾ منڊي پائيندي ڏٺم ۽ عبدالله پٽ جعفر چيو ته، رسول الله ﷺ جن پنهنجي ساڄي هٿ ۾ منڊيءَ پائيندا هئا.

(٩٣) حضرت عبدالله پٽ جعفر سڳوري کان روايت آهي ته نبي پاڪ ﷺ جن پنهنجي ساڄي هٿ ۾ منڊي پائيندا هئا.

(٩٤) حضرت جابر پٽ عبدالله رضي الله عنه کان روايت آهي ته، نبي پاڪ ﷺ جن منڊي ساڄي هٿ ۾ پائيندا هئا.

(٩٥) حضرت ابو الصلت پٽ عبدالله رضي الله عنه کان روايت آهي، ته حضرت ابن عباس رضي الله عنه پنهنجي ساڄي هٿ ۾ منڊي پائيندو هو. منهنجو ئي خيال آهي ته، ابن عباس چيو ته، رسول الله ﷺ ساڄي هٿ ۾ منڊي پائيندا هئا.

(٩٦) حضرت ابن عمر رضي الله عنه کان روايت آهي ته نبي پاڪ ﷺ جن چاندي جي منڊي ٺهرائي. سندس ٽڪ هٿ جي تريءَ ڏي هئي. ان ۾ "محمد رسول الله" اڪريل هو ۽ ٻين کي اهڙي نقش کان منع فرمايائون. هي منڊيءَ اها هئي جا حضرت معيقيب رضي الله عنه (حضرت عثمان رضي الله عنه جي خادم) کان اريس جي کوهه ۾ ڪري پئي هئي.


www.maktabah.org

(٩٧) حضرت جعفر پٽ محمد رضي الله عنه پنهنجي پيءُ (محمد باقر عليه السلام) کان روايت ڪئي آهي، ته امام حسن رضي الله عنه ۽ امام حسين رضي الله عنه منڊي کابي هٿ ۾ پائيندا هئا. (ساڄي هٿ ۾ منڊي پائڻ افضليت لاءِ آهي ۽ هن روايت موجب کابي هٿ ۾ منڊي پائڻ جواز واسطي آهي.)

(٩٨) حضرت انس پٽ مالڪ رضي الله عنه‌کان روايت آهي ته، نبي پاڪ ﷺ منڊي ساڄي هٿ ۾ پائيندا هئا.

(٩٩) حضرت ابن عمر رضي الله عنه‌کان روايت آهي ته، رسول الله ﷺ جن سوني منڊي ٺهرائي ۽ ان کي پنهنجي ساڄي هٿ ۾ پائيندا هئا. (پاڻ سڳورن ﷺ کي ڏسي) بين اصحابن سڳورن به سونيون منڊيون ٺهرايون. رسول الله ﷺ ان سوني منڊيءَ کي لاهي ڦٽو ڪري ڇڏيو ۽ فرمايائون ته آئون هن سوني منڊيءَ کي ڪڏهن به نه پائيندس. پوءِ ماڻهن (اصحابن سڳورن) به پنهنجون (سونيون) منڊيون لاهي اڇلي ڇڏيون.


www.maktabah.org

باب چوڏهون

# رسول الله ﷺ جي تلوار جو بيان

(١٠٠) حضرت انس رضي الله عنه کان روايت آهي، تہ رسول الله ﷺ جن جي تلوار جو مُـنيو چانديءَ جو هو. يا مُـنيي تي چانديءَ جو پٽ چڙهيل هو.

(١٠١) حضرت سعيد پٽ ابوالحسن رضي الله عنه کان روايت آهي تہ، رسول الله ﷺ جي تلوار جو منيو چانديءَ جو هو.

(١٠٢) حضرت هود پٽ عبدالله پٽ سعيد رضي الله عنه پنهنجي ڏاڏي (سعيد) کان روايت ڪئي تہ رسول الله ﷺ فتح مڪي جي ڏينهن جڏهن مڪي شريف شهر ۾ داخل ٿيا، تہ سندن تلوار تي سون ۽ چانديءَ جڙيل هئا.

راوي طالب پٽ جحير رضي الله عنه چيو تہ مون ان کان چاندي جي باري ۾ پڇيو؟ ان چيو تہ، تلوار جو منيو چانديءَ جو هو.

(١٠٣) حضرت ابن سيرين رضي الله عنه کان روايت آهي تہ مون پنهنجي تلوار سمرة پٽ جندب رضي الله عنه جي تلوار جهڙي ٺهرائي. ڇاڪاڻ تہ سمرة چيو، تہ مون پنهنجي تلوار رسول الله ﷺ جن جي تلوار جهڙي ٺهرائي هئي ۽ اها تلوار بنو حنيف قبيلي جي ٺهيل هئي.



www.maktabah.org

باب پندرهون

# رسول الله ﷺ جي زرهہ جو بيان

(١٠٤) حضرت زبير پٽ عوام رضي الله عنه کان روايت آهي، تہ نبي پاڪ ﷺ جن جي بدن مبارڪ تي جنگ اُحد جي ڏينهن ٻہ زرهون پيل هيون. پوءِ پاڻ سڳورا وڏي جبل تي چڙهڻ لڳا، پر (زخمن جي گهڻائي ۽ تڪليف ڪري) پاڻ چڙهي نہ سگهيا. پوءِ حضرت طلحہ اصحابي رضي الله عنه کي پنهنجي هيٺان ويهاري، پاڻ مٿس چڙهي، جبل تي چڙهي ويا. راوي (زبير پٽ عوام) چوي ٿو تہ، پوءِ مون نبي پاڪ ﷺ جن کان ٻڌو، جو فرمايائون تہ: طلحہ پنهنجي لاءِ شفاعت يا بهشت ڪئيو.

(١٠٥) حضرت سائب پٽ يزيد رضي الله عنه کان روايت آهي، تہ رسول الله ﷺ جن کي جنگ اُحد جي ڏينهن ٻہ زرهون هڪ ٻئي جي مٿان پاتل هيون.



www.maktabah.org

باب سورهون

# رسول الله ﷺ جي خود (لوهي ٽوپ) جو بيان

(١٠٦) حضرت انس پٽ مالڪ رضي الله عنه کان روايت آهي تہ، نبي پاڪ ﷺ فتح مڪي جي ڏينهن جڏهن مڪي مڪرمة ۾ داخل ٿيا. تنهن وقت پاڻ سڳورن کي خود (لوهہ جو ٽوپ) پاتل هو. پاڻ سڳورن کي عرض ڪيو ويو تہ، هي ابن خطل (اسلام کان ڦري ويل مرتد) ڪعبي شريف جي غلاف کي چنبڙيو پيو آهي. پاڻ فرمايائون تہ، ان (مرتد) کي ماري وجهو.

(١٠٧) حضرت انس پٽ مالڪ رضي الله عنه کان هيءُ بہ روايت آهي، تہ نبي پاڪ ﷺ جن فتح مڪي جي سال خود (لوهو ٽوپ) پائي، مڪي شريف ۾ آيا. راوي چيو تہ جڏهن لوهو ٽوپ لاٿائون، تہ هڪ ماڻهو ڪين ٻڌايو تہ خطل جو پٽ (مرتد) ڪعبي جي غلاف کي چنبڙيو پيو آهي. پاڻ فرمايائون، تہ ان کي قتل ڪري ڇڏيو.

ابن شهاب چيو، مون کي خبر پئي تہ ان ڏينهن نبي پاڪ ﷺ جن کي احرام ٻڌل ڪونہ هو.



www.maktabah.org

باب سترهون

# نبي ﷺ جن جي دستار يا پڳ مبارڪ جو بيان

(١٠٨) حضرت جابر رضي الله عنه کان روايت آهي، تہ نبي پاڪ ﷺ فتح مڪي جي ڏينهن مڪي شريف ۾ داخل ٿيا، تہ سندن مٿي مبارڪ تي ڪاري پڳ مبارڪ ٻڌل هئي.

(١٠٩) حضرت جعفر رضي الله عنه پنهنجي پيءُ عمرو پٽ حريث رضي الله عنه کان روايت ڪئي آهي، ان چيو تہ مون رسول الله ﷺ جن جي مٿي تي ڪاري پڳ مبارڪ ڏٺي.

(١١٠) ان کان ئي روايت آهي، تہ نبي پاڪ ﷺ جن ماڻهن کي خطبو ارشاد فرمايو ۽ سندن مٿي مبارڪ تي ڪاري پڳ ٻڌل هئي.

(١١١) حضرت ابن عمر رضي الله عنه کان روايت آهي تہ، نبي پاڪ ﷺ جڏهن پڳ ٻڌندا هئا، تہ طرو ٻنهي ڪلهن جي وچ تي لڙڪائي ڇڏيندا هئا.

حضرت نافع رضي الله عنه چوي ٿو، تہ حضرت ابن عمر رضي الله عنه بہ ائين ڪندو هو.

حضرت عبيد الله رضي الله عنه چيو تہ، قاسم پٽ محمد رضي الله عنه ۽ حضرت سالم رضي الله عنه بہ ايئن ڪندا هئا يعني طرو ڪلهن جي وچ تي ڇڏيندا هئا.

(١١٢) حضرت ابن عباس رضي الله عنه کان روايت آهي تہ، نبي پاڪ ﷺ جن خطبو ڏنو. ان وقت پاڻ سڳورن کي تيل سان سٽيو پٽڪو ٻڌل هو.

(پٽڪو ٻڌڻ سنت آهي. هتي ڪاري پٽڪي جو بيان آهي. پاڻ سڳورن ﷺ اڇي سفيد لباس کي گهڻو پسند ڪيو آهي. حديث مان دليل هي بہ آهي تہ مڪي شريف ۾ داخل ٿيڻ کان سواءِ بہ پاڻ سڳورن ڪارو پٽڪو استعمال ڪيو آهي ........ اهو ڪارو پٽڪو مبارڪ گهٽي سٽيي

.. .. .. .. .. .. .. .. .. .. .. .. .. .. .. .. .. .. .. .. .. ..


www.maktabah.org

جي ڪري ايئن ڏسڻ ۾ آيو هجي. جيئن ابن عباس رضي الله عنه جي متئين روايت مان ظاهر آهي يا پاڻ سڳورن ﷺ ان وقت خود يا لوهو ٽوپ پاتو هو، ان ڪري ايئن معلوم ٿيو هجي.

شرح شمائل ۾ آهي ته امام نووي رحمة الله عليه چيو آهي، جيتوڻيڪ حديث شريف ۾ خطبي وقت ڪاري پٽڪي ٻڌڻ جو جواز ۽ اڇو پٽڪو ٻڌڻ افضل معلوم ٿئي ٿو. علماء ڪرام جو قول فيصل ۽ متفق فيصلو به اهو آهي، جيئن امام نووي چيو آهي ته، هن زماني ۾ به عالمن سڳورن ڪي اسلامي شعار واسطي اڇا پٽڪا ٻڌڻ وڌيڪ مناسب آهن.

☆ تلخيص شرح شمائل ترمذي از مولانا حقاني، باب ماجاءَ في عمامة النبي ﷺ)


www.maktabah.org

باب ارڙهون

# رسول الله ﷺ جي گوڏ ٻڌڻ جو بيان

(١١٣) حضرت ابو برده رضي الله عنه کان روايت آهي، ته حضرت عائشه رضي الله عنها اسان کي هڪ اڳڙين سان چتين لڳل چادر ۽ ٿلهي ڪپڙي جي گوڏ ڪڍي ڏيکاري ۽ چيو ته رسول الله ﷺ جن هنن ٻنهي ڪپڙن ۾ وصال فرمايو.

(١١٤) حضرت اشعث پٽ سليم رضي الله عنه کان روايت آهي ته، پنهنجي پڦي کان ٻڌم. جنهن پنهنجي چاچي کان روايت ڪئي. ان عبيد بن خالد چيو ته، آئون هڪ دفعي مديني شهر ۾ گهمي رهيو هوس. اوچتو پٺيان هڪ ماڻهو چوڻ لڳو ته، پنهنجي گوڏ مٿي ڪر، جو اها پرهيزگاري آهي ۽ ڪپڙي جو جٽاءُ به آهي. نهاريم ته رسول الله ﷺ جن آهن. عرض ڪيم ته يارسول الله ! ﷺ هي سادي سودي رنگيل چادر آهي. پاڻ سڳورن فرمايو. ته ڇا توکي منهنجي پيروي ڪرڻي نه آهي؟ پوءِ ڏٺم ته پاڻ سڳورن جي گوڏ مبارڪ پنين جي اڌ تائين آهي.

(١١٥) حضرت اياس پٽ سلمه پٽ اڪوع رضي الله عنه پنهنجي پيءُ کان روايت ڪئي آهي، ته حضرت عثمان رضي الله عنه پنهنجي گوڏ پنين جي اڌ تائين ٻڌندو هو ۽ چيائين ته منهنجي پياري نبي ﷺ جن جو به اهوئي طريقو هو.

(١١٦) حضرت حذيفة پٽ يمامة رضي الله عنه کان روايت آهي، ته رسول الله ﷺ جن پنيءَ جي گوشت ۾ هٿ وجهي ڏيکاريو ۽ فرمايو ته گوڏ ٻيهڻ جي هي جاءِ اٿئي. جي نه مڃين، ته پوءِ ٿورو هيٺ ڀرو. جي اجان نه مڃين، ته پوءِ گوڏ کي پيڏين تائين لڙڪائڻ جو ڪو به حق نه آهي.


www.maktabah.org

باب اوڻيهون

# رسول الله ﷺ جن جي هلڻ گهمڻ جو بيان

(١١٧) حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي ته، رسول الله ﷺ جن کان وڌيڪ مون ڪوبه سهڻو ڪونه ڏٺو، ڄڻ ته سندن منهن مبارڪ ۾ سج چمڪي رهيو آهي. هلڻ ۽ رفتار ۾ حضور ﷺ جن کان ڪوبه تکڙو هلندڙ ڪونه ڏٺم. ڄڻ ته سندن لاءِ زمين ويڙهجي ٿي وڃي. اسان پاڻ کي هلڻ ۾ تڪليف ڏئي، ڪين مس پهچندا هئاسون ۽ پاڻ سڳورا مزي ۽ پوري رفتار سان هلندا هئا.

(١١٨) ابراهيم پٽ محمد رضي الله عنهما (حضرت علي رضي الله عنه جو پوٽو) چوي ٿو ته، حضرت علي رضي الله عنه نبي پاڪ ﷺ جن جون سهڻيون صفتون بيان ڪندي چوندو هو ته، رسول الله ﷺ جن جڏهن هلندا هئا، ته پير مبارڪ زور سان کڻندا هئا، ڄڻ ته ڪنهن لاهي ۾ تا لهن.

(١١٩) حضرت علي پٽ ابو طالب رضي الله عنه کان روايت آهي، ته رسول الله ﷺ جڏهن هلندا هئا، ته ٿورو اڳتي جهڪي هلندا هئا، ڄڻ ته مٿاهين کان هيٺ تا لهن.


www.maktabah.org

باب ويھون

# رسول اللہ ﷺ جي رومال جو بيان

(١٢٠) حضرت انس پٽ مالڪ رضي اللہ عنہ کان روايت آھي، تہ رسول اللہ ﷺ جن گھڻو ڪري پڳ مبارڪ جي ھيٺان رومال ڏيندا ھئا. اھو ننڍو رومال تيل لڳڻ ڪري تمام سٿيو ھوندو ھو.



www.maktabah.org

باب ايڪيهون

# رسول الله ﷺ جي ويهڻ جو بيان

(١٢١) حضرت قيلة ڏيءَ مخرمة رضي الله عنها کان روايت آهي، تہ مون رسول الله ﷺ جن کي مسجد ۾ اوڪڙو يا ڪانيپ ٻڌڻ وانگر ويٺل ڏٺو يعني پاڻ سڳورا ٻنهي گوڏن کي ايو ڪري، انهن تي منهن رکي، هٿ مبارڪ ڪچن ۾ ڏئي، نماڻائي سان غور فڪر ۾ مراقبي وانگر مستغرق ويٺا هئا. پوءِ پاڻ سڳورن کي اهڙي نماڻي حال ۾ ويٺل ڏسي، آئون خوف کان ڏڪي ويس.

(١٢٢) حضرت عباد پٽ تميم رضي الله عنها پنهنجي چاچي (عبدالله پٽ زيد رضي الله عنه) کان روايت ڪئي، تہ مون رسول الله ﷺ جن کي مسجد ۾ سنئون سڌو پير پير تي چاڙهيو ستل ڏٺو.

(١٢٣) حضرت ربيح پنهنجي پيءُ عبدالرحمان جي واسطي سان پنهنجي ڏاڏي ابو سعيد خدري رضي الله عنهم کان روايت ڪئي، تہ رسول الله ﷺ جن جڏهن مسجد ۾ ويهندا هئا، تہ گوڏن جي چوڌاري هٿ ٻڌي ڪانيپ ڪدي ويهندا هئا.


www.maktabah.org

باب ٻاويهون

# رسول الله ﷺ جي ٽيڪ ڏئي ويهڻ جو بيان

(١٢٤) حضرت جابر پٽ سمرة رضي الله عنه کان روايت آهي، تہ مون رسول الله ﷺ جن کي وهاڻي تي ٽيڪ ڏيندي ڏٺو. جو وهاڻو کاٻي پاسي کان رکيل هو.

(١٢٥) حضرت عبدالرحمان پٽ ابوبکره رضي الله عنه پنهنجي پيءُ کان روايت بيان ڪري ٿو تہ، رسول الله ﷺجن فرمايو: توهان کي وڏن گناهن مان ڪبيري گناهہ جي خبر نہ ڏيان؟ اصحابن سڀني چيو تہ هاؤ يارسول الله ! ﷺ. پاڻ سڳورن فرمايو تہ: الله تعاليٰ سان شرڪ ڪرڻ ۽ پيءُ ماءُ جو بي فرمان ٿيڻ (ڪبيرا گناهہ آهن).

راوي چيو تہ پاڻ سڳورا ان وقت ٽيڪ ڏيو ويٺا هئا ۽ فرمايائون تہ ڪوڙي شاهدي يا ڪوڙ ڳالهائڻ بہ وڏا گناهہ آهن.

رواي چيو تہ رسول الله ﷺ جن ايئن وري وري پيا فرمايو. اسان چيو تہ من ماٺ ڪن ۽ وري وري چوڻ جي تڪليف نہ ڪن. (مطلب تہ پاڻ سڳورن ڪوڙ کان بچڻ لاءِ وري وري تاڪيد پئي ڪيو.)

(١٢٦) حضرت ابو جحيفة رضي الله عنه کان روايت آهي، تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو: آئون ٽيڪ ڏئي ڪونہ کائيندو آهيان.

(١٢٧) حضرت علي پٽ اقمر رضي الله عنه کان روايت آهي تہ، مون ابو جحيفة رضي الله عنه کي چوندي ٻڌو، تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو: آئون ٽيڪ ڏئي ڪونہ کائيندو آهيان.

(١٢٨) حضرت جابر پٽ سمرة رضي الله عنهکان روايت آهي، تہ مون نبي ﷺ جن کي وهاڻي تي ٽيڪ ڏيندي ڏٺو.


www.maktabah.org

باب ٽيويهون

# رسول الله ﷺ جو ٽيڪ يا سهارو ڏئي هلڻ جو بيان

(١٢٩) حضرت انس رضي الله عنه کان روايت آهي، ته نبي ﷺ جن بيماريءَ جي حالت ۾ حضرت اسامه رضي الله عنه تي ٽيڪ ڏئي گهر کان ٻاهر نڪتا. پاڻ سڳورن ﷺ جي ڪلهن تي يمني چادر ويڙهيل هئي. پوءِ پاڻ انهي حالت ۾ اصحابن کي نماز پڙهايائون.

(١٣٠) حضرت فضل پٽ عباس رضي الله عنه کان روايت آهي، ته آئون رسول الله ﷺ جن وٽ انهي بيماري ۾ ويس، جنهن ۾ پاڻ سڳورن وصال فرمايو. ان وقت سندن مٿي مبارڪ تي ڦڪي پٽي ٻڌل هئي. مون پاڻ سڳورن تي سلام ورايو. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو ته اي فضل ! عرض ڪيم حاضر آهيان يا رسول الله ! ﷺ پاڻ فرمايائون ته، منهنجي مٿي کي هن پٽيءَ سان چڪي ٻڌ. مون ائين ڪيو. پوءِ پاڻ سڳورا ﷺ اٿي ويٺا. پوءِ پنهنجي هٿ مبارڪ کي منهنجي ڪلهي تي رکي اٿيا ۽ مسجد شريف ۾ آيا. انهي حديث ۾ ڊگهو قصو آهي.



www.maktabah.org

باب چوويهون

# رسول الله ﷺ جي ڪاڌي ڪائڻ جو بيان

(۱۳۱) حضرت ڪعب پٽ مالڪ رضي الله عنه جو هڪ پٽ ڪانئس روايت ڪري ٿو ته، نبي ﷺ (ڪاڌي ڪائڻ کان پوءِ) پنهنجون آڱريون ٽي ڀيرا چٽيندا هئا.

(۱۳۲) حضرت انس رضي الله عنه کان روايت آهي ته، نبي ﷺ جڏهن ڪاڌو ڪائيندا هئا، ته پنهنجن ٽنهي آڱرين کي چٽيندا هئا.

(۱۳۳) حضرت ابو جحيفة رضي الله عنه کان روايت آهي، ته رسول الله ﷺ جن فرمايو ته، آئون ٽيڪ ڏئي ڪاڌو نه ڪائيندو آهيان.

(۱۳۴) حضرت ڪعب پٽ مالڪ رضي الله عنه کان سندس هڪ پٽ روايت ڪري ٿو، ته رسول الله ﷺ ٽن آڱرين سان ماني ڪائيندا هئا ۽ آڱرين کي چٽيندا هئا.

(۱۳۵) حضرت انس پٽ مالڪ رضي الله عنه کان روايت آهي ته، رسول الله ﷺ جن وٽ ڪجور آندي وئي. مون ڏٺو ته پاڻ سڳورا ﷺ اها ڪجور بک جي ڪري اوڪڙو ويهي ڪائي رهيا هئا.



www.maktabah.org

## باب پنجويهون

# رسول الله ﷺ جي ماني کائڻ جو بيان

(١٣٦) حضرت عائشة رضي الله عنها کان روايت آهي، تہ حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جي گهرياتين جوَن جي مانيءَ بہ ڏينهن لاڳيتو ڍؤ ڪري نہ کاڌي، تان جو رسول الله ﷺ جن هن دنيا مان وصال ڪري ويا.

(١٣٧) حضرت سليم پٽ عامر رضي الله عنه کان روايت آهي، تہ مون ابو امامة رضي الله عنه کان ٻڌو، تہ رسول الله ﷺ جي گهر وارن وٽ جوَن جي ماني بہ ڪانہ بچندي هئي. مطلب تہ ماني ٿوري هوندي هئي. کائڻ کان پوءِ وڌيڪ ڪانہ بچندي هئي.

(١٣٨) حضرت ابن عباس رضي الله عنه کان روايت آهي، تہ رسول الله ﷺ جن ڪيئي لاڳيتيون راتيون بکارا رهندا هئا. پاڻ ۽ سندن ڪٽنب رات جي ماني نہ ڏسندا هئا. هوڏانهن ماني بہ گهڻو ڪري جوَن جي هوندي هئي.

(١٣٩) حضرت سهل پٽ سعد رضي الله عنه کان پڇيائون، تہ رسول الله ﷺ جن سنهي اٽي يا اڇي ميدي جي ماني کاڌي آهي؟ ان چيو تہ رسول الله ﷺ سنهو اٽو يا ميدو الله تعاليٰ سان ملڻ تائين نہ ڏٺو. حضرت سهل سڳوري کان پڇيو ويو تہ، ڀلا رسول الله ﷺ جي زماني ۾ توهان وٽ اٽي ڇاڻڻ جا پروڻ هوندا هئا؟ ان چيو تہ نہ. پوءِ ان کان پڇيائون، تہ ڀلا پوءِ جوَن جو اٽو ڪيئن ڇاڻيندا ۽ صاف ڪندا هئو؟ ان چيو تہ جوَن جي اٽي کي ڦوڪ ڏيندا هئاسون. پوءِ جيڪي تهہ اڏي ويندا هئا. باقي بچيل اٽي کي ماني پچائڻ لاءِ ڳوهيندا هئاسون.

(١٤٠) حضرت انس پٽ مالڪ رضي الله عنه کان روايت آهي، تہ نبي ﷺ کاڌو نہ ميز تي رکي کاڌو ۽ نہ وري پيالن پليٽن ۾ ماني کاڌي. پاڻ


www.maktabah.org

سڳورن ﷺ لاءِ اڦراٽا بہ نہ پچايا ويا.

راوي چيو تہ حضرت قتاده رضي الله عنه کان پڇيم تہ پلا ماني ڇاتي رکي کائيندا هئا؟ چيائين تہ چمڙي جي سادي دسترخوان تي ماني کائيندا هئا.

(١٤١) حضرت مسروق رضي الله عنه کان روايت آهي تہ، هڪ دفعي آئون (مؤمنن جي ماءُ) عائشة رضي الله عنها وٽ ويس، تہ مون لاءِ ماني گهرايائين. پوءِ چيائين تہ آئون جڏهن ماني ڍؤ ڪري کائيندي آهيان، تہ ويهي روئندي آهيان. پڇيومانس تہ ڇو روئندي آهين؟ چيائين تہ ان حال کي ياد ٿي ڪريان، جنهن تي رسول الله ﷺ دنيا کي ڇڏيو. الله جو قسم! پاڻ سڳورن هڪڙو ڏينهن بہ بہ دفعا گوشت ۽ ماني مان ڍؤ ڪري نہ کاڌو.

(١٤٢) حضرت عائشه رضي الله عنها کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن لاڳيتا بہ ڏينهن جوَن جي مانيءَ بہ دنيا مان ڇڏڻ تائين ڍؤ ڪري نہ کاڌي.

(١٤٣) حضرت انس رضي الله عنه کان روايت آهي تہ، رسول الله ﷺ جن دنيا مان موڪلائڻ تائين ميز تي کاڌو رکي نہ کاڌو ۽ نڪي سنهي ماني کاڌائون.


www.maktabah.org

باب چويهون

# رسول الله ﷺ جي ٻوڙ (ڀاڄي يا ڳنڍڻ) جو بيان

(۱۴۴) حضرت عائشه رضي الله عنها کان روايت آهي ته. رسول الله ﷺ جن فرمايو: ٻوڙن ۾ سٺو ٻوڙ سرڪو آهي.

حضرت عبدالله پٽ عبدالرحمان رضي الله عنه به پنهنجي روايت ۾ چيو آهي ته. سٺو ٻوڙ سرڪو آهي.

(۱۴۵) حضرت سماڪ پٽ حرب رضي الله عنه چوي ٿو ته. مون حضرت نعمان پٽ بشير رضي الله عنه کي چوندي ٻڌو ته. ڇا توهان پنهنجي کاڌي پيتي جون وڻندڙ شيون نه ٿا کائو؟ بيشڪ مون (پنهنجي ۽) توهان جي نبي ﷺ جن کي ڏٺو. جو پاڻ سڳورن ﷺ وٽ ايتري سڪل ڪجور ڪانه هئي، جنهن سان پاڻ ڍؤ ڪري کائن.

(۱۴۶) حضرت جابر رضي الله عنه کان روايت آهي، ته رسول الله ﷺ فرمايو: سٺو ٻوڙ سرڪو آهي.

(۱۴۷) حضرت زهدم جرمي رضي الله عنه کان روايت آهي، ته اسان حضرت ابو موسيٰ (اشعري) رضي الله عنه وٽ وينا هئاسون، ته ان وٽ مانيءَ سان گڏ ڪڪڙ جو ٻوڙ آندو ويو. تنهن تي هڪ ماڻهو پوئتي هٽڻ لڳو. ابو موسيٰ (اشعري) ان ماڻهو کي چيو ته. توکي ڇا ٿيو؟ ان ماڻهو جواب ڏنو ته. ڪڪڙ کي گندگي کائيندي ڏٺو اٿم. ان ڪري ڪڪڙ نه کائڻ جو قسم کنيو اٿم. پوءِ ابو موسيٰ سڳوري چيس، ته ويجهو ٿيءُ. بيشڪ مون رسول الله ﷺ جن کي ڪڪڙ جو گوشت کائيندي ڏٺو آهي.

(۱۴۸) حضرت ابراهيم پٽ عمر رضي الله عنه پنهنجي پيءُ جي واسطي سان پنهنجي ڏاڏي سفينة رضي الله عنه کان روايت ڪئي آهي، ته مون رسول الله ﷺ جن سان گڏ تلور جو گوشت کاڌو آهي.

(۱۴۹) حضرت زهدم جرمي رضي الله عنه چيو ته. اسان حضرت ابو موسيٰ (اشعري) رضي الله عنه وٽ وينا هئاسون. ته سندس کائڻ لاءِ ماني


www.maktabah.org

آندائون. ان ۾ ڪڪڙ جو گوشت بہ هو. ڪجهري وارن ۾ هڪ ماڻهو رنگ جو ڳاڙهو رومي غلامن جهڙو بني تيم الله جي قبيلي مان ويٺو هو. راوي چيو تہ اهو ماڻهو ماني ۽ ڪڪڙ جي ٻوڙ کي ويجهو بہ نہ ٿيو. پوءِ ابو موسيٰ سڳوري چيس تہ، ويجهو ٿي، (ڪڪڙ جو ٻوڙ کاءُ) ڇاڪاڻ تہ مون رسول الله ﷺ جن کي ڪڪڙ جو گوشت کائيندي ڏٺو آهي.

ان ماڻهو چيو تہ مون ڪڪڙ کي گندگي کائيندي ڏٺو آهي. ان ڪري مون ڪڪڙ کي ناپسند يا مڪروه سمجهي، قسم کنيو آهي تہ، هن کي هرگز نہ کائيندس.

(١٥٠) حضرت ابو اسيد رضي الله عنه کان روايت آهي، تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ، زيتون جو تيل کائو ۽ ان کي مکيو يا مالش بہ ڪريو. ڇاڪاڻ تہ اهو برڪت واري وڻ جو تيل آهي.

(١٥١) حضرت عمر پٽ خطاب رضي الله عنه کان روايت آهي، تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ: زيتون جو تيل کائو ۽ مکيو بہ، ڇو تہ اهو برڪت واري وڻ جو تيل آهي.

(١٥٢) حضرت زيد پٽ اسلم رضي الله عنه پنهنجي پيءُ جي واسطي سان اهڙي طرح جو قول نبي ﷺ کان روايت ڪري ٿو ۽ ان ۾ حضرت عمر رضي الله عنه جو ذڪر نہ آهي.

(١٥٣) حضرت انس پٽ مالڪ رضي الله عنه کان روايت آهي، تہ نبي پاڪ ﷺ کي ڪدو گهڻو وڻندو هو. پوءِ وٽن ڪاڏو آندو ويو يا پاڻ سڳورن کي دعوت ڏني وئي. پوءِ آئون ڪدو ڳوليندو، حضور ﷺ جن جي اڳيان رکندو رهيس. ڇاڪاڻ تہ مون کي خبر هئي تہ، پاڻ سڳورن ﷺ کي ڪدو گهڻو وڻندو آهي.

(١٥٤) حضرت حڪيم رضي الله عنه پنهنجي پيءُ جابر رضي الله عنه کان روايت ٿو ڪري تہ، آئون نبي ﷺ جن وٽ ويس. اتي پاڻ سڳورن ﷺ وٽ ڪدو ڏٺم، جنهن کي پاڻ سڳورا ﷺ ٽڪرا ٽڪرا ڪري رهيا هئا. مون عرض ڪيو تہ، هي ڇا لاءِ آهي؟ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ، هن سان ٻوڙ ۾ واڌارو ڪندا آهيون.

(١٥٥) حضرت عبدالله پٽ ابو طلحہ رضي الله عنهما چوي ٿو، تہ مون



www.maktabah.org

حضرت انس پٽ مالڪ رضي الله عنه کي چوندي ٻڌو ته، هڪ درزي رسول الله ﷺ جن کي دعوت ڏني. حضرت انس سڀورو چوي ٿو ته، آئون به رسول الله ﷺ جن سان درزي جي دعوت تي گڏجي ويس. پوءِ هو پاڻ سڀورن جي آڏو ماني کڻي آيو. ان ۾ جوَن جي ماني ۽ ٻوڙ جنهن ۾ ڪدو ۽ سڪل گوشت رڌل هو.

پوءِ مون نبي ﷺ جن کي ڏٺو، ته پيالي جي پاسن کان ڪدو جا ٽڪرا ڳولي رهيا هئا. ان ڏينهن کان پوءِ آئون به ڪدو کي گهڻو پسند ڪندو آهيان. (ان حضور ﷺ جن کي دعوت ڪارائيندڙ درزيءَ جو نالو شعيب هو ۽ حضور ﷺ جن جو آزاد ڪيل غلام هو. رضي الله عنه)

(١٥٦) حضرت عائشة رضي الله عنها کان روايت آهي، ته نبي پاڪ ﷺ جن مٺاڻ ۽ ماکيءَ کي پسند ڪندا هئا.

(١٥٧) حضرت ام سلمه رضي الله عنها کان روايت آهي، ته مون رسول الله ﷺ جن جي اڳيان ٻڪري جي پُڳل ران آڻي رکي. پوءِ پاڻ ان مان ڪجهه کائي، نماز لاءِ اٿيا ۽ وضو ڪونه ڪيائون.

(١٥٨) حضرت عبدالله پٽ حارث رضي الله عنه کان روايت آهي ته، اسان رسول الله ﷺ جن سان گڏجي مسجد ۾ پُڳل گوشت کاڌو.

(١٥٩) حضرت مغيره پٽ شعبته رضي الله عنه کان روايت آهي ته، هڪ رات آئون رسول الله ﷺ جن سان گڏ (ضباعه ڌيءُ زبير جي گهر) مهمان ٿيس. پوءِ اتي پڳل گوشت جي ران آندي وئي. پاڻ سڀورا ڇري کڻي، ان پڳل گوشت مان مون لاءِ گوشت ڪٽڻ لڳا. ايتري ۾ حضرت بلال رضي الله عنه اچي ڪين نماز جو اطلاع ڏنو. ان تي پاڻ سڀورن ڇري رکي فرمايو: هن کي ڇا ٿيو؟ سندس ٻئي هٿ مٽي هاڻا ٿين. يا مٽيءَ ۾ پرجن! (هي جملو عربن جو محاورو آهي. ان مان پيار ۽ تنبيه مراد آهي.)

راوي چوي ٿو ته منهنجون (يا بلال) جون مڇون وڏيون هيون. ان تي پاڻ سڀورن فرمايو. تنهنجي فائدي لاءِ انهن مڇن کي ڏنڊڻ تي رکي ڪتري چڏيان يا پاڻ ڏنڊڻ تي انهن کي ڪتري ڇڏ.

(١٦٠) حضرت ابوهريره رضي الله عنه چيو ته، نبي پاڪ ﷺ جن کي پڪل گوشت مليو ۽ ڪين اڳئين ران ڏني وئي. پاڻ سڀورن ﷺ کي اهو


www.maktabah.org

گوشت وٽندو هو. پاڻ ان کي ڏندن سان پٽي کاڌائون.

(١٦١) حضرت ابن مسعود رضي الله عنه کان روايت آهي، تہ نبي پاڪ ﷺ جن کي (ٻڪري جي) ران وڻندي هئي. راوي چيو تہ، پاڻ سڳورن کي زهر بہ ان ۾ ڏنو ويو هو. اصحابن يا راوي جو گمان هو تہ، پاڻ سڳورن کي يهودين زهر ڏنو هو.

(١٦٢) حضرت ابو عبيد رضي الله عنه کان روايت آهي، تہ مون نبي پاڪ ﷺ جن لاءِ ٻوڙ جو ديگڙو رڌيو. پاڻ سڳورن ﷺ کي ران وڻندي هئي، ان ڪري کين اها ڏنم. پوءِ فرمايائون تہ ٻي ران بہ ڏي. مون کين ٻي ران بہ ڪڍي ڏني. وري فرمايائون تہ وري بہ ران ڏي. مون عرض ڪيو تہ يارسول الله ! ﷺ ٻڪري جون گهڻيون رانون ٿينديون آهن؟ (يعني ٻہ رانون ٿينديون آهن، اهي اوهان کي ڏنيون اٿم) ان تي پاڻ سڳورن فرمايو: مون کي ان ذات جو قسم ! جنهن جي قبضي ۾ منهنجي جان يا ساهہ آهي، جيڪڏهن تون چپ رهين ها، تہ جيستائين آئون توکي چوندو رهان ها، تون رانون ڏيندو رهين ها.

(١٦٣) حضرت عائشہ رضي الله عنها کان روايت آهي تہ (سندس خيال مطابق) رسول الله ﷺ جن کي ران جو گوشت ڪونہ وڻندو هو، پر گوشت دير سان هٿ ايندو هون. ان ڪري پاڻ ان گوشت لاءِ تڪڙ ڪندا هئا. چاڪاڻ تہ اهو جلدي پچندو يا ڳرندو آهي.

(١٦٤) حضرت عبدالله پٽ جعفر رضي الله عنه کان روايت آهي، تہ مون رسول الله ﷺ جن کي چوندي ٻڌو تہ، بيشڪ پٺي يا ڪنڌي جو گوشت سٺو هوندو آهي.

(١٦٥) حضرت عائشہ رضي الله عنها کان روايت آهي، تہ نبي پاڪ ﷺ فرمايو تہ، سرڪو سٺو ٻوڙ آهي.

(١٦٦) حضرت ام هاني رضي الله عنها کان روايت آهي، تہ نبي پاڪ ﷺ جن موٽ وٽ آيا ۽ فرمايائون تہ کائڻ لاءِ تو وٽ ڪا شيءِ آهي؟ عرض ڪيم تہ سڪل ماني ۽ سرڪي کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ آهي. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ، کڻي اچ. جنهن گهر ۾ سرڪو آهي، اهو گهر ٻوڙ کان خالي نہ آهي.

(١٦٧) حضرت ابو موسيٰ (اشعري) رضي الله عنه نبي پاڪ ﷺ کان


www.maktabah.org

روايت ٿو ڪري ته، پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو: عائشه جي فضيلت (پنهنجي وقت جي) عورتن تي ائين آهي، جيئن سيني کاڌن تي ثريد (چُوريءَ يا ڪُٽيءَ) جي آهي. (گوشت جو شورو يا رهو ۽ ماني گڏ ڪُٽي کائڻ کي ثريد چئبو آهي)

(١٦٨) حضرت انس پٽ مالڪ رضي الله عنه کان روايت آهي، ته رسول الله ﷺ جن فرمايو: عائشه کي ٻين عورتن تي اهڙي فضيلت آهي، جهڙي طرح ثريد کي ٻين طعامن تي فضيلت آهي.

(١٦٩) حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي، ته مون رسول الله ﷺ جن کي پنير (مائي) جو ٽڪرو کائي وضو ڪندي ڏٺو ۽ ان کان پوءِ ٻي دفعي ڏٺو ته، ٻڪري جي پڪل ران کائي پوءِ نماز پڙهيائون ۽ وضو ڪونه ڪيائون.

(١٧٠) حضرت انس پٽ مالڪ رضي الله عنه کان روايت آهي، ته رسول الله ﷺ حضرت صفيه رضي الله عنها سان شادي ڪرڻ وقت پنهنجو وليمو يا ڪاڄ کارڪون ۽ سَتُو ورهائي ڪيو هو.

(١٧١) حضرت عبيدالله پٽ علي رضي الله عنه پنهنجي ڏاڏيءَ حضرت سلميٰ رضي الله عنها کان روايت ڪري ٿو، ته امام حسن پٽ علي ۽ عبدالله پٽ عباس ۽ عبدالله پٽ جعفر رضي الله عنهم ان (حضرت بيبي سلميٰ) وٽ آيا ۽ چيائونس ته اسان لاءِ اهو کاڌو ٺاهه يا تيار ڪر، جيڪو رسول الله ﷺ کي وڻندو هو ۽ شوق سان کائيندا هئا.

پوءِ حضرت سلميٰ سڳوريءَ چيو ته اي منهنجا پُٽڙا!اهو اوهان اڄ هن زماني ۾ نه کائيندؤ. چيائون ته ڇونه کائينداسون؟ اسان لاءِ ضرور تيار ڪر. پوءِ هوءَ اٿي ۽ ڪجهه جوَ ڪٽي انهن کي پيهنائين. پوءِ انهن کي ڪٽي ديڳڙي ۾ وجهي، مٿانئس زيتون جو تيل وڌائين ۽ ڪارا مرچ ۽ ٻيا ويگر ڪُٽي سٽي ان ۾ وجهي رڌي ڪٽي اڳيان رکيائين ۽ پوءِ چوڻ لڳي ته هي اهو کاڌو آهي، جيڪو نبي پاڪ ﷺ جن کي ڏاڍو وڻندو هو.

(حضرت بيبي سلميٰ سڳوري، حضرت ابو رافع اصحابي رضي الله عنه جي زال هئي ۽ رسول الله ﷺ جي خدمتگار بورچياڻي هئي.)

(١٧٢) حضرت جابر پٽ عبدالله رضي الله عنه چيو، ته نبي پاڪ ﷺ


www.maktabah.org

جن اسان جي گهر آيا. اسان سندن لاءِ ٻڪري ڪُـُٺي. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ ڇڻ هنن سمجهيو، تہ آئون گوشت کي پسند ڪندو آهيان. انهي حديث ۾ ڊگهو قصو آهي.

(١٧٣) حضرت جابر رضي الله عنه کان روايت آهي، تہ رسول الله ﷺ جن ٻاهر نڪتا. آئون بہ ساڻن گڏجي هليس. پوءِ پاڻ سڳورا انصاري عورت جي گهر آيا تہ، ان عورت حضور ﷺ جن لاءِ ٻڪريءَ ڪُـُٺي. پاڻ سڳورن انهن مان ڪجهہ کاڌو. پوءِ اها عورت کارڪن جي ڇلي کڻي آئي. پاڻ ان مان بہ کاڌائون. پوءِ ٻيهري نماز لاءِ وضو ڪيائون. پاڻ سڳورا ﷺ اڳئين نماز پڙهي موٽيا، تہ اها عورت بچيل گوشت کڻي آئي. پاڻ ان مان ڪجهہ کاڌائون ۽ ٿيهري يا وچين نماز پڙهيائون ۽ ان نماز لاءِ وري ٻيهر وضو ڪونہ ڪيائون.

(١٧٤) حضرت ام منذر رضي الله عنها کان روايت آهي، چيائين تہ رسول الله ﷺ جن مون وٽ آيا ۽ حضرت علي رضي الله عنه بہ ساڻن گڏ هو. اسان وٽ ڪجيءَ جا ڪجهہ گوشا يا ڇـُڳا هيٺ لڙڪيل هئا. پاڻ سڳورا ﷺ ان مان ڪجي کائڻ لڳا، تہ حضرت علي رضي الله عنه بہ ڪجور کائڻ لڳو. ان تي پاڻ سڳورن ﷺ حضرت علي کي فرمايو تہ اي علي ! تون اجان هيٺو آهين يا بيماريءَ مان نئون اٿيو آهين يعني تون نہ کاءُ. پوءِ حضرت علي رضي الله عنه بس ڪري ويهي رهيو.

پاڻ سڳورا ﷺ ڪجور کائيندا رهيا. بيبي ام منذر چيو، تہ پوءِ مون چقندر ۽ جوَ ملائي رڀ ناهي. پوءِ پاڻ سڳورن حضرت علي کي فرمايو تہ، هن مان کاءُ، جو تنهنجي لاءِ طبيعت موافق آهي يعني هلڪو کاڌو آهي.

(١٧٥) مؤمنن جي ماءُ حضرت عائشـة رضي الله عنها کان روايت آهي، تہ نبي پاڪ ﷺ جن مون وٽ ايندا هئا ۽ پڇندا هئا، تہ تو وٽ نيرن جو ڪجهہ کاڌو آهي. آئون عرض ڪندي هيس تہ نہ. پاڻ سڳورا ﷺ فرمائيندا هئا، تہ مون (نفلي) روزي رکڻ جي نيت ڪئي آهي.

پاڻ سڳورا ﷺ هڪ ڏينهن مون وٽ آيا. مون عرض ڪيو تہ يارسول الله ! ﷺ اسان کي ڪٿان سوکڙي ملي آهي. پاڻ سڳورن فرمايو تہ ڇا آهي؟ مون عرض ڪيو تہ، ڪجور جو حلوو. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ،


www.maktabah.org

آئون صبح کان (نفلي) روزي سان آهيان. پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ حلوو کاڌو.

(هن حديث مان معلوم ٿيو تہ. نفلي روزي جي نيت سج لڙڻ کان اڳ ۾ ڪري سگهجي ٿي ۽ ضرورت مهل نفلي روزو ڀڃڻ جائز آهي، پر ان جي قضا واجب آهي.)

(١٧٦) حضرت عبدالله پٽ سلام رضي الله عنه کان روايت آهي، تہ مون نبي پاڪ ﷺ جن کي ڏٺو، تہ جوَن جي مانيءَ جو ٽڪر کڻي، ان تي کجور يا ڪتل رکي فرمايو تہ، کجور، جوَن جي مانيءَ جو ٻوڙ آهي. پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ ان کي کاڌو.

(١٧٧) حضرت انس پٽ مالڪ رضي الله عنه کان روايت آهي، تہ رسول الله ﷺ جن کي ڪروڙي وڻندي هئي. راوي چيو تہ ڪروڙي مان مراد ديڳڙي جو ترو يا ٻچيل کاڌو آهي.


www.maktabah.org

باب ستاويهون

# رسول الله ﷺ جو ڪاڌي ڪائڻ مهل وضو ڪرڻ جو بيان

(١٧٨) حضرت ابن عباس رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ (هڪ دفعي) پاخانہ يا ضرورت جي جاءِ کان واندا ٿي ٻاهر آيا، تہ پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ لاءِ ماني کڻي آيا. اصحابن سڳورن عرض ڪيو تہ، اوهان جي وضو ڪرڻ لاءِ پاڻي نہ آڻيون؟ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو: مون کي وضو ڪرڻ جو حڪم ان وقت آهي، جڏهن نماز جو ارادو ڪريان.

(١٧٩) حضرت ابن عباس رضي الله عنه کان ئي روايت آهي تہ، رسول الله ﷺ جن ضرورت جي جاءِ يا پاخانہ کان واندا ٿي ٻاهر آيا، تہ پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ لاءِ ماني آندائون ۽ اصحابن عرض ڪيو، تہ اوهان وضو تہ نہ ڪندؤ؟ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو: نماز پڙهندس، تہ پوءِ وضو ڪندس يا نماز ٿو پڙهان ڇا، جو وضو ڪريان؟

(١٨٠) حضرت سلمان (فارسي) رضي الله عنه کان روايت آهي، تہ مون توريت ۾ پڙهيو، تہ ڪاڌي ڪائڻ کان پوءِ وضو ڪرڻ ۾ برڪت آهي. پوءِ اها ڳالهہ مون پاڻ سڳورن کي ڇئي ٻڌائي. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ، ڪاڌي ڪائڻ کان اڳ ۾ ۽ ڪاڌي ڪائڻ کان پوءِ وضو ڪرڻ (يعني هٿ ڌوئڻ) ڪاڌي جي برڪت آهي.


www.maktabah.org

باب اناويهون

# رسول الله ﷺ جو کائڻ کان اڳ ۽ پوءِ دعائن پڙهڻ جو بيان

(١٨١) حضرت ابو ايوب انصاري رضي الله عنه کان روايت آهي، ته اسان هڪ ڏينهن رسول الله ﷺ جن وٽ مجلس ۾ حاضر هئاسون، ته پاڻ سڳورن وٽ کاڌو آندو ويو. پوءِ مون کوبه اهڙو کاڌو ڪڏهن ڪونه ڏٺو، جو منڍ ۾ وڏي برڪت وارو هجي ۽ پڇاڙيءَ ۾ بي برڪت ٿي وڃي يا گُهٽي پوي. ان ڪري اسان عرض ڪيو ته، يارسول الله ! ﷺ اهو ڪيئن ٿيو؟ پاڻ سڳورن فرمايو ته، جڏهن اسان کائڻ شروع ڪيو ته، بسم الله يا الله جو نالو پڙهيوسون. پوءِ ڪو اهڙو ماڻهو اچي ويٺو، جنهن الله جو نالو نه ورتو يا بسم الله نه پڙهيائين ته، ان سان گڏ شيطان کائي ويو يعني کاڌو گُهٽي پيو.

(١٨٢) حضرت عائشة رضي الله عنها کان روايت آهي ته، رسول الله ﷺ جن فرمايو: جڏهن توهان مان ڪو کاڌو کائڻ لڳي ۽ ان کان منڍ ۾ بسم الله پڙهڻ يا الله جو نالو وٺڻ وسري وڃي، ته ماني کائيندي جنهن مهل ياد اچي، هي لفظ چوي: "بِسْمِ اللهِ اَوَّلَهٗ وَاٰخِرَهٗ" مطلب ته آئون هن کاڌي جي اول ۽ آخر ۾ الله تعاليٰ جي نالي سان برڪت حاصل ڪريان ٿو.

(١٨٣) حضرت عمر پٽ ابو سلمه رضي الله عنه کان روايت آهي، ته آئون رسول الله ﷺ جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيس، ته سندس اڳيان کاڌو موجود هو. پاڻ سڳورن فرمايو ته، اي منهنجا پٽ ! ويجهو ٿيءُ ۽ بسم الله چئي، پوءِ ساڄي هٿ سان پنهنجي پاسي کان کاءُ.

(١٨٤) حضرت ابو سعيد خدري رضي الله عنه کان روايت آهي، ته رسول الله ﷺ جن جڏهن کاڌي کائڻ کان واندا ٿيندا هئا. ته هي دعا پڙهندا هئا: "**اَلْحَمْدُلِلّٰهِ الَّذِيْ اَطْعَمَنَا وَسَقَانَا وَجَعَلَنَا مُسْلِمِيْنَ**" مطلب ته سڀ ساراهه الله تعاليٰ جي لاءِ آهي، جنهن اسان کي کاڌو کارايو ۽ پاڻي پياريو ۽ اسان کي



www.maktabah.org

مسلمان بنايو.

(١٨٥) حضرت ابو امامه رضي الله عنه کان روايت آهي، ته جنهن وقت رسول الله ﷺ جن جي آڏو دسترخوان کڻبو هو، ته هي دعا پڙهندا هئا:

"اَلْحَمْدُلِلّٰهِ حَمْدًا كَثِيْرًا طَيِّبًا مُبَارَكًا فِيْهِ غَيْرَ مُوَدَّعٍ وَلَا مُسْتَغْنًي عَنْهُ رَبَّنَا"

ترجمو: سڀ ساراهه خاص الله تعاليٰ کي سونهين ۽ اهڙي تعريف جنهن جي ڪا حد نه آهي ۽ اها رياءَ کان پاڪ آهي. اهڙي برڪت واري آهي، جنهن ۾ سڀ تعريفون اچي وڃن ٿيون ۽ نه ڪي اسان کي انهن تعريفن ڪرڻ کان بي پرواهي آهي. اسان جا پالڻهار ! (اسان جو شڪر قبول فرماءِ!)

(١٨٦) حضرت عائشه رضي الله عنها کان روايت آهي، ته نبي پاڪ ﷺ پنهنجن ڇهن اصحابن سڳورن سان گڏ کاڌو کائي رهيا هئا، ته هڪ بدوي (ٻهراڙيءَ جو رهاڪو ماڻهو) آيو ۽ ان انهي کاڌي کي ٻه گرهه ڪيا يعني ٻه گرهه ڪري کائي ويو. تنهن تي رسول الله ﷺ جن فرمايو ته: جيڪڏهن (اهو بدوي) بسم الله پڙهي کائي ها، ته کاڌو توهان سيني کي پورو ٿئي ها.

(١٨٧) حضرت انس پٽ مالڪ رضي الله عنه کان روايت آهي، ته رسول الله ﷺ جن فرمايو: بيشڪ الله تعاليٰ ان ٻانهي کان راضي ٿئي ٿو، جو مانيءَ جو گراهه کائي يا پاڻيءَ جو ڍڪ پي، الله جو شڪر الحمد پڙهي ٿو.


www.maktabah.org

باب اوڻٽيهون

# رسول الله ﷺ جي (پاڻي پيئڻ واري) پيالي جو بيان

(١٨٨) حضرت ثابت رضي الله عنه کان روايت آهي، تہ حضرت انس پٽ مالڪ رضي الله عنہ اسان کي ڏيکارڻ لاءِ هڪ ڪاٺ جو ٿلهو پيالو لوهي ميخ لڳل ڪڍي آيو. پوءِ چيائين تہ، اي ثابت ! هيءُ رسول الله ﷺ جو پيالو آهي.

(١٨٩) حضرت انس رضي الله عنه چيو، تہ آئون رسول الله ﷺ جن کي انهي پيالي ۾ هر قسم جي پيڻ جون شيون، پاڻي، کجور جو شربت، ماکيءَ ۽ کير پياريندو هوس.


www.maktabah.org

باب ٽيهون

# رسول الله ﷺ جي ميون يا فروٽ کائڻ جو بيان

(١٩٠) حضرت عبدالله پٽ جعفر رضي الله عنه چيو تہ، نبي پاڪ ﷺ تازي ڪجور سان ڳڏ ونگو کائيندا هئا.

(١٩١) حضرت عائشه رضي الله عنها کان روايت آهي تہ، نبي پاڪ ﷺ تازي ڪجور سان ڳڏ ڇانهون کائيندا هئا.

(١٩٢) حضرت انس پٽ مالڪ رضي الله عنه کان روايت آهي تہ، مون نبي پاڪ ﷺ جن کي ڏٺو تہ، هنداڻو تازي ڪجورُ سان ڳڏي کائيندا هئا.

(١٩٣) حضرت عائشه رضي الله عنها کان روايت آهي تہ، بيشڪ نبي پاڪ ﷺ تازي ڪجور سان ڳڏ گدرو کائيندا هئا.

(١٩٤) حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ، جڏهن ماڻهو ڪو نئون يا تازو آيل موسمي ميوو ڏسندا هئا، تہ اهو برڪت خاطر نبي پاڪ ﷺ جن جي خدمت ۾ کڻي ايندا هئا. تڏهن پاڻ سڳورا ﷺ اهو ميوو وٺي هي دعا گهرندا هئا.

اَللّٰهُمَّ بَارِکْ لَنَا فِيْ ثِمَارِنَا وَبَارِکْ لَنَا فِيْ مَدِيْنَتِنَا وَبَارِکْ لَنَا فِيْ صَاعِنَا وَفِيْ مُدِّنَا.
اَللّٰهُمَّ اِنَّ اِبْرَاهِيْمَ عَبْدُکَ وَخَلِيْلُکَ وَنَبِيُّکَ وَاِنِّيْ عَبْدُکَ وَنَبِيُّکَ وَاِنَّهٗ دَعَاکَ لِمَکَّةَ وَاِنِّيْ اَدْعُوْکَ لِلْمَدِيْنَةِ بِمِثْلِ مَا دَعَاکَ بِهٖ لِمَکَّةَ وَمِثْلَهٗ مَعَهٗ.

**ترجمو: اي الله ! اسان لاءِ اسان جي ميون ۾ برڪت فرماءِ**



www.maktabah.org

**اسان جي شهر مديني ۾ برڪت فرماءِ ۽ اسان جي ماڻ توئي ۽ پاتيءَ ۾ برڪت فرماءِ. اي الله ! بيشڪ ابراهيم** عليه **السلام تنهنجو ٻانهو، تنهنجو دوست ۽ تنهن جو نبي هو ۽ بيشڪ آئون به تنهنجو ٻانهو ۽ تنهنجو نبي آهيان. ان توکان مڪي شريف لاءِ دعا گهري هئي ۽ آئون توکان مديني شريف لاءِ اوتري دعا گهران ٿو. جيتري انهي توکان مڪي شريف لاءِ دعا گهري هئي ۽ اوتري ٻي دعا به گهران ٿو!**

راوي چيو ته پوءِ پاڻ سڳورا ﷺ جنهن به ننڍي ٻار کي ڏسندا هئا. ته ان کي سڏي اهو نئون ميوو ان ٻار کي ڏئي ڇڏيندا هئا.

(۱۹۵) حضرت ربيع ڌيءُ معوذ رضي الله عنها کان روايت آهي، ته مونکي (منهنجي چاچي) معاذ پٽ عفراءَ رضي الله عنه تازين ڪجورن جو ٿانءُ ڀري ڏئي، ان جي مٿان تازيون ڪچڙيون ونگيون رکي، نبي پاڪ ﷺ جن جي خدمت ۾ موڪليو. پاڻ سڳورا ونگين کي گهڻو پسند ڪندا هئا. پوءِ اهي سڀ حضور ﷺ جن وٽ کڻي آيس. ان وقت پاڻ سڳورن ﷺ جي اڳيان بحرين کان آيل سون ۽ چانديءَ جا ڳهه ڳنا رکيل هئا. پوءِ انهن زيورن مان هڪ مُٺ ڀري مون کي ڏنائون.

ساڳئي حضرت بيبي ربيع رضي الله عنه کان روايت آهي ته، آئون نبي پاڪ ﷺ جن وٽ تازين ڪجورن جو ٿانءُ ۽ ان جي مٿان تازيون ڪچڙيون ونگيون رکيل هيون کڻي ويس، ته پاڻ سڳورن ﷺ مون کي ڳهن مان مُٺ ڀري ڏنائون يا چيائين ته، سون مان مٺ ڀري ڏنائون.


www.maktabah.org

باب ايڪٽيهون

# رسول الله ﷺ جي پيئڻ وارين شين جو بيان

(١٩٦) حضرت عائشة رضي الله عنها کان روايت آهي، تہ رسول الله ﷺ جن کي پيئڻ جي سيني شين ۾ منو ٿڌو پاڻي گهڻو وڻندو هو.

(١٩٧) حضرت ابن عباس رضي الله عنه کان روايت آهي تہ، آئون ۽ خالد پٽ وليد رضي الله عنه، رسول الله ﷺ جن سان گڏجي (پنهنجي ماسيءَ) بي بي ميمونة رضي الله عنها جي گهر وياسون، تہ بيبي (ميمونه) کير جو ٿانءُ کڻي آئي. رسول الله ﷺ جن اهو کير پيتو. آئون (ابن عباس) پاڻ سڳورن ﷺ جي ساڄي پاسي ۽ خالد پٽ وليد حضور ﷺ جن جي کاٻي پاسي ويٺل هئاسون. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ، کير پيئڻ جو حق يا وارو تنهنجو يعني ساڄي پاسي واري جو آهي. جيڪڏهن گهرين تہ اهو وارو خالد کي ڏين يا ان لاءِ قبول ڪرين. تنهن تي مون عرض ڪيو تہ، اوهان جي اوبر مبارڪ بئي ڪنهن کي بہ ڏيڻ قبول نہ ٿو ڪريان. پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ، الله تعاليٰ جنهن کي ڪاڌو کارائي تہ هي دعا پڙهي:

"اَللّٰهُمَّ بَارِکْ لَنَا فِيْهِ وَاَطْعِمْنَا خَيْرًا مِّنْهُ"

**ترجمو: اي الله ! ان ۾ يا اسان لاءِ برڪت عطا فرماءِ ۽ ان مان اسان کي خير جو کاراءِ!**

۽ جنهن کي الله تعاليٰ کير پياري، تہ هيءُ دعا گهري:

"اَللّٰهُمَّ بَارِکْ لَنَا فِيْهِ وَزِدْنَا مِنْهُ"

**ترجمو: اي منهنجا الله ! ان ۾ اسان لاءِ برڪت عطا فرماءِ ۽ ان کان گهڻو ڏي !**

پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ، کير کان سواءِ ٻي اهڙي ڪا شي ڪانهي، جيڪا کائڻ ۽ پيئڻ ٻنهي ۾ ڪم ڏئي.


www.makabah.org

باب ٻٽيهون

# رسول الله ﷺ جي (پاڻي) پيئڻ جي نموني جو بيان

(۱۹۸) حضرت ابن عباس رضي الله عنه کان روايت آهي ته، نبي پاڪ ﷺ جن زم زم جو پاڻي بيهي پيتو آهي.

(۱۹۹) حضرت عمرو پٽ شعيب رضي الله عنه پنهنجي پيءُ جي واسطي سان پنهنجي ڏاڏي (عبدالله) کان روايت ڪئي، ان چيو ته مون رسول الله ﷺ جن کي ويهي ۽ بيهي (ٻنهي حالتن ۾) پاڻي پيئندي ڏٺو.

(۲۰۰) حضرت ابن عباس رضي الله عنه کان روايت آهي، ته مون نبي پاڪ ﷺ جن کي زم زم جو پاڻي پياريو. پاڻ سڳورا ﷺ بيٺا هئا.

(۲۰۱) حضرت نزال پٽ سبرة رضي الله عنه کان روايت آهي، ته حضرت علي رضي الله عنه (ڪوفي جي مسجد جي اڱڻ) دار القضا ۾ ويٺو هو. وٽس پاڻيءَ جو ڪونرو آندو ويو. پاڻ ان پاڻيءَ مان لپ ڀري ٻئي هٿ ڌوئي، گرڙيون ڪري، نڪ کي پاڻي ڏئي. منهن، ٻنهي ٻانهن ۽ مٿي مبارڪ کي مکي يا مسح ڪري ۽ بچيل پاڻي بيهي پيتائين. پوءِ چيائين ته هي ان ماڻهو جو وضو آهي، جنهن جو وضو نه ڀڳو هجي. مون رسول الله ﷺ جن کي ائين ڪندي ڏٺو هو.

(۲۰۲) حضرت انس پٽ مالڪ رضي الله عنه کان روايت آهي ته، نبي ﷺ جڏهن پاڻ پيئندا هئا، ته ٽي دفعا ساهه کڻندا هئا ۽ فرمائيندا هئا، ته هي طريقو وڻندڙ ۽ ڍؤ ڪرائي ٿو.

(۲۰۳) حضرت ابن عباس رضي الله عنه کان روايت آهي، ته پاڻ سڳورا ﷺ جڏهن پاڻي پيئندا هئا، ته (ڪڏهن) ٻه ڀيرا ساهه کڻندا هئا.

(پاڻي پيئڻ مهل ٻه ڀيرا ساهه کڻڻ جواز لاءِ ڪڏهن ائين ڪندا هئا يا گهٽي

يا ٿوري پاڻي جي ڪري ائين ڪيائون. نہ تہ حضور ﷺ جن جي عادت ٽي پيرا ساهہ کڻڻ جي هئي. ان ڪري ٽن پيرن يا ٻن پيرن ساهہ کڻڻ وارين حديثن ۾ ڪو فرق نہ آهي.)

(٢٠٤) حضرت عبدالرحمان پٽ ابو عمره رضي الله عنه پنهنجي ڏاڏيءَ ڪبشة رضي الله عنها کان روايت ڪئي، تہ رسول الله ﷺ جن منهنجي گهر آيا. اتي ٽنگيل ڪليءَ يا مَشڪ مان بيهي پاڻي پيتائون. پوءِ مون اٿي، ڪليءَ يا مَشڪ جو مُنهن برڪت خاطر ڀاڻ وٽ ڪپي رکيو.

(٢٠٥) حضرت ثمامه پٽ عبدالله رضي الله عنه کان روايت آهي، تہ حضرت انس پٽ مالڪ رضي الله عنه ٽانءُ مان ٽن ساهين سان پاڻي پيئندو هو ۽ چوندو هو تہ نبي ﷺ جن بہ ائين ٽي پيرا ساهہ کڻندا هئا يعني ٽانءُ وات کان پري ڪري، ٽي پيرا ساهہ کڻندا هئا.

(٢٠٦) حضرت انس پٽ مالڪ رضي الله عنه کان روايت آهي، تہ نبي ﷺ جن ام سليم جي گهر آيا. اتي هڪ ڪليءَ ٽنگيل هئي. پاڻ ان ڪليءَ جو منهن کولي، بيهي پاڻي پيتائون. پوءِ ام سليم برڪت لاءِ ڪليءَ جو مُنهن ڪپي رکيو.

(٢٠٧) بي بي عائشة ذي سعد رضي الله عنها پنهنجي پي سعد پٽ ابي وقاص رضي الله عنه کان روايت ڪئي آهي، تہ نبي ﷺ جن (ڪڏهن ڪڏهن) بيهي پاڻي پيئندا هئا.

(ضرورت جي ڪري يا جواز جي لاءِ ڪڏهن ڪڏهن بيهي پاڻي پيتائون، نہ تہ پاڻ سڀڪورا ويهي پاڻي پيئندا هئا)



www.maktabah.org

باب ٽيٽيهون

# رسول الله ﷺ جي خوشبوءِ هڻڻ جو بيان

(٢٠٨) حضرت موسيٰ رضي الله عنه پنهنجي پيءُ انس پٽ مالڪ رضي الله عنه کان روايت ڪئي، تہ رسول الله ﷺ جن وٽ خوشبوءِ (عطر جي شيشي) هئي، ان مان خوشبوءِ لائيندا هئا.

(٢٠٩) حضرت ثمامة پٽ عبدالله رضي الله عنه کان روايت آهي، تہ حضرت انس پٽ مالڪ رضي الله عنه خوشبوءِ نہ موٽائيندو هو ۽ چوندو هو تہ، نبي ﷺ جن بہ خوشبوءِ يا سُرهي شيءِ نہ موٽائيندا هئا.

(٢١٠) حضرت ابن عمر رضي الله عنه کان روايت آهي، تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو: "ٽي شيون نہ موٽائجن: (١) وهاڻو (٢) تيل ۽ خوشبوءِ يا سُرهو تيل (٣) کير."

(٢١١) حضرت ابوهريرة رضي الله عنه کان روايت آهي، تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو: مردن جو عطر (خوشبوءِ) اهو آهي، جنهن جي خوشبوءِ ظاهر ۽ رنگ نہ هجيس ۽ عورتن لاءِ خوشبوءِ اها جنهن جو رنگ ظاهر ۽ هٻڪار مخفي هجي. (جيئن ميندي، مساڳ وغيره)

(٢١٢) حضرت ابو عثمان نهدي رضي الله عنه کان روايت آهي، تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو: اوهان مان ڪنهن کي نازبوءِ ملي، تہ نہ موٽائي، ڇوتہ نازبوءِ بهشت مان آيل آهي.

(٢١٣) حضرت جرير پٽ عبدالله رضي الله عنه چيو تہ، مون کي حضرت عمر پٽ خطاب رضي الله عنه جي اڳيان آندو ويو. راوي چوي ٿو تہ پوءِ جرير پنهنجي چادر لاهي، گوڏ سان هلڻ لڳو. حضرت عمر رضي الله عنه ان کي چيو تہ، هاڻي پنهنجي چادر ڍڪ يا ويڙهہ. پوءِ حضرت عمر رضي الله عنه ڪچهري وارن ماڻهن کي چيو تہ، مون (نبي سائين جي اصحابن مان)


www.maktabah.org

جرير جهڙو صورت ۾ سهڻو ماڻهو ڪونہ ڏٺو. مگر (قرآن شريف ۾) يوسف عليہ السلام جي سونهن جي خبر اسان کي ان کان زياده ملي آهي.

(جرير پٽ عبدالله مشهور اصحابي، بني بجليہ قبيلي جو سردار هو. تمام حسين جميل هو. ان ڪري سندس لقب "يوسف هذه الامة" يعني هن امت جو سهڻو يوسف هو. پاڻ سڳورا ﷺ هن اصحابي کي ڏسي مرڪي پوندا هئا. حضرت جرير سنہ ٥١ هجري ۾ وفات ڪئي. انوار)

.. .. .. .. .. .. .. .. .. .. .. .. .. .. .. .. .. .. .. .. .. .. .. .. .. .. ..



www.maktabah.org

باب چوٿيھون

# رسول الله ﷺ جي گفتگو يا ڳالهائڻ جو بيان

(۲۱۴) حضرت عائشة رضي الله عنها کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن اوهان وانگر تکڙو ۽ لاڳيتو نہ ڳالهائيندا هئا، پر چٽو صاف ۽ جدا جدا لفظ ڳالهائيندا هئا، جيڪو وٽن ويٺل هوندو هو، اهو ان کي ياد ڪري وٺندو هو.

(۲۱۵) حضرت انس پٽ مالڪ رضي الله عنه کان روايت آهي، تہ رسول الله ﷺ جن هر هڪ لفظ ٽي دفعا ورائي چوندا هئا، تہ جيئن ڳالهہ چڱي طرح سمجهي وڃي.

(۲۱۶) حضرت حسن پٽ علي رضي الله عنه چيو تہ، مون پنهنجي مامي هند پٽ ابو هالہ سڳوري کان جيڪو نبي پاڪ ﷺ جن جي سهڻي سيرت کان چڱي طرح واقف هو، پاڻ سڳورن ﷺ جي ڳالهائڻ جي باري ۾ پڇيو. ان چيو تہ: رسول الله ﷺ جن هميشہ آخرت جي غم ۽ فڪر ۾ رهندا هئا. ڪين ڪا خوشي ڪانہ هئي. پاڻ سڳورا ﷺ گهڻو ڪري خاموش رهندا هئا ۽ ضرورت کان سواءِ نہ ڳالهائيندا هئا. ڳالهائڻ ۾ منڍ کان آخر تائين هڪ جهڙو صاف چٽو ۽ جامع ڳالهہ ڪندا هئا. بسندن ڳالهائڻ ۾ نہ ڊيگهہ هوندي هئي ۽ نہ اٽپورو ڳالهائيندا هئا. پاڻ سخت طبيعت بہ نہ هئا ۽ نہ وري ڪنهن کي جهڻڪيندا هئا ۽ نہ خوار ڪندا هئا. الله تعاليٰ جي نعمت کي وڏو ڀائيندا هئا، توڙي ٿوري هجي، تہ بہ برو نہ سمجهندا هئا. کاڌي پيتي جي شين مان وڏ يا عيب نہ ڪڍندا هئا ۽ اجائي نيڪي بہ نہ ڪندا هئا. پاڻ سڳورن ﷺ کي دنيا ۽ ان جي مال متاع جو نقصان بہ ڪين رنجائيندو هو، پر جڏهن ڪو حق ڇڏي يا حد کان لنگهي ويندو هو، تہ سندن ڪاوڙ کي ڪابہ شيءِ ٽڏو نہ ڪري سگهندي هئي،



www.maktabah.org

جيسين پاڻ ان جو بدلو نہ وٺندا هئا. باقي پاڻ سڳورا ﷺ پنهنجي ذات لاءِ ناراض نہ ٿيندا هئا ۽ بدلو بہ نہ وٺندا هئا. ڳالهائڻ مهل سموري هٿ سان اشارو ڪندا هئا ۽ جي ڪنهن ڳالهہ تي اچرج ڪندا هئا، تہ هٿ ڦيرائيندا هئا ۽ جي ڳالهائيندا هئا، تہ ساڄي هٿ جي تري، کاٻي هٿ جي آڱوٺي جي اندرئين پاسي تي هڻندا هئا. جڏهن پاڻ سڳورا ڪاوڙبا هئا، تہ منهن مبارڪ موڙيندا يا ڦيريندا هئا. جڏهن خوش ٿيندا هئا، تہ اک مبارڪ پوريندا نظر، جُهڪائيندا هئا. پاڻ سڳورن ﷺ جو کلڻ گهڻو ڪري مُشڪڻ هوندو هو. ان مرڪڻ سان سندن ڏند مبارڪ سفيد ۽ چمڪندڙ ڳڙن وانگر ڏسڻ ۾ ايندا هئا.


www.maktabah.org

باب پنجٽيهون

# رسول الله ﷺ جي کِلڻ جو بيان

(٢١٧) حضرت جابر پٽ سمرة رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن جون پنيون مبارک ڪجهہ سنهيون (پر مضبوط) هيون. پاڻ سڳورا مُـرڪڻ کان وڌيڪ نہ کلندا هئا. پوءِ آئون جڏهن حضور ﷺ جن کي ڏسندو هوس، تہ کين اکين ۾ سرمو پاتل پائيندو هوس، پر سرمو پاتل نہ هوندا هئا.

(٢١٨) حضرت عبدالحارث پٽ جزء رضي الله عنه کان روايت آهي، تہ مون رسول الله ﷺ کان وڌيڪ مُـرڪندڙ ڪنهن کي بہ نہ ڏٺو.

(٢١٩) حضرت عبدالله پٽ حارث رضي الله عنه کان روايت آهي، تہ رسول الله ﷺ جو کلڻ رڳو مُـرڪڻ هوندو هو.

(٢٢٠) حضرت ابوذر (غفاري) رضي الله عنه کان روايت آهي، تہ رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو: آئون سيني کان پهريان بهشت ۾ داخل ٿيندڙ ماڻهو کي ڄاڻان ٿو ۽ ان کي بہ جيڪو دوزخ مان سيني کان پڇاڙيءَ ۾ نڪرندو. قيامت جي ڏينهن هڪ ماڻهو الله تعاليٰ جي دربار ۾ آندو ويندو. ملائڪن کي حڪم ٿيندو تہ، سندس ننڍا گناهہ ظاهر ڪريو ۽ سندس وڏا گناهہ ڪانئس لڪائي ڇڏيو، پوءِ ان کي چيو ويندو، تہ تو فلاڻي ڏينهن هيءُ هيءُ گناهہ ڪيا هئا؟ اهو شخص گناهہ مڃيندو ۽ انڪار نہ ڪندو ۽ پنهنجن وڏن گناهن ظاهر ٿيڻ کان پيو ڊڄندو. پوءِ حڪم ٿيندو تہ، ان کي هر هڪ گناهہ جي عيوض نيڪي ڏيو. پوءِ اتي عرض ڪندو تہ، منهنجا پيا بہ ڪيترا وڏا گناهہ آهن، جي هتي نہ ٿو ڏسان.

حضرت ابو ذر رضي الله عنه چيو، مون رسول الله ﷺ جن کي ڏٺو تہ، ان ڳالهہ تي ايترو کليا، جو سندن اڳيان ڏند مبارڪ ظاهر ٿيا.

.........................................



www.maktabah.org

(۲۲۱) حضرت جرير پٽ عبدالله رضي الله عنه کان روايت آهي، تہ جڏهن کان آئون مسلمان ٿيو آهيان، مون کي رسول الله ﷺ (خاص مجلس ۾ حاضر ٿيڻ کان) نہ روڪيو. پاڻ سڳورا ﷺ مون کي جڏهن بہ ڏسندا هئا، تہ کلي ڏيندا هئا.

(۲۲۲) حضرت جرير رضي الله عنه چيو تہ جڏهن کان وٺي مون اسلام آندو تہ مون کي رسول الله ﷺ (خاص مجلس ۾) اچڻ کان نہ روڪيو ۽ مون کي جڏهن بہ ڏسندا هئا، تہ پاڻ سڳورا مُرڪندا هئا.

(۲۲۳) حضرت عبدالله پٽ مسعود رضي الله عنه کان روايت آهي، تہ رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو: آئون دوزخ مان پڇاڙي ۾ نڪرڻ واري کي ڄاڻان ٿو. اهو ماڻهو دوزخ مان بانبڙا يا ريڙهيون ڏيئي ٻاهر نڪرندو. پوءِ ان کي الله تعاليٰ جو حڪم ٿيندو، تہ وڃي بهشت ۾ رهہ. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ، پوءِ اهو شخص بهشت ۾ وڃڻ لاءِ هلندو، پر اتي ڏسندو تہ ماڻهو جايون والاري ويا آهن. پوءِ موٽي اچي چوندو تہ، اي منهنجا پالڻهار! ماڻهو جايون والاري ويا آهن. پوءِ کيس چيو ويندو تہ، اهو زمانو ياد اٿئي، جنهن دنيا ۾ تو گذاريو؟ چوندو تہ هائو. پوءِ کيس چيو ويندو، گُهر جيڪي گُهرين. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ اهو خواهش ظاهر ڪندو. پوءِ ان کي حڪم ٿيندو تہ، توکي اهو سڀ ڪجهہ ملندو، جيڪو تو گهريو ۽ ان کان ڏهوڻ وڌيڪ بہ ملندو.

پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ اهو شخص عجب مان چوندو، تہ تون بادشاهہ ٿي بہ مون سان چرچا ٿو ڪرين.

راوي چيو تہ مون رسول الله ﷺ جن کي ڏٺو، تہ ان ڳالهہ تي ايترو کليا، جو سندن اڳيان ڏند مبارڪ ظاهر ٿيا.

(۲۲۴) حضرت علي پٽ ربيعة رضي الله عنه کان روايت آهي تہ، آئون حضرت علي المرتضيٰ رضي الله عنه وٽ ويس، تہ ان جي سواريءَ لاءِ وهٽ آندو ويو. پاڻ ان سواريءَ تي چڙهڻ مهل پنهنجو پير رڪيب ۾ رکيائين تہ "بسم الله" پڙهيائين. جڏهن ان جي پٺيءَ تي سڌو ٿي ويٺو تہ "الحمدلله" چيائين. پوءِ هي دعا پڙهيائين:


www.maktabah.org

"سُبۡحٰنَ الَّذِيۡ سَخَّرَلَنَا هٰذَا وَمَا كُنَّا لَهٗ مُقۡرِنِيۡنَ. وَاِنَّآ اِلٰي رَبِّنَا مُنۡقَلِبُوۡنَ" (پارو ٢٥, سورة الزخرف, آيت ١٣ - ١٤)

**ترجمو: اهو الله پاڪ آهي، جنهن اسان لاءِ هن سواريءَ کي تابعدار بنايو ۽ اسان ان تي سگهه رکندڙ نہ هئاسون ۽ اسان کي پنهنجي پالڻهار ڏانهن موٽڻو آهي.**

ان کان پوءِ ٽي دفعا "اَلۡحَمۡدُلِلّٰهِ" ۽ "اَللّٰهُ اَكۡبَرُ" پڙهيائين. پوءِ هي دعا پڙهيائين:

"سُبۡحٰنَكَ اِنِّيۡ ظَلَمۡتُ نَفۡسِيۡ فَاغۡفِرۡلِيۡ فَاِنَّهٗ لَا يَغۡفِرُ الذُّنُوۡبَ اِلَّآ اَنۡتَ"

**ترجمو: پاڪ آهي تنهنجي ذات، مون تنهنجي نعمتن تي شڪر ادا نہ ڪرڻ ۾ پنهنجي نفس تي ظلم ڪيو آهي، سو مون کي بخش. ڇوتہ تو کان سواءِ ٻيو ڪو گناهہ نہ بخشيندو آهي.**

هي دعا پڙهي حضرت علي المرتضيٰ کلي ڏنو. راوي چوي ٿو، مون کين چيو تہ: اي مؤمنن جا سردار! تون ڇا تي کلئين؟ جواب ڏنائين تہ، مون رسول الله ﷺ جن کي ائين کندي ڏٺو هو. پوءِ مون پاڻ سڳورن کي عرض ڪيو تہ، اي الله جا رسول ! ﷺ اوهان ڪهڙي ڳالهہ تان کليا آهيو؟ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو: بيشڪ تنهنجو رب ٻانهي کان خوش ٿيندو آهي، جڏهن ٻانهو چوندو آهي: اي منهنجا پالڻهار! منهنجا گناهہ بخش. اهو ڄاڻي ٿو تہ، مون کان سواءِ ٻيو ڪوبہ گناهہ نہ بخشيندو آهي.

(٢٢٥) حضرت عامر پٽ سعد رضي الله عنه کان روايت آهي تہ حضرت سعد رضي الله عنه چيو تہ مون رسول الله ﷺ جن کي خندق جي ڏينهن ڏٺو. پاڻ سڳورا ﷺ ايترو کليا، جو سندن اڳيان ڏند مبارڪ ظاهر ٿيا.

حضرت عامر رضي الله عنه چيو، مون حضرت سعد رضي الله عنه کان پڇيو، تہ پاڻ سڳورا ﷺ ايترو ڪهڙي ڳالهہ تان کليا؟

ان چيو تہ، هڪ ڪافر وٽ ڍال هئي ۽ اهو ڪافر پنهنجي اڳيان ڍال


www.maktabah.org

ڦيرائي سر بچاءُ ڪري رهيو هو. حضرت سعد سڀڪورو ڏاڍو نشاني باز تير انداز هو. ان پنهنجو هڪ تير ڪڍي نشاني لاءِ تيار ڪيو. جيئن ئي ان ڪافر پنهنجو مٿو مٿي ڪيو، تہ اهڙو تير ڇنڊيائينس، جو سندس نراڙ ۾ وڃي لڳو. اهو ڪافر ڏڪ جي زور ڪري ٽنگ ڪڍي ابتو ٿي وڃي ڪريو. تنهن تي حضور ﷺ جن ايترو ڪليا، جو سندن ڏند مبارڪ ظاهر ٿيا. حضرت عامر پڇيو تہ پاڻ سڀڪورا ﷺ ڪهڙي ڳالهہ تان ڪليا؟ حضرت سعد سڀڪوري چيو تہ، منهن جي بهادري واري ڪم تي، جيڪو ڪافر سان تير ڇنڊڻ ذريعي ڪيم.



www.maktabah.org

باب چٽيهون

# رسول الله ﷺ جي خوش طبعي ڪرڻ جو بيان

(٢٢٦) حضرت انس پٽ مالڪ رضي الله عنه چيو، تہ مون کي نبي ﷺ فرمايو: "اي ٻن ڪنن وارا"!

حضرت محمود پٽ غيلان راوي چوي ٿو تہ، حضرت ابو اسامه راوي چيو تہ، نبي پاڪ ﷺ حضرت انس سڳوري سان خوش طبعي ڪندا هئا.

(٢٢٧) حضرت انس پٽ مالڪ رضي الله عنه کان روايت آهي تہ، نبي پاڪ ﷺ اسان کي تمام گهڻو پنهنجو سمجهندا، ميل ملاقات ڪندا هئا، جو منهنجي ننڍي ڀاءُ کي فرمايائون: اي ابو عمير! تنهنجي بلبل کي ڇا ٿي ويو؟

(ابو عمير وٽ بلبل جو هڪ ٻچڙو هو، جو مري ويو، تہ پاڻ سڳورن ﷺ ننڍڙي عمير کي خوش طبعي طور ائين چيو.)

(٢٢٨) حضرت ابوهريرة رضي الله عنه کان روايت آهي، اصحابن سڳورن عرض ڪيو تہ، اي الله جا رسول! ﷺ اوهان اسان سان چرچا يا خوش طبعي ڪندا آهيو؟ پاڻ سڳورن فرمايو، آئون سچ کان سواءِ خوش طبعي نہ ڪندو آهيان.

(مطلب تہ ڪل ڀوڳ ۾ بہ سچ کانسواءِ ٻي ڳالهہ نہ هوندي آهي)

(٢٢٩) حضرت انس پٽ مالڪ رضي الله عنه کان روايت آهي تہ، هڪ شخص رسول الله ﷺ جن کان سواريءَ لاءِ اُٺ گهريو. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ، توکي ڏاچيءَ جي گوري يا ڦر تي سوار ڪريان ٿو. ان ماڻهو عرض ڪيو تہ، يارسول الله ! ﷺ آئون ڏاچيءَ جي ڦر يا گوري کي ڇا ڪندس؟ تنهن تي رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ: ڇا اٺ کي ڏاچي نہ ڄڻيندي آهي؟ (مطلب تہ اٺن کي ڏاچيون ئي ڄڻينديون آهن)

(٢٣٠) حضرت انس پٽ مالڪ رضي الله عنه کان روايت آهي تہ، زاهر

.. .. .. .. .. .. .. .. .. .. .. .. .. .. .. .. .. .. .. .. ..



www.maktabah.org

نالي هڪ ٻهراڙيءَ جو ماڻهو نبي پاڪ ﷺ جن وٽ جهنگ جون سوکڙيون کڻي ايندو هو. جڏهن اهو (زاهر) موٽڻ وڃڻ جو ارادو ڪندو هو ته، نبي پاڪ ﷺ جن به ان کي (مديني پاڪ شهر جون) سوکڙيون پاکڙيون ڏئي اماڻيندا هئا ۽ پاڻ سڳورا فرمائيندا هئا ته: "زاهر اسان جو ٻهراڙيءَ (وارو دوست) آهي ۽ اسان ان جا شهر (وارا دوست) آهيون."

رسول الله ﷺ جن ان کي ڏاڍو پيائيندا هئا. جيتوڻيڪ هو ظاهري صورت ۾ ڪوجهو هو.

هڪ ڏينهن رسول الله ﷺ جن (مديني جي بازار ۾) ان وٽ ويا، جو هو ان وقت پنهنجو سامان وڪڻي رهيو هو. حضور ﷺ جن ان کي اوچتو پنيان اچي ڀاڪر پاتو ۽ ان حضور ﷺ جن کي ڪونه ڏٺو هو. ان ڪري چوڻ لڳو، ته هيءَ ڪير آهي؟ مون کي ڇڏ. ائين چئي واجهايائين، ته حضور ﷺ جن کي سڃاڻي ورتائين. سڃاڻڻ کان پوءِ ته هي نبي پاڪ ﷺ جن آهن، ته (برڪت خاطر) پنهنجي پٺيءَ نبي ﷺ جي پاڪ سيني سان لڳائي مهٽڻ لڳو. نبي پاڪ ﷺ (خوش طبعي ڪري) چيو ته، هيءَ ٻانهو ڪير وٺندو؟ ان تي (زاهر) چوڻ لڳو: اي الله جا رسول ! ﷺ، خدا جو قسم! ائين ته مونکي ڪوٽو يا سستو لهندين. ان تي رسول الله ﷺ جن فرمايو ته: "تون الله وٽ سستو نه آهين" يا پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو: "تون الله تعاليٰ وٽ مهانگو آهين." (هيءَ اصحابي زاهر مديني منوره جي آسپاس ڪنهن ڳوٺ يا واديءَ جو رهاڪو هو. سندس پورو نالو زاهر پٽ حرام اشجعي هو. حضور ﷺ جن سان گهڻي محبت هئس ۽ حضور ﷺ جن به کيس گهڻو پيائيندا هئا. حضور ﷺ جن وٽ ٻهراڙي جون ساديون سوکڙيون کڻي ايندو هو. بدر ۾ به حضور ﷺ جن سان گڏ هو. "اسد الغابه، جلد ٣، صفحو ٢٧٦.)

(٢٣١) حضرت حسن بصري رضي الله عنه کان روايت آهي، ته هڪ پوڙهيءَ عورت نبي پاڪ ﷺ جن جي خدمت ۾ اچي عرض ڪيو ته، اي الله جا رسول ! ﷺ دعا گهرو ته الله تعاليٰ مون کي بهشت ۾ موڪلي. پاڻ سڳورن ﷺ (خوش طبعي ڪري) فرمايو: "اي فلاڻي جي ماءُ! بهشت ۾ ڪا به پوڙهي نه ويندي."


www.maktabah.org

(راوي حضرت حسن بصري چيو تہ) اها پوڙهيءَ عورت رئندي موٽڻ لڳي. تنهن تي پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو: ان پوڙهيءَ کي وڃي ٻڌايو تہ، ڪراڙپ جي حالت ۾ بهشت ۾ نہ ويندي. جيئن الله تعاليٰ قرآن مجيد ۾ فرمايو آهي:

"اِنَّآ اَنْشَاْنٰا هُنَّ اِنْشَآءً ـ فَجَعَلْنٰا هُنَّ اَبْكَارًا."

(پارو ٢٧، سورت الواقعہ، آيت ٣٥، ٣٦)

**ترجمو: بيشڪ اسان انهن عورتن کي نئين سر پيدا ڪيو ۽ انهن کي ڪنواريون بنايو.**

(هيءُ پوڙهيءَ بهشت جي طلب ڪندڙ عورت عبدالمطلب جي نياڻي صفيہ آهي ۽ زبير پٽ العوام جي ماءُ هئي. هي حديث مرسل آهي، ڇاڪاڻ تہ حسن بصري تابعي آهي ۽ روايت ۾ ڪنهن اصحابي جو ذڪر نہ آهي.)



www.maktabah.org

باب ستٽيهون

# رسول الله ﷺ جي شعر شاعري پڙهڻ جو بيان

(٢٣٢) حضرت عائشه رضي الله عنها کان روايت آهي، مون کان پڇيو ويو ته، ڇا نبي ﷺ جن شعر پڙهندا هئا؟ بيبي عائشه سڳوريءَ چيو ته، هائو پاڻ سڳورا ﷺ ڪڏهن عبدالله پٽ رواحه جا شعر پڙهندا هئا ۽ ڪڏهن (طرفه پٽ عبد جو) هي مصرعه پڙهندا هئا:

"وَيَاتِيکَ بِالْاَخْبَارِ مَنْ لَّمْ تُزَوِّدِ"

مطلب ته ۽ تو وٽ اهڙو شخص خبرون آڻيندو آهي، جنهن کي تو عوض ڪونه ڏنو هو.

(٢٣٣) حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي، ته رسول الله ﷺ جن فرمايو: بيشڪ سچو ٻول يا ڳالهه ڪنهن شاعر چئي آهي، اهو لبيد پٽ ربيعه جو هي شعر آهي:

"اَلَا کُلُّ شَيْءٍ مَاخَلَا اللّٰهُ بَاطِلٌ"

مطلب ته خبردار ! الله تعاليٰ کان سواءِ هر شيءِ باطل يا فاني آهي.

پاڻ سڳورن هي به فرمايو ته:

(شاعر) اميه پٽ ابو الصلت مسلمان ٿيڻ تي هو.

(٢٣٤) حضرت جندب پٽ سفيان البجلي رضي الله عنه کان روايت آهي ته، (جنگ احد جي ڏينهن) هڪ پٿر رسول الله ﷺ جي آڱر کي لڳو، ته ان مان رت وهڻ لڳو. ان تي پاڻ سڳورن فرمايو:

هَلْ اَنْتِ اِلَّا اِصْبَعٌ دَمِيْتِ،
وَ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ مَا لَقِيْتِ.

مطلب ته تون اها آڱر آهين جو رت ۾ ٻڏل آهين ۽ توکي اها تڪليف


www.mukabah.org

الله تعاليٰ جي راهہ ۾ پهتي آهي.

(٢٣٥) حضرت البراء پٽ عازب رضي الله عنہ کان روايت آهي تہ، مون کان هڪ شخص پڇيو: اي ابو عماره ! ڇا توهان (حنين جي لڙائيءَ ۾) رسول الله ﷺ کي ڇڏي پٺ ڏيئي ويا هئا؟ تنهن تي چيائين تہ نہ، خدا جو قسم ! رسول الله ﷺ جن نہ هٽيا هئا، پر ڪي تکڙا ماڻهو جن کي هوازن قبيلي وارن تير هنيا (اهي پٺ ڏيئي ويا هئا).

ان وقت رسول الله ﷺ جن خچر تي سوار هئا ۽ ابو سفيان پٽ حارث پٽ عبدالمطلب خچر جي لگام کان ورتو هو. ۽ رسول الله ﷺ جن فرمائي رهيا هئا:

اَنَا النَّبِيُّ لاَ كَذِب،
اَنَا ابْنُ . عَبْدِالْمُطَّلِب.

مطلب تہ بيشڪ آئون نبي آهيان، ان ۾ ڪو شڪ شبهو نہ آهي ۽ آئون عبدالمطلب جو پٽ (پوٽو) آهيان.

(٢٣٦) حضرت انس رضي الله عنه کان روايت آهي، تہ جڏهن نبي پاڪ ﷺ عمره جي قضا لاءِ مڪي شريف داخل ٿيا، تہ ان وقت عبدالله پٽ رواحه رضي الله عنه پاڻ سڳورن ﷺ جي اڳيان هلي رهيو هو ۽ هي شعر پڙهي رهيو هو:

خَلُّوْا بَنِي الْكُفَّارِ عَنْ سَبِيْلِهٖ
اَلْيَوْمَ نَضْرِبُكُمْ عَليٰ تَنْزِيْلِهٖ.

ترجمو: اي ڪافرن جا اولاد! حضور ﷺ جي رستي کان پري هٽي وڃو. اڄ اسان قرآن شريف جي حڪم مطابق اوهان تي اهڙو وار ڪنداسون.

ضَرْبًا يَزِيْلُ الْهَامَ عَنْ مَقِيْلِهٖ،
وَيُذْهِلُ الْخَلِيْلَ عَنْ خَلِيْلِهٖ.

ترجمو: جو ڪوپريءَ ڌڙ کان ڌار ڪري ڇڏيندو ۽ دوست کان دوست وسري يا جدا ٿي ويندو.

پوءِ حضرت عمر فاروق رضي الله عنه ان کي چيو: اي ابن رواحه ! تون رسول الله ﷺ جي آڏو ۽ خدا جي حرم شريف ۾ شعر ٿو چوين؟

تنهن تي نبي پاڪ ﷺ فرمايو: "اي عمر! رضي الله عنه هن کي ڇڏي ڏي. ڇا لاءِ تہ اهي شعر ڪافرن تي تيرن وسائڻ کان بہ وڌيڪ سخت تيز تکا آهن."

.. .. .. .. .. .. .. .. .. .. .. .. .. .. .. .. .. .. .. .. .. ..



www.maktabah.org

(٢٣٧) حضرت جابر پٽ سمرة رضي الله عنه چيو تہ، آئون رسول الله ﷺ جن سان مجلس ۾ سو پيرن کان بہ وڌيڪ دفعا ويٺو آهيان. پاڻ سڳورن ﷺ جا اصحاب سونهارا (سندن آڏو) شعر پڙهندا ۽ (اسلام کان اڳ واري) جاهليت جي زماني جون ڳالهيون هڪ ٻئي کي ٻڌائيندا هئا (يعني چوندا هئا تہ الله تعاليٰ اسان تي احسان ڪيو، جو حضور ﷺ جن جي صدقي ڏوهہ بخشي، ايمان جو نور عطا ڪيائين.) پاڻ سڳورا ﷺ چپ ڪيو ويٺا رهندا هئا ۽ ڪڏهن ساڻن گڏجي مُرڪندا بہ هئا.

(٢٣٨) حضرت ابوهريرة رضي الله عنه کان روايت آهي، تہ نبي پاڪ ﷺ جن فرمايو: عرب جي شاعرن جيڪي شعر چيا آهن، انهن مان سيني کان وڌيڪ عمدو سٺو "لبيد" جو هيءُ شعر آهي:

"اَلَاَ كُلُّ شَيْءٍ مَاخَلَا اللهَ بَاطِلُ"

ترجمو: خبردار! الله تعاليٰ کانسواءِ هر شيءِ باطل ۽ فاني آهي.

(لبيد شاعر جي هن شعر جو ٻيو مصرعہ هي آهي:

"كُلُّ نَعِيْمٍ لَا مَحَالَةَ زَائِلُ"

ترجمو: دنيا جي هر نعمت نابود ۽ ختم ٿيڻ واري آهي.")

(٢٣٩) حضرت عمرو پٽ الشريد رضي الله عنه پنهنجي پيءُ کان روايت ٿو ڪري، ان چيو تہ آئون رسول الله ﷺ جن سان سواريءَ تي (پٺيان) ٻيلهہ چڙهيل هوس، تہ مون پاڻ سڳورن ﷺ کي اميہ پٽ ابي خلف جي ڪلام مان هڪ سو بيت يا شعر ٻڌايا. جڏهن مون هڪ شعر ٿي پڙهيو، تہ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو ٿي: اجا ٻڌاءِ. نيٺ اٿين سؤ بيت يا شعر چئي ويس. پوءِ نبي پاڪ ﷺ جن فرمايو تہ، اهو (اميہ شاعر) مسلمان ٿيڻ تي هو.

(٢٤٠) حضرت عائشہ رضي الله عنها چيو تہ، رسول الله ﷺ (اصحابي شاعر) حضرت حسان پٽ ثابت رضي الله عنه لاءِ مسجد نبويءَ ۾ منبر رکائيندا هئا تہ، اهو ان تي بيهي رسول الله ﷺ جي تعريف ڪندو هو.

يا بيبي عائشہ سڳوريءَ چيو تہ، حضرت حسان سڳورو، نبي پاڪ ﷺ جي ساراهہ ۽ ڪافرن جي ڪڌن ڪرتوتن جو جواب ڏيندو هو.

رسول الله ﷺ فرمائيندا هئا تہ، بيشڪ الله تعاليٰ روح القدس (جبرئيل عليہ السلام) جي ذريعي حسان پٽ ثابت رضي الله عنه جي مدد ڪندو آهي، جيستائين هو الله جي رسول ﷺ جي طرفان ڪافرن کي جواب ڏيندو آهي.


www.maktabah.org

باب انڻيهون

# چانڊوڪي رات ۾ حضور ﷺ جن طرفان ڳالهه ڪٿڻ جو بيان

(٢٣١) حضرت عائشه رضي الله عنها چيو ته، هڪ رات رسول الله ﷺ جن پنهنجي بيبين سڳورين کي هڪ عجيب ڳالهه ٻڌائي. انهن مان هڪ بيبي سڳوريءَ عرض ڪيو ته، هيءُ ڄڻ "خرافه جي ڳالهه" آهي. تنهن تي پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو ته، خرافه نالي بنو عذره قبيلي جو هڪ ماڻهو هو. جنهن کي جاهليت واري زماني ۾ جنّ قيد ڪري ڪٺي ويا هئا. پوءِ اهو جنّن وٽ گهڻا سال رهيو. نيٺ ان کان پوءِ جنّ ڪيس ماڻهن ۾ ڇڏي ويا. پوءِ ان (خرافه) جيڪي اتي عجيب شيون ڏٺيون هيون. اهي ڳالهيون ماڻهن کي ٻڌائيندو هو. ان کان پوءِ ماڻهو ڪنهن عجيب ۽ اچرج جهڙي ڳالهه لاءِ چوندا هئا، ته اها خرافه جي ڳالهه آهي يعني ان حيران ڪندڙ ڳالهه کي "خرافه جي ڳالهه" ڪوٺيندا هئا.

## (٢٣٢) ام زرع جي ڳالهه:

حضرت عائشه رضي الله عنها کان روايت آهي، ته (يمن يا حجاز جون) يارهن زالون هيون، انهن پاڻ ۾ گڏجي صلاح ڪري واعدو ڪيو، ته هڪ ٻئي کي بنا لڪائڻ جي پنهنجي مڙسن جون ڳالهيون ٻڌائينديون.

حضرت عائشة رضي الله عنها چيو، پهرئين عورت ٻڌايو، ته منهنجو مڙس ڄڻ ته ڏٻري اُٺ جو گوشت، هڪ اڙانگي جبل جي چوٽيءَ تي رکيل آهي. نه اهو جبل سولو هجي، جو چڙهي سگهجي. نه اهو گوشت ئي ڪو چڱو هجي، جو تڪليف ڪري لاهي اچجي. مطلب ته منهنجو مڙس ڪنهن ڪم جو ڪونهي.


www.mohaddis.org

ٻي زال چيو تہ، منهنجو مڙس تہ اهڙو آهي، جو آئون ان جو ڪو حال ٻڌائي نہ ٿي سگهان. مونکي ڊپ آهي تہ ڪيس ڇڏي نہ ڏيان. جيڪر ان جو سمورو حال ٻڌائيندس، تہ سندس ڪئين عيب ۽ اوٽايون پوٽائيون آهن يعني منهنجي مڙس جون ڳالهيون ٻڌائڻ جهڙيون نہ آهن.

ٽين زال چيو تہ، منهنجو مڙس ڊگهو لاٻٽ آهي. اڳ پوءِ ڏسي ٿي ڪونہ. جي ڪڇان تہ طلاق ڏئي ڪڍي ڇڏيندو ۽ جي چپ رهنديس، تہ بہ ٽنگبيس مطلب تہ آئون ڪنهن بہ ليکي ۾ ڪانہ آهيان.

چوٿين زال چيو تہ منهنجو مڙس مڪي شهر جي رات وانگر آهي، نہ گرم نہ سرد، نہ ڏک نہ سک. مقصد تہ منهنجو مڙس وچٿري مزاج وارو آهي.

پنجين زال ٻڌايو تہ، منهنجو مڙس گهر اچي تہ چيتو. جي ٻاهر نڪري تہ شينهن مڙس آهي. باقي گهرو ڪم ڪار ۽ ڳالهہ جي جانچ جونچ ڪونہ ڪري.

ڇهين زال چيو تہ، منهنجو مڙس ماني کائي تہ سڀ ڪجهہ کائي وڃي. جي پيئي تہ ڍُڪ نہ بچائي. جيڪڏهن سمهي، تہ ويڙهجي ڏار سمهيو پوي ۽ هٿ ڊگهو ڪري بہ نہ ڏسي، تہ آئون کهڙي ڏک سک جي حال ۾ آهيان يعني بي پرواهہ لاغرض آهي.

ستين زال ٻڌايو تہ منهنجو مڙس سست ۽ نامرد. اڍنگو ٻاتو آهي ۽ هر بيماري لڳل اٿس. بيوقوف اهڙو جو ذڪ هٽي ڦٽي وجهي يا هڏا ڀڃي ڇڏي. يا جي مڇي تہ هڏ گُڏ ڀڃي چٽ ڪري، هلڻ چلڻ کان هلاڪ ڪري وجهي. مطلب تہ منهنجو مڙس دوپستو چٽ آهي.

اٺين زال چيو تہ، منهنجو مڙس هٿ لائڻ ۾ سهي جهڙو نرم، نازڪ بدن وارو ۽ طبيعت ۾ زعفران جهڙو خوشبودار آهي.

نائين زال ٻڌايو تہ، منهنجو مڙس تہ وڏن ٿنين (عالي نسب) ماڙيءَ وارو، مهمان نواز، سخي ۽ قداور بهادر مڙس آهي. گهر اوطاق جي ويجهو اٿس. مطلب تہ منهنجو مڙس سخي همدرد ۽ اوطاقي مڙس آهي.

ڏهين زال چيو تہ، منهنجي مڙس جو نالو مالڪ آهي. مالڪ جي کهڙي ڳالهہ ڪجي؟ اهو ان کان مٿي آهي. سندس اُٺن جاوڳ جهوڪن ۾ گهٽا ۽ جهنگ ۾ ٿورا چرندا آهن. جڏهن مهمانن جي اچڻ جو هُل ٻڌن، تہ رڙن. چو تہ اُٺ سمجهن، تہ مهمانيءَ لاءِ اڄهو ٿا ڪُسون. يعني هيءُ مڙس



www.maktabah.org

شاهوڪار بہ آهي ۽ مهمان نواز سخي بہ آهي.

يارهين زال (امر زرع) چيو تہ، منهنجو مڙس ابوزرع هو. ابو زرع جي کهڙي نيڪي ۽ ڳالهہ ڪجي؟ ان منهنجا ڪن ڳهن سان ڀري ڇڏيا. سٺي سان منهنجا ڏورا ٿلها ڪري ڇڏيا يعني خوب کارايائين پيارايائين ۽ گهڻو سکيو ستابو رکيائين.

مون کي ٻڪرارن سان شَق جي ماڳ تي ڏکيو ڏنائين، تہ پوءِ مون کي اتان پرڻجي، اتي پنهنجي گهر وٺي آيو، جتي گهوڙن جون هڻڪارون، انن جا ڪڻڪاٽ، ڳاهہ ڳاهيندڙ ڏاند ۽ انُ واوريندڙ ڪڙمي ڪاسبي هئا. مطلب تہ منهنجو سهراڻ سکيو ستابو گهر هو. جيڪو بہ چوندي هيس، برو نہ پائيندا هئا. رات جو سمهان تہ پرهہ ڦٽيءَ اٿان يعني رات بہ ڏکي ڪانہ هئي. جي کاوان پيان، تہ بچائي اوباري ڇڏيان.

منهنجي سس (ابو زرع جي ماءُ) جا ٿانو ويڪرا ڀريل ۽ گهر بہ وڏو ويڪرو هو.

ابو زرع جي پُٽ جي بہ کهڙي ڳالهہ ڪيان؟ اهو ڪجيءَ جي ڇليل ڇڙيءَ جهڙو سنهڙو سهڻو آهي. ننڍي ڇيلي جي ران مان ڍؤ ڪيو ڇڏي.

ابو زرع جي ڌيءُ بہ ڳڻ ڳاڻ لائق آهي، پڻ ماءُ جي فرمانبردار ڇٽي دار آهي. سگهاري سہر ۽ پنهنجي ساڙيل پاڙي واريءَ (پهاج يا سوٽ) کي ساڙي ٿي.

ابوزرع جي ٻانهيءَ بہ اسان جي راز يا گهر جون ڳالهيون ٻي ڪنهن کي نہ ٻڌائيندي هئي. موڪل کان سواءِ اَن يا گهر جون ٻيون شيون نہ ڪڍندي هئي، نہ وري چوري چڪاري ڪندي هئي. نہ وري گهر ۾ گند ڪچرو ڪندي هئي. مطلب تہ گهر بہ ٻهاري سُهاري صاف سٿرو رکندي هئي.

ام زرع وڌيڪ چوڻ لڳي تہ، ابو زرع هڪ دفعي کير ولوڙڻ مهل ساجهر سوير گهر کان ٻاهر ڪم ڪار سانگي نڪري ويو. ٻاهر ڪيس هڪ زال مليس، جنهن جا ٻہ پٽ سندس پاسي ۾ چيتي جي ٻچن وانگر ڏاڙهن سان راند پئي ڪيڏيا. اها ڪيس وڻي وئي. پوءِ مون کي طلاق ڏئي، ان سان پرڻيو.

ان کان پوءِ مون بہ وجي، هڪ اهڙي سردار سان شادي ڪئي، جيڪو تکي گهوڙي تي چڙهي، "خطي نيزو" ڪڻندو هو. (خط جو ماڳ بحرين جي



www.makabah.org

بندرگاهه وٽ آهي، اتان جا نيزا پلا ۽ "خطي" نالي سان نهيل مشهور آهن) ۽ ان سردار مڙس به مون وٽ گهڻائي ڍور ڍڳا ۽ مال متاع آندا ۽ مون کي سڀ شيون ڏنيون ۽ مون کي اهو به چيو ته، ام زرع ! تون به کاءُ ۽ پنهنجن مائٽن کي به اَن ڏي ۽ کاراءِ. جيڪڏهن هن سردار مڙس جو ڪجهه گهڻو مون کي ڏنو. انهي کي گڏ ڪريان ته به (اڳئين مڙس) ابوزرع جي ننڍي پريل ٿانءُ جي به برابر نه ٿيندو. يعني ابوزرع ڏيڻ وٺڻ ۽ سخاوت ۾ زور هو.

حضرت عائشه رضي الله عنها چيو ته، (اها ڳالهه ٻڌائي) رسول الله ﷺ جن مون کي فرمايو: ته (اي عائشة! رضي الله عنها ) آئون به تولاءِ ائين آهيان، جيئن ابو زرع، ام زرع لاءِ هو. يعني تمام گهڻو گهڻگهرو ۽ شفيق مهربان.

(ٻي روايت ۾ آهي ته نبي پاڪ ﷺ جن فرمايو، پر آئون توکي ان وانگر طلاق ڪونه ڏيندس. تنهن تي حضرت عائشة رضي الله عنها عرض ڪيو ته، منهنجا ماءُ پيءُ اوهان تان قربان ! ابو زرع ڪهڙي ڳالهه آهي؟ اوهان مون تي تمام گهڻا مهربان آهيو. انوار غوثيه شرح الشمائل النبويه صفحو ۳۳۶)



www.maktabah.org

باب اوڻيتاليهون

# رسول الله ﷺ جي ننڊ ۽ آرام جو بيان

(٢٤٣) حضرت براء پٽ عازب رضي الله عنه کان روايت آهي، ته جنهن وقت رسول الله ﷺ جن پنهنجي هنڌ تي آرام ڪندا هئا، ته پنهنجو ساڄو هٿ مبارڪ ساڄي ڳل هيٺان رکي، (ڪعبي ڏي منهن ڪري) سمهندا هئا ۽ هي دعا پڙهندا هئا:

"رَبِّ قِنِيْ عَذَابَکَ يَوْمَ تَبْعَثُ عِبَادَکَ"

**ترجمو: منهنجا پالڻهار! مون کي (قيامت جي) عذاب کان بچاءِ، جنهن ڏينهن تون پنهنجن ٻانهن کي (حساب ڪتاب لاءِ) اٿاريندين!**

(٢٤٤) حضرت حذيفة رضي الله عنه چيو ته، جنهن وقت نبي پاڪ ﷺ پنهنجي هنڌ تي آرام ڪندا هئا، ته هيءَ دعا گهرندا هئا:

"اَللّٰهُمَّ بِاِسْمِکَ اَمُوْتُ وَاَحْيٰي"

**مطلب ته اي الله ! تنهن جي نالي جي برڪت سان منهنجو مرڻ ۽ جيئڻ آهي.**

۽ جڏهن پاڻ سڳورا ننڊ مان سجاڳ ٿيندا هئا ته هي دعا چوندا هئا:

"اَلْحَمْدُلِلّٰهِ الَّذِيْٓ اَحْيَانَا بَعْدَ مَآ اَمَاتَنَا وَاِلَيْهِ النُّشُوْرُ"

**ترجمو: سڀ تعريف الله تعاليٰ جي لائق آهي، جنهن موت کان پوءِ حياتي بخشي ۽ ان ڏانهن موٽڻو آهي.**

(٢٤٥) حضرت عائشه رضي الله عنها چيو، پاڻ سڳورن ﷺ جو معمول هو ته، جنهن وقت رسول الله ﷺ جن رات جي وقت هنڌ مبارڪ تي آرام ڪندا هئا، ته دعا وانگر ٻئي هٿ گڏائي انهن ۾ هي سورتون پڙهي دم ڪندا هئا:



www.maktabah.org

قُلْ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ (سورة اخلاص) قُلْ اَعُوْذُ بِرَبِّ الْفَلَقِ (سورة فلق) ۽ قُلْ اَعُوْذُ بِرَبِّ النَّاسِ (سورة الناس).

اهي سورتون پڑهي شوڪاري، پنهنجي بدن مبارڪ تي سندن هٿ مبارڪ جيتري ۾ پڄي سگهندا هئا. تہ گهمائيندا هئا. پهريان مٿي، منهن ۽ جسم جي سامهون حصي کان شروع ڪندا هئا. پاڻ سڳورا ﷺ ٽي ڀيرا ائين ڪندا هئا.

(٢٣٦) حضرت ابن عباس رضي الله عنه کان روايت آهي، تہ رسول الله ﷺ جن هڪ دفعي ننڊ ڪئي ۽ ڪونگهرو هڻڻ لڳا. پاڻ سڳورا ﷺ ننڊ ڪندا هئا، تہ وڏو ساهہ کڻندا هئا. پوءِ حضرت بلال رضي الله عنه اچي نماز جي تياري ۽ وقت جي خبر ڏني. پاڻ سڳورا ﷺ اٿيا ۽ نماز پڙهيائون. ان وقت نماز لاءِ وضو ڪونہ ڪيائون، حديث ۾ ھيو قصو بہ آهي.

(ننڊ کان سجاڳ ٿيڻ بعد وضو نہ ڪرڻ ۽ نماز پڙهڻ نبي پاڪ ﷺ جن جي خصوصيت آهي ۽ نبين سڳورن جي ننڊ وضوءَ کي نہ ٽوڙيندي آهي.)

(٢٣٧) حضرت انس پٽ مالڪ رضي الله عنه کان روايت آهي، تہ جڏهن رسول الله ﷺ جن پنهنجي هنڌ تي آرام يا ننڊ ڪندا هئا. تہ هيءُ دعا پڙهندا هئا:

"اَلْحَمْدُلِلّٰهِ الَّذِيْٓ اَطْعَمَنَا وَسَقَانَا وَكَفَانَا وَاٰوَانَا فَكَمْ مِمَّنْ لَاكَافِيَ لَهٗ وَلَا مُؤْوِيَ"

ترجمو: سڀ تعريف ان ذات لاءِ آهي، جنهن اسان کي کارايو پياريو ۽ اسان جي پورت ڪئي. اسان کي آرام جي جاءِ ڏني، جو تہ ڪيترا اهڙا ماڻهو بہ آهن، جن جي ڪو ضرورت پوري نہ ٿو ڪري ۽ نہ انهن کي ڪو جاءِ ڏئي ٿو.

(٢٣٨) حضرت ابو قتاده رضي الله عنه کان روايت آهي، تہ جڏهن نبي پاڪ ﷺ جن سفر ۾ رات جو لهي ٽڪندا هئا، تہ پنهنجي ساڄي پاسي تي ليٽي سمهندا هئا ۽ جڏهن پرهہ ڦٽيءَ کان ڪجهہ وقت اڳ ۾ لهي ترسندا هئا، تہ پنهنجي ٻانهن مبارڪ ايي ڪري، هٿ جي تري مبارڪ تي مٿو رکي آرام ڪندا هئا.



www.maktabah.org

باب چاليهون

# رسول الله ﷺ جي عبادت جو بيان

(٢٤٩) حضرت مغيرة پٽ شعبه رضي الله عنه کان روايت آهي، تہ نبي پاڪ ﷺ جن (تهجد) نماز ايتري ڊگهي پڙهندا هئا، جو سندن پير مبارڪ سڄي پوندا هئا. پاڻ سڳورن ﷺ کي عرض ڪيو ويو تہ، اوهان ايتري تڪليف ڇو ٿا ڪريو؟ هوڏانهن الله تعاليٰ اوهان جي ڪري اوهان جي سيني اڳين ۽ پوين جا گناهہ بخشي ڇڏيا آهن. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ: ڇا آئون الله جو شڪر گذار ٻانهو نہ ٿيان؟

(٢٥٠) حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي، تہ رسول الله ﷺ جن نماز پڙهندا رهندا هئا، تہ سندن پير مبارڪ سُڄي پوندا هئا. پاڻ سڳورن ﷺ کي عرض ڪيو ويو تہ، (يا رسول الله! ﷺ) اوهان ايتري تڪليف ڇا لاءِ ٿا ڪريو، جڏهن تہ الله تعاليٰ اوهان جي ڪري اوهان جي سيني اڳين ۽ پوين جا گناهہ بخشي ڇڏيا؟ پاڻ سڳورن فرمايو تہ: ڇا آئون الله جو شڪر گذار ٻانهو نہ بنجان؟

(٢٥١) حضرت ابوهريره رضي الله عنه‌کان روايت آهي، تہ رسول الله ﷺ جن (تهجد) نماز ۾ ايترو بيهندا هئا، جو سندن پير مبارڪ سڄي پوندا هئا. پاڻ سڳورن ﷺ کي عرض ڪيو ويو تہ يارسول الله ! ﷺ اوهان ايڏي تڪليف ڇو ٿا ڪريو؟، هن حالت ۾ جو الله تعاليٰ اوهان جي ڪري اوهان جي سيني اڳين ۽ پوين جا گناهہ بخشي ڇڏيا آهن؟ پاڻ سڳورن فرمايو تہ: ڇا آئون خدا جو شڪر گذار ٻانهو نہ ٿيان.؟

(٢٥٢) حضرت اسود پٽ يزيد رضي الله عنه کان روايت آهي تہ، مون حضرت بيبي عائشة رضي الله عنها کان رسول الله ﷺ جن جي رات جي نماز پڙهڻ جي باري ۾ پڇيو؟ بيبي عائشة سڳوري چيو تہ، پاڻ سڳورا ﷺ اول


www.maktabah.org

سنجهي ۾ رات جو ننڊ ڪندا هئا. پوءِ نماز يا عبادت لاءِ اٿندا هئا. پوءِ جڏهن صبح اسر ويجهو ٿيندو هو، ته وتر پڙهي پنهنجي هنڌ تي ايندا هئا. جي ڪين ضرورت هوندي هئي ته، پنهنجي بيبي سڳوري وٽ ويندا هئا. پوءِ جڏهن بانگ ٻڌندا هئا، ته تڪڙو اٿندا هئا. جيڪڏهن ڪين وهنجڻ جي حاجت هوندي هئي، ته وهنجندا هئا. نه ته رڳو وضو ڪري نماز لاءِ نڪرندا هئا.

(٢٥٣) حضرت ابن عباس رضي الله عنه کان روايت آهي، (ان پنهنجي شاگرد ابوڪريب سڳوري کي ٻڌايو) ته آئون ننڍي هوندي هڪ رات پنهنجي ماسيءَ مؤمنن جي ماءُ حضرت ميمونه رضي الله عنها وٽ رهيس. آئون وهاڻي جي منڍي تي مٿو رکي سمهي پيس ۽ پاڻ سڳورا ﷺ ان جي ڊيگهه تي سمهي پيا. پوءِ رسول الله ﷺ جن اڌ رات يا ٿورو اڳ ۾ يا پوءِ ننڊ ڪري جاڳيا. منهن مبارڪ مهٽي ننڊ لاهڻ لڳا. پوءِ سورة آل عمران جون پويون ڏهه آيتون پڙهيائون. ان کانپوءِ پاڻ سڳورن ٽنگيل مَشڪ يا پاٽيءَ جي ڪليءَ مان ناهي ناهي وضو ساريو ۽ نماز پڙهڻ لڳا.

حضرت عبدالله پٽ عباس رضي الله عنه چيو ته، آئون به اٿي پاڻ سڳورن جي کاٻي پاسي کان ٿي بيٺس، ته رسول الله ﷺ جن پنهنجو ساڄو هٿ مبارڪ منهنجي مٿي تي رکي، منهنجي ساڄي ڪن کي وٺي مروڙيو يعني مونکي کاٻي پاسي کان ڦيرائي، پنهنجي ساڄي پاسي ڪري بيهاريو ۽ ٻه رڪعتون نماز پڙهيائون. وري ٻه رڪعتون بيون، وري ٻه رڪعتون، وري ٻه رڪعتون ۽ وري ٻه رڪعتون نماز ادا ڪيائون.

حضرت معن رضي الله عنه (حديث جي راوي) چيو ته، ائين ڇهه ڀيرا (ٻارهن رڪعتون تهجد نماز) پڙهيائون. ان کان پوءِ پاڻ سڳورا وتر نماز (ٽي رڪعتون) پڙهي، سمهي پيا.

پوءِ بانگو آيو ته پاڻ اٿي ٻه رڪعتون هلڪيون (فجر جي سنت) پڙهي، پوءِ ٻاهر مسجد ۾ اچي صبح واري نماز ادا ڪيائون.

(٢٥٤) حضرت ابن عباس رضي الله عنه کان روايت آهي، ته نبي پاڪ ﷺ جن رات جو تيرهن رڪعتون نماز پڙهندا هئا.

(٢٥٥) حضرت عائشة رضي الله عنها کان روايت آهي ته، نبي پاڪ ﷺ جڏهن ننڊ جي ڪري رات جو (تهجد) نماز نه پڙهندا هئا، ته ڏينهن جو ٻه


www.maktabah.org

ٻارهن رڪعتون نماز پڙهندا هئا.

(٢٥٦) حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي، ته نبي پاڪ ﷺ جن فرمايو: جڏهن اوهان مان ڪو رات جو سجاڳ ٿئي ته، ٻن هلڪين رڪعتن پڙهڻ سان پنهنجي نماز شروع ڪري.

(٢٥٧) حضرت زيد پٽ خالد جهني رضي الله عنه کان روايت آهي، ان چيو مون دل ۾ ارادو ڪيو ته، اڄ رسول الله ﷺ جي (تهجد) نماز غور سان جانچي ڏسندس. پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ جي در جي چانئٺ يا تنبو جي در تي مٿو رکي ليٽي پيس. مون ڏٺو ته پاڻ سڳورن اٿي پهريان ٻه رڪعتون هلڪيون پڙهيون. پوءِ ٻه رڪعتون تمام ڊگهيون پڙهيون، پوءِ چار دفعا ٻه ٻه رڪعتون پڙهيون. هر پويون ٻه رڪعتون پهرين ٻن رڪعتن جي ڀيٽ ۾ مختصر يا هلڪيون هيون. پوءِ پاڻ سڳورن وتر نماز پڙهي. پوءِ اهي تيرهن رڪعتون ٿيون.

(٢٥٨) حضرت ابو سلمه پٽ عبدالرحمان رضي الله عنه کان روايت آهي، ان حضرت عائشة رضي الله عنها کان پڇيو ته، رسول الله ﷺ رمضان المبارڪ ۾ (تهجد) نماز ڪيتري ۽ ڪيئن پڙهندا هئا؟ مؤمنن جي ماءُ (حضرت عائشة) رضي الله عنها ٻڌايو ته، رسول الله ﷺ رمضان المبارڪ جي مهيني ۾ يا ٻئي ڪنهن مهيني يا وقت ۾ يارهن رڪعتن کان وڌيڪ ڪونه پڙهندا هئا. پهريان چار رڪعتون پڙهندا هئا، انهن جي سهڻائي ۽ ڊيگهه جي ڳالهه ئي نه پڇ. پوءِ وري چار رڪعتون پڙهندا هئا، ته انهن جو حسن ۽ ڊيگهه به نه پڇ. پوءِ ٽي رڪعتون پڙهندا هئا، ته انهن جو حسن ۽ ڊيگهه به نه پڇ. پوءِ ٽي رڪعتون (وتر) پڙهندا هئا.

حضرت عائشة رضي الله عنه چيو ته، مون پاڻ سڳورن ﷺ جي خدمت ۾ عرض ڪيو، ته اي الله جا رسول ! ﷺ اوهان وتر کان پهريان ننڊ ڪندا آهيو؟ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو: "اي عائشه! رضي الله عنها بيشڪ منهنجون اکيون ننڊ ڪنديون آهن ۽ منهنجي دل ننڊ نه ڪندي آهي.

(٢٥٩) حضرت عائشة رضي الله عنها کان روايت آهي ته، رسول الله ﷺ رات جو يارهن رڪعتون نماز پڙهندا هئا. انهن مان هڪ رڪعت سان گڏ وتر پڙهندا هئا (يعني ٻن رڪعتن سان گڏ ٽين رڪعت ملائي اڪي


www.makabah.org

بنائيندا. رڳو هڪ رڪعت نہ پڙهندا هئا) پوءِ جڏهن فارغ ٿيندا هئا، تہ ساڄي پاسي تي سمهندا هئا.

(٢٦٠) حضرت عائشہ رضي الله عنها کان (بہ) روايت آهي، تہ رسول الله ﷺ رات جو (ڪڏهن ڪڏهن) نو (٩) رڪعتون نماز پڙهندا هئا.

(٢٦١) حضرت حذيفة پٽ يمان رضي الله عنه کان روايت آهي، تہ هڪ رات مون رسول الله ﷺ جن سان گڏ نماز پڙهي. پاڻ سڳورن ﷺ جڏهن نماز شروع ڪئي تہ، هي لفظ چيائون:

"اَللّٰهُ اَكْبَرُ ذُوالْمَلَكُوْتِ وَالْجَبَرُوْتِ وَالْكِبْرِيَآءِ وَالْعَظْمَةِ"

**ترجمو: الله تمام وڏو آهي جو بادشاهي، حڪومت، وڏائي ۽ عظمت وارو آهي.**

پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ "سورة بقرة" پڙهي، پوءِ رڪوع ڪيائون ۽ سندن رڪوع بہ قيام يا بيهڻ جيترو هو. پاڻ رڪوع ۾ "سبحان ربي العظيم" تي پڙهيائون يعني منهنجو پالڻهار پاڪ عظمت وارو آهي. پوءِ پاڻ متو مبارڪ مٿي ڪنيائون ۽ سندن سڌو ٿي بيهڻ رڪوع جيترو هو ۽ اتي "لربي الحمد" تي پڙهيائون يعني منهنجي پالڻهار لاءِ حمد ثنا آهي. پوءِ سجدو ڪيائون. سندن سجدو بہ بيهڻ جيترو ڊگهو هو. سجدي ۾ "سبحان ربي الاعليٰ" تي پڙهيائون. يعني منهنجو پالڻهار پاڪ تمام وڏو آهي. پوءِ متو مبارڪ مٿي ڪنيائون ۽ ٻنهي سجدن جي وچ ۾ سجدن جي مناسب وينا ۽ "رب اغفرلي" تي پڙهيائون يعني منهنجا پالڻهار مون کي بخش. (انهن چئن رڪعتن ۾) سورة بقرة، آل عمران، نساءِ ۽ مائدة يا انعام سورة پڙهيائون.

حضرت شعبہ (راوي) کي شڪ آهي، تہ سورة مائدة هئي يا سورت انعام.

(٢٦٢) حضرت عائشہ رضي الله عنها کان روايت آهي، تہ رسول الله ﷺ رات جو (ڪڏهن ڪڏهن تهجد نماز ۾) قرآن شريف جي هڪ آيت وري وري پڙهندا هئا.

(٢٦٣) حضرت عبدالله (پٽ مسعود) رضي الله عنه کان روايت آهي، تہ مون هڪ رات رسول الله ﷺ سان گڏ نماز پڙهي. پاڻ سڳورا ﷺ يڪو

.. .. .. .. .. .. .. .. .. .. .. .. .. .. .. .. .. .. .. .. ..



www.maktabah.org

نماز ۾ بينا رهيا، تانجو مون هڪ نامناسب ارادو ڪيو. ان ڪان پڇيو ويو تہ ڪهڙو نامناسب ارادو هو؟ چيائين تہ پاڻ سڳورن ﷺ ڪي اڪيلو ڇڏي ۽ پاڻ ويهي رهڻ جو ارادو ڪيم.

(٢٦٤) حضرت عائشة رضي الله عنها ڪان روايت آهي تہ، نبي پاڪ ﷺ ڪڏهن نماز ويهي پڙهندا هئا. پوءِ قرأت بہ ويني ئي پڙهندا هئا. پوءِ جڏهن ٿورڙي قرأت ٽيهن چاليهن آيتن جي قدر رهندي هئي، تہ پوءِ اٿي باقي قرأت بيهي پوري ڪري، رڪوع ۽ سجدو ڪندا هئا ۽ ٻي رڪعت ۾ بہ ائين ڪندا هئا.

(٢٦٥) حضرت عبدالله پٽ شقيق رضي الله عنه ڪان روايت آهي، تہ مون حضرت عائشة رضي الله عنها ڪان رسول الله ﷺ جي نفلي نماز جي باري ۾ پڇيو. بيبي سڳوريءَ ٻڌايو تہ پاڻ سڳورا ﷺ گهڻي رات بيهي نماز پڙهندا هئا ۽ گهڻي رات ويهي. پوءِ جڏهن بيهي قرأت ڪندا هئا تہ، بيهڻ واري حالت ۾ ئي رڪوع ۽ سجدو ڪندا هئا ۽ جڏهن ويهي نماز پڙهندا هئا تہ، ويهڻ واري حالت ۾ رڪوع ۽ سجدو ڪندا هئا.

(٢٦٦) حضرت حفصه رضي الله عنها، نبي پاڪ ﷺ جي پاڪ گهر واريءَ ڪان روايت آهي تہ، رسول الله ﷺ نفل نماز ويهي پڙهندا هئا ۽ (ان نفل نماز ۾ قرآن جي) سورت ٺاهي ٺاهي پڙهندا هئا، جو اها قرآن جي وڏين ڪان وڏي سورت ٿي پوندي هئي.

(٢٦٧) حضرت عائشه رضي الله عنها ڪان روايت آهي تہ، نبي پاڪ ﷺ آخر عمر ۾ نفلي نماز گهڻو ڪري ويهي پڙهندا هئا.

(٢٦٨) حضرت ابن عمر رضي الله عنه ڪان روايت آهي تہ، مون پاڻ سڳورن ﷺ جي گهر ۾ رسول الله ﷺ سان گڏ ٻہ رڪعتون نماز ٻپهري جي فرض ڪان اڳ ۾ ۽ ٻہ رڪعتون بعد ۾ پڙهيون. سانجهي ڪان پوءِ ٻہ رڪعتون ۽ سومهڻي ڪان پوءِ ٻہ رڪعتون پڙهيون.

(٢٦٩) حضرت حفصه رضي الله عنها ڪان روايت آهي تہ، رسول الله ﷺ جن پرهہ ڦٽڻ ڪان پوءِ جڏهن بانگو بانگ چوندو هو، تہ (فجر جي سنت) ٻہ رڪعتون پڙهندا هئا.

حضرت ايوب راوي چيو تہ، منهنجي خيال ۾ حضرت نافع اهي بہ


www.maktabah.org

هلڪيون رڪعتون چيون.

(۲۷۰) حضرت ابن عمر رضي الله عنه کان روايت آهي ته مون کي رسول الله ﷺ جي نماز ياد آهي، ته پاڻ سڳورا اٺ رڪعتون پڙهندا هئا. ٻه رڪعتون ٻپهري جي فرض کان اڳ ۾ ۽ ٻه رڪعتون بعد ۾. ٻه رڪعتون سانجهي کان پوءِ ۽ ٻه رڪعتون سومهڻي کان پوءِ.

حضرت ابن عمر رضي الله عنه چيو ته، مون کي (منهنجي ڀيڻ) حضرت حفصه رضي الله عنها صبح جي ٻن رڪعتن جي به روايت ڪئي، پر مون اهي ٻه رڪعتون حضور ﷺ جن کي پڙهندي ڪونه ڏٺيون.

(۲۷۱) حضرت عبدالله پٽ شقيق رضي الله عنه کان روايت آهي، ته مون حضرت عائشه رضي الله عنها کان نبي پاڪ ﷺ جي نماز جي باري ۾ پڇيو. بي بي سڳوري ٻڌايو ته پاڻ سڳورا ﷺ ٻپهري کان اڳ ۾ ٻه رڪعتون، بعد ۾ ٻه رڪعتون. سانجهي کان پوءِ ٻه رڪعتون ۽ سومهڻي کان پوءِ ٻه رڪعتون پڙهندا هئا ۽ فجر کان اڳ ۾ ٻه رڪعتون پڙهندا هئا.

(۲۷۲) حضرت عاصم پٽ ضمرة رضي الله عنه کان روايت آهي ته، اسان حضرت علي رضي الله عنه کان رسول الله ﷺ جن جي ڏينهن جي نماز بابت پڇيوسون.

راوي چوي ٿو ، ان چيو ته اوهان ان جي طاقت نه رکندؤ يا ائين ڪري نه سگهندؤ.

(عاصم چيو ته) اسان چيو ته اسان مان جنهن کي طاقت هوندي، سو (اهڙي نبويءَ نماز) پڙهندو.

حضرت علي رضي الله عنه چيو ته جڏهن سج ايترو مٿي چڙهي اچي، جيترو ٽپهريءَ ڏانهن هوندو آهي، ته ٻه رڪعتون پڙهندا هئا. جڏهن سج ان کان مٿيرو چڙهندو هو، جيئن ٻپهري جو هوندو آهي، ته ان وقت چار رڪعتون پڙهندا هئا ۽ ٻه رڪعتون ان کان پوءِ. ٽپهريءَ کان اڳ ۾ چار رڪعتون پڙهندا هئا ۽ هر ٻن رڪعتن جي وچ ۾ مقرب ملائڪن ۽ نبين سڳورن ۽ انهن جي تابعدار مؤمنن ۽ مسلمانن تي سلام پڙهي جدائي يا سنڌو ڪندا هئا.


www.maktabah.org

باب ايڪيتاليهون

# صلوٰة الضحيٰ، منجهند (چاشت) واري نماز جو بيان

**(سج ايري مٿيري ٿيڻ کان ڏينهن لڙڻ تائين واري وقت ۾ نماز پڙهڻ)**

(٢٧٣) حضرت يزيد رشڪ سڳوري ڪان روايت آهي، ته مون حضرت معاذ رضي الله عنه کان ٻڌو ۽ ان حضرت عائشة رضي الله عنها کان پڇيو، ته نبي پاڪ ﷺ جن چاشت نماز پڙهندا هئا؟ بيبي سڳوري فرمايو ته هائو، چار رڪعتون پڙهندا هئا. ۽ ان کان زياده جيڪي الله گهريو ته پڙهندا هئا.

(٢٧٤) حضرت انس پٽ مالڪ رضي الله عنه کان روايت آهي، ته نبي پاڪ ﷺ جن چاشت جي وقت ڇهه رڪعتون پڙهندا هئا.

(٢٧٥) حضرت عبدالرحمان پٽ ابن ابي ليليٰ رضي الله عنه کان روايت آهي ته مون کي حضرت ام هاني رضي الله عنها کان سواءِ ڪنهن نه ٻڌايو آهي، ان رسول الله ﷺ کي چاشت نماز پڙهندي ڏٺو آهي. بي بي سڳوريءَ بيان ڪيو ته، رسول الله ﷺ جن فتح مڪي جي ڏينهن منهنجي گهر آيا. غسل ڪيائون ۽ اٺ رڪعتون تمام مختصر نماز پڙهيائون. مون ڪڏهن به پاڻ سڳورن ﷺ کي اهڙي هلڪي نماز پڙهندي نه ڏٺو، پر رڪوع ۽ سجدو پورو ادا ٿي ڪيائون.

(٢٧٦) حضرت عبدالله پٽ شقيق رضي الله عنه کان روايت آهي، ته مون حضرت عائشة رضي الله عنها کان پڇيو، ته نبي پاڪ ﷺ چاشت نماز پڙهندا هئا؟ بيبي سڳوريءَ چيو ته (هميشه) نه، پر جڏهن سفر تان ايندا هئا، ته پڙهندا هئا.

(٢٧٧) حضرت ابو سعيد خدري رضي الله عنه کان روايت آهي ته، نبي پاڪ ﷺ جن ڪڏهن چاشت نماز لاڳيتو پيا پڙهندا هئا، جو اسان چوندا


www.maktabah.org

هئاسون، تہ ان کي نہ ڇڏيندا. ڪڏهن ان کي ڇڏي ڏيندا هئا، تہ اسان ڀائيندا هئاسون، تہ هاڻي شايد ان کي نہ پڙهندا.

(٢٧٨) حضرت ابو ايوب انصاري رضي الله عنه کان روايت آهي تہ نبي پاڪ ﷺ هميشہ سج لڙڻ وقت چار رڪعتون پڙهندا هئا. مون عرض ڪيو تہ يارسول الله ! ﷺ اوهان هميشہ سج لڙڻ مهل چار رڪعتون نماز پڙهندا آهيو (ان جو ڪهڙو سبب آهي؟)

پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو: سج لڙڻ وقت آسمان جا دروازا کلن ٿا (يعني قبوليت جو وقت آهي) تيستين دروازا بند نہ ٿا ٿين، جيستين ٻپهري نماز پڙهجي. ان ڪري آئون چاهيان ٿو تہ، ان وقت منهنجي وڏي نيڪي مٿي چڙهي وڃي يعني ڌڻيءَ جي حضور ۾ وڃي پهچي.

مون عرض ڪيو تہ، هر رڪعت ۾ قرأت آهي؟ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو: هاؤ. وري عرض ڪيم تہ، ٻن ٻن رڪعتن تي سلام سان مفاصلو آهي؟ فرمايائون تہ نہ.

(٢٧٩) حضرت عبدالله پٽ سائب رضي الله عنه کان روايت آهي تہ، رسول الله ﷺ ٻپهريءَ کان اڳ ۾، سج لڙڻ کان پوءِ چار رڪعتون نماز پڙهندا هئا ۽ فرمايائون تہ انهيءَ ساعت آسمان جا دروازا کلن ٿا. پوءِ منهنجي دل گهري ٿي، تہ منهنجو ڪو نيڪ عمل ان ساعت ۾ منهنجي لاءِ چڙهي، ڌڻيءَ جي دربار ۾ وڃي پهچي.

(٢٨٠) حضرت علي رضي الله عنه کان روايت آهي، تہ هو پاڻ چار رڪعتون ٻپهريءَ کان اڳ پڙهندو هو ۽ ٻڌايائين تہ نبي پاڪ ﷺ زوال جي وقت اها نماز پڙهندا هئا ۽ ان نماز کي گهڻو ڊگهو ڪندا هئا.


www.maktabah.org

باب ٻائيتاليهون

# (رسول الله ﷺ جي) گهر ۾ نفل پڙهڻ جو بيان

(٢٨١) حضرت عبدالله پٽ سعد رضي الله عنه کان روايت آهي، ته مون رسول الله ﷺ کان (پنهنجي باري ۾) گهر ۽ مسجد ۾ نماز پڙهڻ بابت پڇيو (يعني گهر ۾ نماز پڙهڻ بهتر آهي يا مسجد ۾؟)
پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو: ڏسين ٿو ته منهنجو گهر مسجد کي ڪيترو نه ويجهو آهي. تڏهن به فرضي نماز کان سواءِ ٻي نفل نماز مون کي پنهنجي گهر ۾ پڙهڻ مسجد کان وڌيڪ پسند آهي. (يعني فرض نماز مسجد ۾ پڙهڻ بهتر ضروري آهي، باقي نفل نماز ڀلي گهر ۾ پڙهجي.)


www.maktabah.org

باب ٽيتاليهون

# رسول الله ﷺ جي روزن رکڻ جو بيان

(٢٨٢) حضرت عبدالله پٽ شقيق رضي الله عنه کان روايت آهي، ته مون حضرت عائشته رضي الله عنها کان رسول الله ﷺ جي نفلي روزن رکڻ بابت پڇيو؟ بي بي سڳوريءَ چيو ته پاڻ سڳورا ﷺ لڳو لڳ ڪجهه روزا رکندا هئا، جو اسان ڀائيندا هئاسون، ته هاڻي روزا رکندائي رهندا. ۽ وري روزو ڇڏيندا هئا، ته اسان سمجهندا هئاسون، هاڻي روزو نه رکندا.

نبي پاڪ ﷺ مديني شريف ۾ اچڻ کان پوءِ رمضان المبارڪ کان سواءِ ڪڏهن پورو مهينو نفلي روزا نه رکيا.

(٢٨٣) حضرت انس پٽ مالڪ رضي الله عنه کان روايت آهي ته، ان کان نبي پاڪ ﷺ جي روزي رکڻ جي باري ۾ پڇيو ويو؟ حضرت انس سڳوري ٻڌايو ته، حضور ﷺ جن ڪنهن مهيني ۾ ايترو لاڳيتو روزا رکندا هئا، جو سمجهندا هئاسون، ته شايد افطار ئي ڪونه ڪندا ۽ ڪنهن مهيني ۾ افطار ڪندا هئا، ته ڀائيندا هئاسون، ان ۾ روزو رکندا ئي ڪونه. (اي مخاطب!) تون ڪين رات جو نماز پڙهندي ڏسڻ گهرين، ته ان کي نماز پڙهندو ڏسندين ۽ جي ننڊ ۾ ڏسڻ گهرين ته اهو ننڊ ڪندڙ ڏسندين.

(٢٨٤) حضرت ابن عباس رضي الله عنه کان روايت آهي، نبي پاڪ ﷺ روزا لاڳيتا رکندا هئا، ته سمجهندا هئاسون، ته (ان مهيني ۾) افطار جو ارادو ڪونه اٿن ۽ وري جي پاڻ سڳورا ﷺ روزا نه رکندا هئا، ته ڀائيندا هئاسون، ته سندن روزن رکڻ جو ارادو نه آهي. جڏهن کان پاڻ سڳورا مديني منوره ۾ آيا، تڏهن کان وٽي رمضان کان سواءِ ٻيو ڪوبه سارو مهينو روزا ڪونه رکيائون.

(٢٨٥) حضرت ام سلمه رضي الله عنها کان روايت آهي ته، مون نبي پاڪ ﷺ جن کي شعبان ۽ رمضان کان سواءِ ٻه مهينا لڳو لڳ روزا رکندي



www.maktabah.org

ڪونہ ڏنا. يعني شعبان جي مهيني ۾ اڪثر ۽ رمضان جي مهيني ۾ مڪمل روزا رکندا هئا.

(٢٨٦) حضرت عائشة رضي الله عنها کان روايت آهي، تہ مون رسول الله ﷺ کي ڪنهن بي مهيني ۾ شعبان کان وڌيڪ روزا رکندي ڪونہ ڏٺو. ٿورن ڏينهن کان سواءِ سارو شعبان روزا رکندا هئا. بلڪ سڄو مهينو روزو رکندا هئا (مومنن جي ماءُ اڪثر تي سڄي مهيني جو حڪم فرمايو)

(٢٨٧) حضرت عبدالله (پٽ مسعود) رضي الله عنه کان روايت آهي، تہ رسول الله ﷺ جن هر مهيني جي پهرين تاريخ کان ٽي روزا رکندا هئا ۽ جمعي ڏينهن تمام ٿورو روزو ڇڏيندا هئا.

(٢٨٨) حضرت معاذة رضي الله عنها کان روايت آهي، تہ مون حضرت عائشة رضي الله عنها کان پڇيو تہ: نبي پاڪ ﷺ هر مهيني ۾ ٽي ڏينهن روزا رکندا هئا؟ بي بي سڳوريءَ چيو: هائو. وري پڇيم، تہ ڪهڙن ڏينهن ۾ رکندا هئا؟ بي بي سڳوريءَ ٻڌايو، تہ روزي رکڻ ۾ تاريخ مقرر ڪرڻ جو خيال نہ ڪندا هئا (يعني جن ڏينهن ۾ گهرندا هئا، تہ روزو رکندا هئا. ڪي ڏينهن مقرر نہ هئا.)

(٢٨٩) حضرت عائشة رضي الله عنها کان روايت آهي، تہ نبي پاڪ ﷺ سومر ۽ خميس جي روزي جو خيال ڪندا هئا.

(٢٩٠) حضرت عائشة رضي الله عنها کان روايت آهي، تہ رسول الله ﷺ شعبان کان وڌيڪ ڪنهن بي مهيني ۾ روزا نہ رکندا هئا.

(٢٩١) حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي، نبي پاڪ ﷺ فرمايو، تہ سومر ۽ خميس ڏينهن ڌڻي تعاليٰ جي دربار ۾ عمل پيش ٿين ٿا. تنهن ڪري گهران ٿو، تہ روزي جي حالت ۾ منهن جا عمل پيش ڪيا وڃن.

(٢٩٢) حضرت عائشة رضي الله عنها کان روايت آهي، تہ رسول الله ﷺ جن ڪنهن مهيني ڇنڇر، آچر ۽ سومر جو روزو رکندا هئا ۽ ڪنهن مهيني ۾ اڱاري، اربعاءَ ۽ خميس جو روزو رکندا هئا.

(٢٩٣) حضرت عائشة رضي الله عنها کان روايت آهي تہ قريش (اسلام کان اڳ) جاهليت واري زماني ۾ عاشوري (ڏهين محرم) جو روزو رکندا هئا ۽ رسول الله ﷺ بہ ان ڏينهن جو روزو رکندا هئا. پاڻ



www.maktabah.org

سڳورا ﷺ جڏهن مديني منوره ۾ آيا، تہ بہ عاشوري جو روزو رکيائون ۽ ٻين کي بہ روزي رکڻ جو حڪم ڪيائون. پر جڏهن رمضان المبارڪ جا روزا فرض ٿيا، تہ رمضان فرض ٿيو ۽ عاشوري جو روزو ڇڏيو ويو. پوءِ جنهن کي وڻندو هو، تہ عاشوري جو نفلي روزو رکندو هو ۽ جنهن کي وڻندو هو، ڇڏي ڏيندو هو (يعني عاشوري جي فرضيت ختم ٿي وئي.)

(٢٩٤) حضرت علقمہ رضي الله عنه کان روايت آهي، مون حضرت عائشة رضي الله عنها کان پڇيو، تہ رسول الله ﷺ (روزي يا نفلي عبادت لاءِ) ڪو ڏينهن مقرر ڪندا هئا؟

بي بي سڳوريءَ چيو تہ، پاڻ سڳورن ﷺ جو عمل دائمي هوندو هو. توهان ۾ ڪنهن کي اهڙي طاقت آهي، جو حضور ﷺ جن جهڙي دائمي عبادت ڪري سگهو؟

(٢٩٥) حضرت عائشة رضي الله عنها کان روايت آهي، تہ رسول الله ﷺ جن مون وٽ گهر آيا، تہ مون وٽ هڪ عورت ويٺي هئي. پاڻ پڇيائون تہ هيءَ ڪير آهي؟ مون کين ٻڌايو تہ، هيءَ عورت فلاڻي (حولاءِ ڏيءَ تُويت قبيلي، بني اسد جي عبادت گذار) آهي، جا سڄي رات ننڊ نہ ڪندي آهي (يعني سڄي رات عبادت ڪندي آهي.)

رسول الله ﷺ فرمايو: "اوهان ايترا عمل اختيار ڪريو، جيترا ڪري سگهو. الله جو قسم ! الله تعاليٰ ثواب ڏيڻ ۾ تنگ يا ڪڪ نہ ٿيندو آهي. جيستائين اوهان عمل ڪرڻ ۾ تڪجي تنگ نہ ٿيو." رسول الله ﷺ کي اهو عمل وڻندو هو، جنهن تي ماڻهو هميشگي ڪري سگهي.

(٢٩٦) حضرت ابو صالح رضي الله عنه کان روايت آهي، مون حضرت عائشہ ۽ حضرت ام سلمہ رضي الله عنهما کان پڇيو، تہ رسول الله ﷺ کي ڪهڙو عمل وڌيڪ پسند هو؟ انهن ٻنهي سڳورين چيو تہ: اهو عمل جنهن تي هميشگي ڪجي، توڙي ڪٿي ٿورو ئي هجي.

(٢٩٧) حضرت عوف پٽ مالڪ رضي الله عنه کان روايت آهي تہ، آئون هڪ رات رسول الله ﷺ سان گڏ هوس. پاڻ ڏندڻ ڏئي، وضو ڪري، نماز پڙهڻ شروع ڪيائون. آئون بہ ساڻن نماز ۾ گڏجي بيٺس.

پهريان (سورت فاتحہ شروع ڪري پوءِ) سورة البقرة پڙهڻ شروع


www.maktabah.org

ڪيائون. پو جنهن بہ رحمت جي آيت تي آيا ٿي، تہ اتي بيهي رحمت جو سوال ٿي ڪيائون ۽ جنهن بہ عذاب جي آيت تي پهتا ٿي، تہ اتي بيهي عذاب کان پناهہ ٿي گهريائون. پوءِ رڪوع ڪيائون. ان ۾ بيهڻ جيتري دير ڪيائون ۽ رڪوع ۾ هي دعا پڙهيائون:

"سُبْحَانَ ذِي الْجَبَرُوْتِ وَالْمَلَكُوْتِ وَالْكِبْرِيَآءِ وَالْعُظَمَةِ"

مطلب تہ حڪومت بادشاهت، وڏائي ۽ عظمت وارو رب پاڪ آهي.

ان کان پوءِ رڪوع جيترو سجدو ڪيائون ۽ سجدي ۾ بہ ساڳي دعا پڙهيائون پوءِ ٻي رڪعت ۾ سوره آل عمران پڙهيائون (پوءِ ٽين رڪعت ۾ سورت النساءِ ۽ چوٿين رڪعت ۾ سورت المائدة) پوءِ ٻين رڪعتن ۾ ايئن ڪيائون يعني پهرئين رڪعت وانگر رڪوع ۽ سجدا هئا.



www.makaabah.org

باب چوئيتاليهون

# رسول الله ﷺ جي قرأت جو بيان

(٢٩٨) حضرت يعليٰ پٽ مملڪ رضي الله عنه کان روايت آهي، تہ ان رسول الله ﷺ جي قرأت جي باري ۾ حضرت ام سلمه رضي الله عنها کان پڇيو؟

مومنن جي ماءُ چيو تہ، پاڻ سڳورا ﷺ قرآن صاف صاف ۽ جدا جدا حرف حرف ڪري عجيب سهڻي نموني سان پڙهندا هئا.

(٢٩٩) حضرت قتاده رضي الله عنه کان روايت آهي تہ، مون حضرت انس پٽ مالڪ رضي الله عنه کان رسول الله ﷺ جي قرأت جي باري ۾ پڇيو؟ ان چيو تہ، پاڻ سڳورا ﷺ حرفن کي ضرورت وقت ڇڪي يا مد ڏئي پڙهندا هئا.

(٣٠٠) حضرت ام سلمه رضي الله عنها کان روايت آهي، تہ نبي پاڪ ﷺ قرآن مجيد جون آيتون جدا جدا ڪري پڙهندا هئا. پهريان "اَلۡحَمۡدُلِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ" پڙهي چپ ڪندا هئا. پوءِ "اَلرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ" چئي، وري چپ ڪندا هئا ۽ پوءِ "مٰلِكِ يَوۡمِ الدِّيۡنِ" پڙهندا هئا.

(٣٠١) حضرت عبدالله پٽ قيس رضي الله عنه کان روايت آهي تہ، مون حضرت عائشة رضي الله عنها کان پڇيو تہ، نبي پاڪ ﷺ جن قرأت آهستي پڙهندا هئا يا ڏاڍيان؟ مومنن جي ماءُ بيبي (عائشة) رضي الله عنها چيو تہ، هر طرح قرأت ڪندا هئا يعني آهستي بہ پڙهندا هئا ۽ ڏاڍيان بہ.

پوءِ چيم تہ الله جو شڪر ۽ حمد آهي، جنهن دين جو معاملو آسان ڪيو يعني ان ڪم ۾ تنگي نہ ڪئي.

(٣٠٢) حضرت ام هاني رضي الله عنها کان روايت آهي، تہ آئون پنهنجي گهر جي ڇت تي رات جي وقت نبي پاڪ ﷺ جي قرأت ٻڌندي هيس.


www.maktabah.org

(٣٠٣) حضرت عبدالله پٽ مغفل رضي الله عنه کان روايت آهي ته، مون فتح مڪي جي ڏينهن نبي پاڪ ﷺ جن کي سندس ڏاچيءَ تي سوار ڏٺو. پاڻ سڳورا ﷺ (سورة الفتح) پڙهي رهيا هئا:

"اِنَّا فَتَحْنَا لَکَ فَتْحًا مُّبِيْنًا ـ لِّيَغْفِرَ لَکَ اللّٰهُ مَا تَقَدَّمَ مِنْ ذَنْۢبِکَ وَمَا تَاَخَّرَ" (پارو ٢٦، سورة الفتح، آيت ١، ٢)

**ترجمو: بيشڪ اسان توهان لاءِ (اي نبي!) روشن فتح فرمائي. توهان جي سببان الله تعاليٰ توهان جي امت جا اڳيان ۽ پويان گناهه بخشي.**

پاڻ سڳورا ﷺ هي سڄي سورت سهڻي آواز ۾ پڙهي رهيا هئا. راوي ٿو چوي، منهنجي استاد معاويته پٽ قرة سڳوري چيو ته، جي مون کي ماڻهن جي گڏجي انبوهه ٿيڻ جو خوف نه ٿئي ها، ته توهان کي انهي سُر يا لهجي ۾ به پڙهي ٻڌايان ها.

(٣٠٤) حضرت قتاده رضي الله عنه چيو ته، الله تعاليٰ هر نبيءَ کي سهڻو خوبصورت ۽ سني آواز وارو ڪري موڪليو ۽ توهان جو نبي ﷺ به سهڻو ۽ سني آواز وارو هو. پاڻ قرأت ۾ هميشه خوش الحاني نه ڪندا هئا. (يعني خوش الحاني سان پڙهڻ سندن عادت مبارڪ ڪانه هئي، پر ڪڏهن ڪڏهن پاڻ ائين پڙهندا هئا.)

(٣٠٥) حضرت ابن عباس رضي الله عنه کان روايت آهي، ته نبي پاڪ ﷺ جي قرات (ڪڏهن ايتري بلند هوندي هئي) جو پاڻ اندر ڪمري ۾ پڙهندا هئا، ته ٻاهر ٿلهي تي گهر وارا به ٻڌندا هئا.


www.maktabah.org

باب پنجيتاليهون

# رسول الله ﷺ جي گريي يا روئڻ جو بيان

(٣٠٦) حضرت مطرف پنهنجي پيءُ عبدالله پٽ شخير رضي الله عنه کان روايت ڪري، تہ آئون رسول الله ﷺ جن وٽ آيس. ان وقت پاڻ سڳورن ﷺ نماز پي پڙهي. سندن سيني مبارڪ مان ديڳڙيءَ جي ٽهڪڻ وانگر جوشيلي روئڻ جو آواز پي آيو.

(٣٠٧) حضرت عبدالله پٽ مسعود رضي الله عنه کان روايت آهي، تہ مون کي رسول الله ﷺ فرمايو تہ: مون کي قرآن شريف پڙهي ٻڌاءِ. مون عرض ڪيو. يارسول الله ! ﷺ آئون توهان کي پڙهي ٻڌايان، جو قرآن تہ اوهان تي ئي لٿو آهي. پاڻ فرمايائون، تہ مون کي وڻندو آهي، جو ٻيو ڪو قرآن پڙهي ۽ آئون ٻڌان.

پوءِ سورة النساءِ پڙهڻ شروع ڪيم. نيٺ اچي هن آيت تي پهتس:

"وَجِئْنَا بِکَ عَلٰي هٰٓؤُلَآءِ شَهِيْدًا"

(پارو ۵، سورة النساءِ، آيت ٤١)

**ترجمو: توهان کي هن امت تي شاهد ڪري آڻينداسون.**

راوي چيو، پوءِ ڏٺم تہ سندن اکيون مبارڪ ڳوڙها وهائي رهيون آهن.

(٣٠٨) حضرت عبدالله پٽ عمر رضي الله عنه کان روايت آهي، تہ رسول الله ﷺ جي زماني ۾ هڪ ڏينهن سج گرهڻ ٿيو. پوءِ رسول الله ﷺ اٿي نماز پڙهڻ لڳا. نماز ۾ ايترو بيٺا، جو ڄڻ تہ رڪوع ڪونہ ڪندا. پوءِ پاڻ رڪوع ڪيائون ۽ ايترو ڊگهو رڪوع ڪيائون، جو ڄڻ تہ رڪوع مان متو مٿي نہ ڪندا. پوءِ ڊگهو قومہ ڪيائون. پوءِ سجدو ڪيائون. سجدي ۾ گهڻي دير تائين ترسيا. ٻنهي سجدن جي وچ ۾ بہ ڊگهو جلسو ڪري، پاڻ ٻيو سجدو ڪيو ۽ تمام ڊگهو سجدو ڪيائون، ڄڻ تہ سجدي مان سر



www.maktabah.org

مبارڪ نہ ڪٽندا ۽ سجدي جي حالت ۾ ڏاڍا ساھ ڪڍڻ ۽ روئڻ لڳا ۽ دعا ۾ چوڻ لڳا تہ: "اي منهنجا پالڻهار! ڇا تو مون سان واعدو نہ ڪيو هو، تہ جيستائين آئون انهن ۾ هوندس، تون انهن کي عذاب نہ ڪندين. اي منهنجا پالڻهار ! ڇا تنهنجو واعدو نہ آهي تہ، هي معافي ۽ بخشش گهرندا رهندا، تون انهن کي عذاب نہ ڪندين. (اي الله!) اسان توڪان بخشش جا طلبگار آهيون."

جڏهن پاڻ سڳورن ﷺ ٻہ رڪعتون نماز جون ادا ڪيون، تہ سج بہ کلي روشن ٿيو. پوءِ پاڻ بيهي الله تعاليٰ جو حمد ۽ ثنا بيان ڪيائون ۽ فرمايائون تہ: "بيشڪ سج ۽ چنڊ الله تعاليٰ جي نشانين مان قدرت جون ٻہ نشانيون آهن. انهن کي ڪنهن جي موت يا زندگيءَ جي ڪري گرهڻ نہ لڳندو آهي. جڏهن سج ۽ چنڊ کي گرهڻ لڳي، تہ الله تعاليٰ جي ذڪر ڏي پناھ وٺو."

(۳۰۹) حضرت ابن عباس رضي الله عنه کان روايت آهي، تہ رسول الله ﷺ جن پنهنجي هڪ نياڻيءَ کي وفات ڪرڻ مهل پنهنجي هنج ۾ کنيو. ان کانپوءِ اها سندن اڳيان وفات ڪري وئي. (ان تي نبي سائين جي ٻانهيءَ) حضرت ام ايمن رضي الله عنها (صدمي جي ڪري) دانهن ڪئي. پوءِ نبي پاڪ ﷺ فرمايو: ڇا تون الله جي رسول آڏو روئين ٿي؟ ام ايمن رضي الله عنها عرض ڪيو تہ، يارسول الله! ﷺ ڇا اوهان ڪونہ روئي رهيا آهيو؟ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو: "آئون روئان ڪونہ ٿو، پر (رڳو ڳوڙها ڳاڙڻ) تہ رحمت آهن، ڇوتہ مؤمن تہ هر حال ۾ نيڪي ۽ ڀلائي ۾ آهي، جو بيشڪ ان جو ساھ ٻن پاسن جي وچان ڪڍيو ويندو آهي، تہ ان حالت ۾ بہ الله تعاليٰ جو حمد ۽ ساراھ پيو ڪندو آهي."

(۳۱۰) حضرت عائشة رضي الله عنها کان روايت آهي، تہ جڏهن عثمان پٽ مظعون رضي الله عنه وفات ڪري ويو، تہ رسول الله ﷺ ان (کي پيشاني تي) چمي ڏني. ان وقت پاڻ سڳورا ﷺ رنا پيا يا راوي چيو تہ، سندن اکين مان ڳوڙها وهيا.

(۳۱۱) حضرت انس پٽ مالڪ رضي الله عنه کان روايت آهي، تہ اسان رسول الله ﷺ جي هڪ نياڻيءَ (ام ڪلثوم رضي الله عنها) جي جنازي تي


www.maktabah.org

حاضر ٿياسون، تہ رسول الله ﷺ جن قبر تي ويٺا هئا. مون ڏٺو تہ سندن اکين مان ڳوڙها ٿمي رهيا هئا. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو، تہ اوهان ۾ ڪو اهڙو ماڻهو آهي، جنهن اڄ رات پنهنجي گهر واريءَ سان صحبت نہ ڪئي هجي. ابو طلحہ رضي الله عنه چيو تہ، آئون آهيان. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ، تون هيٺ قبر ۾ لهہ. پوءِ ابو طلحہ رضي الله عنه ان جي قبر ۾ ميت دفن ڪرڻ لاءِ لٿو. (۽ ان کي قبر ۾ دفن ڪيائين.)



www.maktabah.org

باب ڇائيتاليهون

# رسول الله ﷺ جي هنڌ يا بستري جو بيان

(٣١٢) حضرت عائشة رضي الله عنها کان روايت آهي ته، رسول الله ﷺ جو هنڌ جنهن تي سمهندا هئا، اهو چمڙي جو هو ۽ ان ۾ ڪجيءَ جا پن پريل هئا.

(٣١٣) حضرت جعفر پٽ محمد پنهنجي پيءُ (امام محمد باقر رحمة الله عليه) کان روايت ٿو ڪري، اهو چوي ٿو ته حضرت عائشة رضي الله عنها کان پڇيو ويو ته، تنهنجي گهر ۾ رسول الله ﷺ جو هنڌ ڪهڙو هو؟ بيبي سڳوري چيو ته، اهو هنڌ چمڙي جو هو، ان ۾ ڪجيءَ جو ڪاٻر پريل هو.

حضرت حفصة رضي الله عنها کان به پاڻ سڳورن جي بستري بابت پڇيو ويو ته، رسول الله ﷺ جو بسترو تنهنجي گهر ۾ ڇا جو هو؟ ان بيبي سڳوريءَ چيو ته، (اهو هنڌ) ڪتو هو، جو ٻيڻو ڪري وڇائيندا هئاسون، پوءِ پاڻ سڳورا ان تي آرام ڪندا هئا.

هڪ رات دل ۾ آيو ته، هن ڪتي کي چئوڻو ڪيان ته نرم ٿئي. پوءِ ان کي چوڻو ڪيم.

صبح جي وقت پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو: اڄ رات (تو) مون لاءِ ڪهڙو هنڌ وڇايو هو؟

بيبي سڳوريءَ چيو، عرض ڪيوسون ته اوهان جو هنڌ هو، مگر اسان ان کي چوڻو ڪيو هو ته، اوهان لاءِ نرم ٿئي. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو ته، ان کي اڳئين حالت تي (ٻيڻو ئي) رکو، جو ان جي نرمائي، مون کي اڄ رات جي نماز (تهجد) کان روڪيو آهي.


www.maktabah.org

باب ستيتاليهون

# رسول الله ﷺ جي نوڙت نهٺائي، انڪساري جو بيان

(٣١٤) حضرت عمر پٽ خطاب رضي الله عنه کان روايت آهي ته، رسول الله ﷺ فرمايو: مون کي حد کان وڌيڪ اهڙي طرح نه وڌايو، جيئن عيسائين حضرت عيسيٰ پٽ مريم عليهما السلام کي حد کان وڌايو (يعني عيسيٰ کي الله جو پٽ سڏيو). بيشڪ آئون الله جو ٻانهو آهيان. ان ڪري مون کي الله جو ٻانهو ۽ ان جو رسول چئو.

(٣١٥) حضرت انس پٽ مالڪ رضي الله عنه کان روايت آهي، ته هڪ عورت نبي پاڪ ﷺ جن وٽ آئي ۽ چيائين ته منهنجو توهان ۾ ڪم آهي. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو ته، مديني جي جنهن به گهٽيءَ ۾ گهرين، هلي ويهه ته آئون به تو وٽ اچي ويهان ٿو. (يعني جتي گهرين مون کي پنهنجي ضرورت ٻڌاءِ.)

(٣١٦) حضرت انس پٽ مالڪ رضي الله عنه کان روايت آهي، ته رسول الله ﷺ جن بيمار کان پڇندا هئا. جنازي ۾ شريڪ ٿيندا هئا. گڏهه جي سواريءَ ڪندا هئا ۽ غلام يا ٻانهي جي دعوت به قبول ڪندا هئا. پاڻ سڳورا ﷺ بنو قريظه جي لڙائي واري ڏينهن گڏهه تي چڙهيل هئا. ان جي واڳ ڪاٻار جي ۽ ٻنيءَ ۾ ڪجيءَ جا پن پيل هئا.

(٣١٧) حضرت انس پٽ مالڪ رضي الله عنه کان روايت آهي، ته رسول الله ﷺ کي جَون جي ماني ۽ تمام پراڻي رکيل گيهه جي دعوت ڏني ويندي هئي، ته به قبول ڪندا هئا.

پاڻ سڳورن ﷺ جي زره هڪ يهوديءَ وٽ گروي رکيل هئي. وٽن ايترو (پيسو بچت) نه هو، جو اها زره ڇڏائي سگهن. نيٺ وصال ڪري



www.maktabah.org

ويا. (هي سندن مسڪيني اختياري هئي. پاڻ گهرن ها، ته سندن لاءِ جبل به سون ۽ چانديءَ جا ٿي پون ها!)

(٣١٨) حضرت انس پٽ مالڪ رضي الله عنه کان روايت آهي، ته رسول الله ﷺ جن پراڻي پاڪڙي تي حج ڪيو. ان تي اهڙو ڪٿو پيل هو، جو چئن درهمن جو به نه هو. پوءِ پاڻ دعا گهريائون ته: "اي الله ! هن حج کي اهڙو (قبول) ڪر، جنهن ۾ ڏيکاءُ ۽ شُهرت نه هجي!"

(٣١٩) حضرت انس پٽ مالڪ رضي الله عنه کان روايت آهي ته، اصحابن سڳورن وٽ رسول الله ﷺ کان وڌيڪ ڪو به شخص محبوب ۽ پيارو نه هو. (حضرت انس سڳوروَ چوي ٿو ته پوءِ به) جڏهن اصحاب سڳورا نبي سائين کي ڏسندا هئا، ته نه اٿندا هئا. ڇاڪاڻ ته انهن کي خبر هئي، ته پاڻ نبي سڳورا ان ڳالهه کي پسند نه ڪندا آهن.

(٣٢٠) حضرت حسن پٽ علي رضي الله عنه کان روايت آهي، ته مون پنهنجي مامي هند پٽ ابي هاله رضي الله عنه کان نبي سائين جن جي سهڻي صورت ۽ سيرت جي باري ۾ پڇيو؟ ڇاڪاڻ ته هند پٽ ابي هاله سڳورو حضور ﷺ جن جي حليي مبارڪ مان گهڻو واقف هو. ان ڪري مون گهريو ٿي، ته اهو مون کي نبي سائين جي باري ۾ ڪجهه ٻڌائي.

هند پٽ ابي هاله سڳوري ٻڌايو ته، رسول الله ﷺ جن ذات ۽ صفات ۾ شان ۽ عزت وارا هئا. سندن منهن مبارڪ چوڏهين جي چنڊ وانگر چمڪندو هو. پوءِ ان سڄي حديث ٻڌائي.

حضرت امام حسن رضي الله عنه چيو ته، ڪجھ وقت تائين حضرت امام حسين رضي الله عنه کان لڪائڻ بعد (هڪ دفعي) مون ان کي هيءَ حديث ٻڌائي. مون کي خبر پئي ته پاڻ (امام حسين) اڳ ۾ ئي (پنهنجي مامي هند) کان حضور ﷺ جن جو حليو پڇي چڪو هو. جو ڪجهه مون کي معلوم ٿيو، ان کان هو به آگاهه ٿي چڪو هو.

مون کي اها به خبر پئي ته، ان (منهنجي ڀاءُ امام حسين) پنهنجي والد سڳوري (حضرت علي المرتضيٰ رضي الله عنه) کان به نبي پاڪ ﷺ جن جي گهر رهڻ ۽ ٻاهر نڪرڻ ۽ مجلس جي طور طريقن بابت به پڇيو آهي ۽ ڪا به ڳالهه نه ڇڏي آهي.



www.maktabah.org

حضرت امام حسين رضي الله عنه چيو تہ مون پنهنجي والد سڳوري کان رسول الله ﷺ جن جو گهر اچڻ جي باري ۾ پڇيو، تہ ان چيو: جڏهن نبي پاڪ ﷺ جن گهر ويندا هئا، تہ گهر رهڻ واري وقت کي ٽن حصن ۾ ورهائيندا هئا. هڪ حصو الله تعاليٰ جي عبادت لاءِ. ٻيو حصو پنهنجي گهر وارن جي حقن ۽ ڪم ڪارين جي ادائگي جي لاءِ ۽ ٽيون حصو پنهنجي وجود لاءِ هوندو هو.

پوءِ پنهنجي وقت جي حصي کي پاڻ ۽ ماڻهن جي وچ ۾ فائدي لاءِ ورهائيندا هئا. پوءِ پنهنجو فيض ۽ برڪت خاص اصحابن سڳورن جي ذريعي عام ماڻهن تائين پهچائيندا هئا ۽ ڪابہ شيءِ اصحابن کان نہ جهليندا هئا. امت جي حصي يا وقت ۾ سندن عادت مبارڪ هئي، تہ علم ۽ عمل وارن کي اندر اچڻ جي اجازت ۽ ورهاست ۾ سندن ديني فضيلت ۽ لياقت آهر اختيار ۽ عزت ڏيندا هئا. انهن مان ڪنهن جي هڪ ضرورت، ڪنهن جون ٻہ ضرورتون ۽ ڪنهن جون گهڻيون ضرورتون هونديون هيون.

پاڻ سڳورا ﷺ انهن جي ضرورتن ۾ مشغول رهندا هئا. پوءِ انهن کي پنهنجي لاءِ ۽ باقي امت جي اصلاح بابت ڪمن ڪارين بابت مشغول رکندا هئا.

پاڻ سڳورا ﷺ فرمائيندا هئا تہ، اوهان مان جي حاضر آهن، سي غير موجود يا غائب کي (ٻڌل ديني ڳالهيون) پهچائين ۽ جي شرعي ضرورتون مون وٽ پهچائي نہ ٿا سگهن، سي مون تائين پهچائي بيان ڪندا ڪريو. ڇوتہ جيڪو ماڻهو ڪنهن حاڪم وٽ پهچ وارو آهي، سو ڪنهن اڻ پهچ واري مسڪين جو احتياج پهچائيندو، تہ الله تعاليٰ قيامت جي ڏينهن ان جا قدم (پل صراط تي) ثابت رکندو ۽ وٽن اهڙن ڪمن کان سواءِ ذڪر نہ ٿيندو هو ۽ نہ وري ان جي برخلاف پاڻ سڳورا ڪو ڪم قبول ڪندا هئا.

پاڻ سڳورن ﷺ وٽ ماڻهو (علم دين ۽ ڀلائي جو) شوق ۽ طلب کڻي ايندا هئا ۽ جنهن مهل واپس موٽندا هئا، تہ (علم دين ۽ ڀلائي سان گڏ) ڪاڏو بہ کائي پي ويندا هئا. مطلب تہ خير ۽ ڀلائي جا رهبر ٿي موٽندا هئا.

حضرت امام حسين رضي الله عنه چيو تہ، مون پنهنجي والد سڳوري کان نبي پاڪ ﷺ جن جي ٻاهر نڪرڻ جي باري ۾ پڇيو، تہ ان چيو: نبي


www.makhzan.org

پاڪ ﷺ بي فائدي ڳالهين کان زبان بند رکندا هئا ۽ رڳو ديني ڳالهيون بيان فرمائيندا هئا.

اصحابن کي پاڻ ۾ محبت سيکاريندا هئا ۽ جدا ٿيڻ نہ ڏيندا هئا. پاڻ هر قوم جي معزز ماڻهن جي عزت ڪندا هئا ۽ ڪين انهن تي حاڪم مقرر ڪندا هئا. ماڻهن کي خدا جي عذاب کان ڊيڄاريندا ۽ ان کان پنهنجي حفاظت ڪندا هئا. پر ان جي باوجود هر هڪ سان ڪلمڪ ۽ سهڻي اخلاق سان پيش ايندا هئا. پنهنجن اصحابن جي سار سنڀال ۽ خبر چار لهندا هئا ۽ ماڻهن کان جنهن حال ۾ هوندا هئا، پڇا ڪندا هئا.

پاڻ چڱي کي چڱو سمجهندا ۽ ان جي مدد ڪندا هئا ۽ خراب کي خراب سمجهي، ان کي ٻنڌيدا ۽ گهٽ ڪندا هئا. پاڻ هميشه هر ڪم ۾ وچٿرا هلندا هئا ۽ اصحابن سڳورن کان بي خبر نہ رهندا هئا، تہ ڪٿي اهي غافل يا سست نہ ٿي وڃن.

پاڻ سڳورن ﷺ وٽ هر حالت ۾ سامان پورو تيار هوندو هو. حق ۾ ڪوتاهي نہ ڪندا هئا ۽ حد کان ٻاهر نہ ويندا هئا. ماڻهن مان سندن سنگت ساڻ وارا پيارا فرد هئا. وٽن پيارا اهي ماڻهو هئا، جن جي خير خواهي عام هجي ۽ اهو وٽن مانُ وارو هوندو هو، جنهن جي غمخواريءَ ۽ ٻين سان مددگاريءَ سٺي هجي.

حضرت امام حسين رضي الله عنه چيو تہ، مون پنهنجي والد سڳوري کان نبي پاڪ ﷺ جن جي باري ۾ مجلس ۾ اٿڻ ويهڻ بابت پڇيو؟ پوءِ ان چيو تہ، نبي پاڪ ﷺ اٿئي ويٺي الله تعاليٰ جو ذڪر ڪندا هئا. پاڻ ڪنهن بہ ڪچهري ۾ ويندا هئا، تہ جتي جاءِ هوندي هئي، اتي ويهندا هئا ۽ ٻين کي بہ ائين ڪرڻ جو چوندا هئا. پنهنجي هر مجلس واري کي ان جو حصو ۽ حق ڏيندا هئا يعني سيني کي هڪجهڙو پائيندا هئا. سندن گڏ ويهندڙ سمجهندو هو، تہ مون کان وڌيڪ کو ان کي پيارو ڪونهي.

جڏهن کو ماڻهو وٽن اچي ويهندو يا پنهنجي ضرورت جي ڳالهہ ڪندو هو، تہ انهيءَ سان تيستين صبر ڪري ويهندا هئا، جيسين اهو پاڻ وڃڻ جي نہ ڪري. وٽن کو ڪم ڪٺي ايندو هو تہ، پورو ڪندا هئا يا نرميءَ سان جواب ڏيندا هئا. سندن شفقت ۽ خُلق ماڻهن تي عام هو. جڻ

پاڻ همدردي ۽ شفقت ۾ ماڻهن لاءِ پيءُ برابر هئا. سڀني ماڻهن جا حق وٽن برابر هڪ جهڙا هئا. پاڻ سڳورن جي ڪچهري ۽ مجلس بُـردباري، حيا، صبر ۽ امانت واري مجلس هوندي هئي. ان مجلس ۾ وڏو آواز نہ هوندو هو ۽ نہ وري ڪنهن جي عزت تي عيب يا تهمت لڳندي هئي، ڪنهن جون غلطيون ظاهر نہ ڪيون وينديون هيون. مجلس وار پاڻ ۾ موافق ۽ برابر هوندا هئا. يعني هڪ ٻئي تي فخر وڏائي نہ ڪندا هئا. اتي پرهيزگاريءَ ۾ هڪ ٻئي کان فضيلت رکندا هئا. مجلس وارا سڀئي نياز نوڙت وارا ۽ وڏن جي عزت ڪندا هئا ۽ ننڍن تي رحم ۽ شفقت ڪندا هئا. گهرج وارن جي گهرج پوري ڪندا هئا ۽ مسافرن جي حقن جي سار سنڀال ۽ خدمت ڪندا هئا.

(٣٢١) حضرت انس پٽ مالڪ رضي الله عنه کان روايت آهي، تہ رسول الله ﷺ فرمايو: جيڪڏهن مونکي ٻڪريءَ جو ڪُـر سوڪڙي ڏنو وڃي، تہ آئون قبول ڪندس ۽ جي انهن جي دعوت ڏني وڃي، تہ بہ قبول ڪيان.

(٣٢٢) حضرت جابر رضي الله عنه کان روايت آهي، تہ رسول الله ﷺ جن (هڪ دفعي) مون وٽ آيا. پاڻ خچر يا ترڪي گهوڙي تي چڙهي ڪونہ آيا، (پر پيرين پنڌ آيا هئا. هي سندن نهٺائي ۽ نوڙت جو چٽو مثال آهي).

(٣٢٣) حضرت عبدالله پٽ سلام رضي الله عنه جي پٽ يوسف رضي الله عنه کان روايت آهي، (ان چيو آئون ننڍڙو هوس تہ) رسول الله ﷺ منهنجو نالو يوسف رکيو ۽ مون کي پنهنجي جهوليءَ ۾ ويهاري، منهنجي متي تي (دعا جو) هٿ گهمايو.

(٣٢٤) حضرت انس پٽ مالڪ رضي الله عنه کان روايت آهي تہ، نبي پاڪ ﷺ جن حج ڪيو، هڪ پراڻي پلاڻ تي (جو ڏاچيءَ تي رکيل هو) ۽ هڪ ڪتي سان (جو اهو پلاڻ مٿان پيل هو) جنهن جي قيمت اسان جي خيال ۾ چار درهم هئي. پوءِ جڏهن سندن ڏاچيءَ اٿي بيٺي، تہ پاڻ فرمايائون: آئون اهڙي حج لاءِ حاضر ٿيو آهيان، جنهن ۾ شُـهرت ۽ رياءُ نہ هجي.

(٣٢٥) حضرت انس پٽ مالڪ رضي الله عنه کان روايت آهي، تہ هڪ درزي رسول الله ﷺ جن جي دعوت ڪئي. پوءِ اهو پاڻ سڳورن ﷺ لاءِ ثريد (ماني گوشت جي ٻوڙ ۾ ڪُـتي نهيل) ڪُـتي ڪٽي آيو ۽ ان ۾ ڪدو بہ پيل هو. پاڻ سڳورا ان مان ڪدو جا ڳترا چونڊي ڪڍي کائڻ پيا.



www.maktabah.org

چاڪاڻ تہ ڪين ڪدو وڻندو هو.

حضرت ثابت سڳورو چوي ٿو تہ مون حضرت انس اصحابي کي چوندي ٻڌو تہ، هن ڪان پوءِ منهنجي لاءِ ڪاڏو نہ رڌو، پر ان ۾ وس پڄندي ڪدو ضرور پوندو هو.

(٣٢٦) حضرت بيبي عمره سڳوريءَ کان روايت آهي، حضرت عائشة رضي الله عنها کان پڇيو ويو تہ، رسول الله ﷺ جن پنهنجي گھر ۾ ڪھڙو ڪم ڪندا هئا؟

مؤمنن جي ماءُ عائشة رضي الله عنها ٻڌايو تہ پاڻ سڳورا ﷺ انسانن مان هڪ انسان هئا. پنهنجي ڪپڙن ۾ پاڻ جُون ڏسندا هئا. پنهنجي ٻڪريءَ ڏهندا هئا ۽ پنهنجو ڪم ڪار پاڻ ڪندا هئا. (عالمن جي تحقيق آهي تہ، حضور پاڪ ﷺ جن جي بدن ۽ ڪپڙن ۾ جُوئون ڪونہ هونديون هيون ..... پاڻ سڳورا ﷺ سراسر نور هئا ...... سندن پگھر بہ سراسر گلاب هو .... جوئن ڏسڻ جو مطلب هي آهي، تہ شايد مجلس ۾ ويهڻ ڪري ڪنهن ٻي جي جُون نہ پئي هجي ـ خصائل نبوي ص ٣٥۴)



www.makhtabah.org

باب انيتاليهون

# رسول الله ﷺ جي سهڻي اخلاق جو بيان

(٣٢٧) حضرت خارجه پٽ زيد بن ثابت رضي الله عنه کان روايت آهي، ته (منهنجي پيءُ) حضرت زيد پٽ ثابت رضي الله عنه وٽ ڪجهه ماڻهو آيا ۽ چيائونس ته اسان کي رسول الله ﷺ جي حديثن مان ڪا حديث يا ڳالهه ٻڌاءِ.

ان چيو ته ڪهڙيون ڳالهيون ٻڌايان؟ آئون سندن پاڙيسري هوس. جڏهن مٿن وحي لهندو هو، ته مون ڏي ماڻهو موڪليندا هئا. پوءِ آئون ڪيس اهو وحي لکي ڏيندو هوس. جڏهن اسان هن دنيا جون ڳالهيون ڪندا هئاسون، ته پاڻ به اسان سان اهي ڳالهيون ڪندا هئا ۽ جڏهن آخرت جون ڳالهيون ڪندا هئاسون، ته پاڻ به اهي ڳالهيون ڪندا هئا ۽ جڏهن ڪاڌي پيتي جون ڳالهيون ڪندا هئاسون، ته پاڻ به اسان سان اهي ڳالهيون ڪندا هئا. اهي سڀ ڳالهيون نبي پاڪ ﷺ جي حديث يا زندگيءَ بابت تو ٻڌايان.

(٣٢٨) حضرت عمرو پٽ عاص رضي الله عنه کان روايت آهي ته، رسول الله ﷺ سيني کان ڏنگي ۽ شرير ماڻهو سان به متوجه ٿي ڳالهائيندا هئا، ته جيئن ان سهڻي طريقي سان ڳالهائڻ ڪري، ان سخت ماڻهو جي دل نيڪين جي طرف نرم ٿئي.

پاڻ سڳورا ﷺ مون ڏي توجه ڪندا ۽ ڳالهائيندا هئا. ان ڪري ياڻئڻ لڳس ته، آئون سيني کان ڀلو ماڻهو آهيان. پوءِ مون عرض ڪيو:

اي الله جا رسول ! ﷺ آئون ڀلو آهيان يا ابوبڪر؟ رضي الله عنه

پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو ته، ابوبڪر (ڀلو آهي.) رضي الله عنه

وري عرض ڪيم ته، يارسول الله! ﷺ آئون ڀلو آهيان يا عمر؟ رضي الله عنه

پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو ته، عمر رضي الله عنه

.. .. .. .. .. .. .. .. .. .. .. .. .. .. .. .. .. .. .. ..



www.maktabah.org

تيهر عرض ڪري چيم ته، اي الله جا رسول ! ﷺ پلا آئون پلو آهيان يا عثمان ؟ رضي الله عنه

پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو ته، عثمان رضي الله عنه (توکان پلارو آهي.)

جيئن ته منهنجي پڇڻ تي رسول الله ﷺ سچي ڳالهه ٻڌائي ڇڏي. ان ڪري افسوس ته آئون پاڻ سڳورن ﷺ کان ايئن نه پڇان ها! (نبي پاڪ ﷺ جو سهڻو سلوڪ سيني سان هڪجهڙو هوندو هو. ان ڪري هر هڪ ماڻهو ائين سمجهندو هو ته، رحمت وارو نبي ﷺ مون کي ئي گهڻو پائني ٿو.)

(٣٢٩) حضرت انس پٽ مالڪ رضي الله عنه کان روايت آهي ته، مون خدمت ڪندي رسول الله ﷺ جي خدمت ۾ ڏهه سال گذاريا. مون کي ڪڏهن "اف" به نه چيائون ۽ ڪنهن ڪم ڪرڻ يا نه ڪرڻ تي ائين نه چيائون ته، هيءُ ڪم ڇو ڪيئي يا ڇونه ڪيئي؟

رسول الله ﷺ سيني کان وڌيڪ سهڻي اخلاق وارا هئا. مون ڪنهن به ريشم ۽ پٽ يا ٻي نرم شيءِ کي هٿ نه لاتو هوندو، جا رسول الله ﷺ جي هٿ مبارڪ جي تريءَ کان وڌيڪ نرم هجي ۽ نه ڪجهه ڪو مُشڪ يا ڪتوريءَ سنگهي هوندم، جا رسول الله ﷺ جي پگهر مبارڪ کان وڌيڪ خوشبودار هجي.

(٣٣٠) حضرت انس پٽ مالڪ رضي الله عنه، رسول الله ﷺ کان روايت ٿو ڪري ته، پاڻ سڳورن ﷺ وٽ هڪ ماڻهو ويٺو هو. ان جي ڪپڙن تي زعفران يا ڦڪي رنگ جو اثر هو. پاڻ سڳورا ﷺ ڪنهن کي منهن تي روبرو اهڙي ڳالهه نه چوندا هئا، جا ان کي نه وڻي يا ڏکي لڳي.

پوءِ جڏهن اهو ماڻهو اٿي هليو ويو، ته پاڻ سڳورن ﷺ اصحابن سونهارن کي چيو: جيڪڏهن اوهان ان کي چئو ها، ته اها هيداڻ يا ڦڪو رنگ ڌيڻ ڇڏي ڏئي !

(٣٣١) حضرت عائشة رضي الله عنها چيو، ته رسول الله ﷺ سخت ڳالهائيندڙ نه هئا ۽ نه ڪي سخت ڪلامي اختيار ڪندا هئا ۽ نه ڪي بازارن ۾ شور ۽ لڙڪندا هئا ۽ برائي جو بدلو برو نه ڏيندا هئا، پر معاف ڪندا ۽ درگذر ڪري ڇڏيندا هئا.

(٣٣٢) حضرت عائشة رضي الله عنها کان روايت آهي، ته رسول الله ﷺ


www.maktabah.org

الله جي رستي ۾ لڙائيءَ کان سواءِ پنهنجي هٿ سان ڪنهن شيءِ کي نه ماريو. پاڻ ڪنهن خادم کي به ڏک نه ھنيو ۽ نه ڪنهن عورت کي (ماريو.)

(٣٣٣) حضرت عائشة رضي الله عنها کان روايت آهي، ته مون ڪڏهن به رسول الله ﷺ کي پنهنجي ذات تي ظلم جو بدلو وٺندي نه ڏٺو. جيستائين الله تعاليٰ جي ڪنهن امر (شريعت جي خلاف ورزي) بيحرمتي نه ٿي هجي. پوءِ جڏهن الله تعاليٰ جي ڪنهن حرام شيءِ کي حلال ڪيو ويندو هو، ته ان تي پاڻ سڳورا ﷺ سيني کان وڌيڪ ڪاوڙبا هئا ۽ جڏهن پاڻ سڳورن ﷺ کي ٻن ڪمن ۾ هڪ کي اختيار ڏنو ويندو هو، ته پاڻ سڳورا ﷺ زياده سولو ڪم اختيار ڪندا هئا، جيستائين اهو گناهه نه هجي.

(٣٣٤) حضرت عائشة رضي الله عنها کان روايت آهي، ته هڪڙي ماڻهو رسول الله ﷺ کان اندر (گهر) اچڻ جي اجازت گهري. ان وقت آئون به وٽن هيس. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو: هي پنهنجي قبيلي جو برو اولاد يا بڇڙو ڀاءُ آهي. پوءِ پاڻ ان کي اجازت ڏنائون. انهيءَ سان نرم گفتگو ڪيائون. پوءِ هو جڏهن ٻاهر هليو ويو، ته مون عرض ڪيو: يارسول الله! ﷺ پهريان ته اوهان جيڪي ان لاءِ چوڻو هو سو چيو. ان کان پوءِ ان سان نرم گفتگو فرمائي؟

پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو: اي عائشة ! رضي الله عنها سيني ماڻهن ۾ خراب اهو آهي، جنهن جي بدڪلامي ۽ سختي جي خوف کان پاسو ڪندي، ماڻهو انهي سان ڳالهائڻ ڇڏي ڏين.

(٣٣٥) حضرت حسن پٽ علي رضي الله عنهما کان روايت آهي، ته حضرت امام حسين رضي الله عنه پنهنجي والد سڳوري (علي المرتضيٰ رضي الله عنه) کان رسول الله ﷺ بابت پڇيو، ته پاڻ سڳورن ﷺ جو طور طريقو ۽ اخلاق پنهنجن ساٿين يا اصحابن سان ڪهڙو هو؟

حضرت علي رضي الله عنه چيو ته، رسول الله ﷺ هميشه کليل چهري، نرم طبيعت ۽ نرم مزاج هوندا هئا. پاڻ نه سخت طبيعت، نه سخت دل، نه گوڙ شور ڪندڙ، نه عيب ڪيندڙ ۽ نه ڪي بخيل يا حرص ڪندڙ هئا. جيڪي نه وڻندو هون، ان کان بي توجهي ڪندا هئا، پر ٻئي کي به ان کان مايوس نه ڪندا هئا. پاڻ ان جي دعوت قبول نه ڪندا يا ان اڻ وڻندڙ شيءِ



www.maktabah.org

۾ واعدو نہ ڪندا هئا. ٽن شين کان پاڻ کي بچايو هئائون. جهيڙو جهڳڙو، تڪبر وڏائي ۽ بي فائدو ڳالهائڻ ۽ ماڻهن کي بہ هنن ٽن ڳالهين کان ڇڏيو هئائون. ڪنهن کي برو ٻيڇڙو نہ چوندا هئا، ڪنهن جو عيب نہ ڪڍندا هئا ۽ ڪنهن کي بہ عيب نہ لڳائيندا هئا.

پاڻ سڳورا ﷺ ڳالهہ اها ڪندا هئا، جنهن ۾ ثواب جي اميد هوندي هئن. جڏهن پاڻ سڳورا ﷺ ڳالهائيندا هئا، تہ حاضرين مجلس ادب سان ڪنڌ جهڪائي ويهندا هئا، ڄڻ تہ سندن مٿي تي پکي ويٺا آهن.

پاڻ سڳورا ﷺ ماٺ ڪندا هئا، تہ مجلس وارا پوءِ ڳالهائيندا هئا. سندن آڏو ڪنهن ڳالهہ ۾ بحث يا جهڳڙو نہ ڪندا هئا. پاڻ سڳورن ﷺ وٽ اجازت سان جيڪو بہ ڳالهائيندو هو، تہ ٻيا ان لاءِ خاموش رهندا هئا، جيسين اهو بس ڪري. انهن سيني ماڻهن جي ڳالهہ حضور ﷺ جن وٽ پهرين ماڻهو جي ڳالهہ وانگر اهميت رکندي هئي يعني سيني جي ڳالهہ هڪجهڙي توجهہ سان ٻڌندا هئا. جنهن ڳالهہ تان ٻيا کلندا هئا، تہ پاڻ بہ مرڪندا هئا. جنهن ڳالهہ تي ٻيا اچرج کائيندا هئا، تہ پاڻ بہ تعجب ڪندا هئا.

اڻ واقف يا مسافر ماڻهو جي سخت گفتار تي ۽ ان جي اجائي سوال تي صبر ڪندا هئا. ايتري قدر جو سندن اصحابي (حضور ﷺ جن جي ڪچهري ۾) انهن مسافرن کي وٺي ايندا هئا. (تہ اهي اڻ واقف مسافر پلي ڳالهيون پڇن، تہ اسان فائدو پرايون. يا پاڻ سڳورن جو صبر ۽ اخلاق ڏسي، ڪلمو پڙهي مسلمان ٿين.)

پاڻ سڳورا ﷺ فرمائيندا هئا تہ، جڏهن توهان ڪنهن حاجتمند کي ڏسو، تہ جو گُهري ٿو، تہ ان سان جاني ۽ مالي مدد ڪريو. پاڻ احسان مند کان سواءِ ٻي جي ساراهہ نہ قبوليندا هئا ۽ تيستائين ڪنهن جي ڳالهہ کي نہ ڪٽيندا هئا، جيستائين حد کان ٽپي وڃي، پوءِ ان کي روڪيندا هئا يا اٿي هليا ويندا هئا.

(٣٣٦) حضرت محمد پٽ منڪدر رحمة الله عليہ چيو تہ، حضرت جابر پٽ عبدالله رضي الله عنہ کان ٻڌم، ان چيو تہ رسول الله ﷺ ڪڏهن بہ ڪنهن شيءِ گهرڻ تي "لا" يعني نہ ڪونہ فرمايائون. مطلب تہ پاڻ سڳورن کان جيڪو بہ سوال ٿيو يا ڪا شيءِ گهري وئي، تہ پاڻ نہ يا انڪار ڪڏهن بہ نہ ڪيائون.

.. .. .. .. .. .. .. .. .. .. .. .. .. .. .. .. .. .. .. .. .. .. ..


www.maktabah.org

(عربيءَ جي مشهور شاعر فرزدق حضور نبي ﷺ جي سهڻي اخلاق کي پنهنجي قصيدي جي شعر ۾ هن طرح بيان ڪيو آهي:

"مَا قَالَ لَا قَطُّ اِلاَّ فِيْ تَشَهُّدِهٖ،
لَوْ لَا التَّشَهُّدُ كَانَتْ لَاؤُهٗ نَعَمٍ.

مطلب ته پاڻ سڳورن ﷺ ڪڏهن لا (نه) تشهد کان سواءِ نه چيو. جيڪڏهن تشهد يا شهادت ڪلمو پڙهڻو نه هجي ها، ته پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ جو لفظ لَا (نه) به نَعَمْ (ها) هجي ها.

هن مفهوم کي فارسي شاعر به هن شعر ۾ بيان ڪيو آهي:

"نرفت لا بزبان مبارڪش هرگز،
بجز در اَشْهَدُ اَنْ لَّآ اِلٰـهَ اِلَّا اللّٰهُ "

مطلب ته پاڻ سڳورن ﷺ جي زبان مبارڪ تي ڪلمه شهادت کان سواءِ لفظ "لا" (نه) ڪڏهن به نه آيو ـ انوار غوثيه ۴۹۶، شرح شمائل ترمذي، حقاني جلد ۲، ص ۴۲۴)

(۳۳۷) حضرت ابن عباس رضي الله عنه کان روايت آهي، ته رسول الله ﷺ سيني ماڻهن کان خير يا ڀلائي ۾ وڌيڪ سخي هئا. پاڻ سڳورن ﷺ جي هيءَ سخاوت رمضان المبارڪ جي مهيني ۾ اڳين کان به وڌيڪ هوندي هئي. پاڻ سڳورن وٽ رمضان المبارڪ ۾ حضرت جبرائيل عليه السلام ايندو هو، ته پاڻ ان کي قرآن شريف ٻڌائيندا هئا. حضرت جبرائيل عليه السلام سان ملڻ وقت رسول الله ﷺ جن برسات وسائڻ واري هوا کان به وڌيڪ تيز خيرات ۽ سخاوت ڪندا هئا.

(۳۳۸) حضرت انس پٽ مالڪ رضي الله عنه‌کان روايت آهي، ته نبي پاڪ ﷺ سڀاڻي يا ٻي ڏينهن لاءِ ڪابه شيءِ بچائي نه رکندا هئا.

(۳۳۹) حضرت عمر پٽ خطاب رضي الله عنه‌کان روايت آهي، ته هڪ ماڻهو رسول الله ﷺ جي خدمت ۾ اچي ڪجھ گهريو ته ڏيو. پوءِ نبي پاڪ ﷺ فرمايو: هينئر مون وٽ ڪجھ به نه آهي، پر منهنجي نالي قرض وٺي ڪڻ، جڏهن مون وٽ ڪجھ آيو ته، آئون پاڻهي اهو قرض ادا ڪندس.

حضرت عمر رضي الله عنه عرض ڪيو ته، يارسول الله ! ﷺ هڪ ڀيرو ته هن کي ڏئي چڪا آهيو. باقي جنهن جي طاقت نه آهي ته، پوءِ الله تعاليٰ



www.maktabah.org

ان جي ڏيڻ جي تڪليف تہ نہ ڏني آهي.

نبي پاڪ ﷺ کي حضرت عمر رضي الله عنه جي ڳالهہ يا راءِ پسند نہ آئي. پوءِ هڪ انصاري چيو تہ، اي الله جا رسول ! ﷺ اوهان خرچ ڪريو ۽ عرش جي مالڪ کان تنگي يا محتاجي جو فڪر نہ ڪريو.

هن ڳالهہ تي رسول الله ﷺ جن مُرڪڻ لڳا ۽ سندن مُنهن مبارڪ ۾ انصاري جي ڳالهہ جي ڪري، خوشي ظاهر ٿيڻ لڳي. پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ، مون کي اهڙو ئي حڪم ٿيل آهي.

(٣٤٠) حضرت معوذ پٽ عفراء رضي الله عنهجي ڌيءُ ربيع رضي الله عنها کان روايت آهي تہ ۽ آئون نبي پاڪ ﷺ جي خدمت ۾ تازي ڪجور ۽ ڪچڙن ونگن جو ٿانءُ ڀري کڻي آيس، تہ پاڻ سڳورن ﷺ ڳهن ۽ سون جي مُٺ ڀري ڏني.

(٣٤١) حضرت عائشة رضي الله عنها کان روايت آهي، تہ نبي پاڪ ﷺ سوکڙيون پاکڙيون قبول ڪندا هئا ۽ ان جو بهتر عيوض ڏئي ڇڏيندا هئا.


www.maktabah.org

باب اٺونجاهون

# رسول الله ﷺ جي حياء (لحاظ، لڄ) جو بيان

(٣٤٢) حضرت ابو سعيد خدري رضي الله عنه کان روايت آهي ته، رسول الله ﷺ پردي ۾ ويٺل ڪنوار کان به وڌيڪ حيادار هئا ۽ جڏهن پاڻ ڪنهن شيء کي نا پسند ڪندا هئا، ته ان جو اثر سندن مُنهن مبارڪ مان ظاهر ٿيندو هو.

(٣٤٣) حضرت عائشة رضي الله عنها جي هڪ (آزاد ڪيل) ٻانهي کان روايت آهي، ته مومنن جي ماءُ رضي الله عنها چيو: مون ڪڏهن به رسول الله ﷺ جي اوگهڙ ڏانهن نظر ڪانه ڪئي يا چيائين ته مون رسول الله ﷺ جي اوگهڙ ڪڏهن ڪانه ڏٺي.


www.maktabah.org

باب پنجاهون

# رسول الله ﷺ جي سنگي هٽائڻ جو بيان

(۳۴۴) حضرت حُميد رضي الله عنه کان روايت آهي، تہ حضرت انس پٽ مالڪ رضي الله عنه کان سنگي هڻندڙ جي محنت ۽ مزدوري بابت پڇيو ويو؟ حضرت انس سڳوري چيو تہ، رسول الله ﷺ ابو طيبه (غلام) کان سنگي هٽائي هئي ۽ ان کي محنت مزدوري طور ڪٽڪ جي ٻن ٽوين ڏيڻ جو امر فرمايو ۽ ان ڀانهي جي مالڪن کي بہ سفارش ڪيائون. پوءِ انهن ان جي قسط ۾ هلڪائي يا گهٽتائي ڪئي.

پاڻ سڳورن ﷺ ائين بہ فرمايو تہ، دوا کان سنگي وڌيڪ آهي يا فرمايائون تہ، سنگي هٽائڻ دوائن مان عمدو علاج آهي.

(۳۴۵) حضرت علي رضي الله عنه کان روايت آهي تہ، نبي پاڪ ﷺ جن سنگي هٽائي ۽ مون کي (ان جي محنت مزدوري ڏيڻ جو) امر فرمايائون تہ، مون ان سنگي هڻندڙ حجام کي مزدوري ڏني.

(۳۴۶) حضرت شعبي رضي الله عنه(حضرت ابن عباس رضي الله عنه جي شاگرد) چيو، منهنجو گمان آهي تہ حضرت ابن عباس رضي الله عنه چيو: نبي پاڪ ﷺ ڪنڌ جي ٻنهي پاسن وارين ٻن رڳن تي ۽ ٻن ڪلهن جي وچ تي سنگيون هٽايون ۽ سنگي هڻندڙ حجام کي مزدوري ڏنائون. جيڪڏهن هي محنت مزدوري حرام هجي ها، تہ ان کي نہ ڏين ها.

(۳۴۷) حضرت ابن عمر رضي الله عنه کان روايت آهي تہ، نبي پاڪ ﷺ سنگي هڻندڙ حجام کي گهرايو، جنهن حضور ﷺ جن کي سنگيون هنيون. پاڻ سڳورن ان کان پڇيو تہ، تنهنجو روزانو ڪيترو خراج آهي يا مالڪ کي روز گهڻو محصول ڏيندو آهين؟ ان ٻڌايو تہ، ٽي ٽويا. پاڻ سڳورن ﷺ ان جي مالڪ کي سفارش ڪري، هڪ ٽويو گهٽ ڪرايو ۽ پوءِ ان سنگي


www.maktabah.org

هٿندڙ ٻانهي حجام کي ان جي مزدوري به ڏنائون.

(٣٤٨) حضرت انس پٽ مالڪ رضي الله عنه کان روايت آهي، ته رسول الله ﷺ ڪنڌ جي ٻنهي پاسي جي رڳن ۾ ڪنڌ ۾ سنڱيون هٽائيندا هئا ۽ پاڻ گهڻو ڪري (سترهين) (١٧)، اڻويهين (١٩) ۽ ايڪويهين (٢١) تاريخن تي سنڱيون هٽائيندا هئا.

(٣٤٩) حضرت انس پٽ مالڪ رضي الله عنه کان روايت آهي، ته رسول الله ﷺ پير جي پنيءَ تي (مديني جي ويجهو) ملل واري ماڳ تي احرام جي حالت ۾ سنڱيون هٽايون. (ملل هڪ ڳوٺ جو نالو آهي، جيڪو مڪي شريف واري رستي تي مديني منوره کان ڏهه يا سترهن ميل پري آهي.)


www.maktabah.org

باب ايڪونجاهون

# رسول الله ﷺ جي (نوراني) نالن مبارڪن جو بيان

(٣٥٠) حضرت محمد پٽ جبير رضي الله عنه پنهنجي پيءُ حضرت جبير پٽ مطعم رضي الله عنه کان روايت ڪئي آهي، تہ نبي پاڪ ﷺ فرمايو: بيشڪ منهنجا گهڻا نالا (لقب) آهن. آئون محمد ﷺ آهيان. آئون احمد ﷺ آهيان. آئون ماحي آهيان جو منهنجي هٿان الله تعاليٰ ڪفر ميٽي ڇڏيندو. آئون حاشر آهيان جو ماڻهو قيامت ۾ منهنجي قدمن ۾ مون کان پوءِ گڏ ٿي اٿندا. آئون عاقب آهيان. عاقب ان کي چئبو آهي، جنهن کان بعد ڪو نبي نہ هجي.

(٣٥١) حضرت حذيفة رضي الله عنه کان روايت آهي تہ. آئون نبي پاڪ ﷺ سان مديني منوره جي ڪنهن رستي ۾ مليس. پوءِ فرمايائون تہ (اي حذيفة!) آئون محمد آهيان. آئون احمد آهيان. آئون رحمت جو نبي ۽ توبهہ جو نبي بہ آهيان. آئون اڳين نبين جو تابعدار آهيان ۽ آئون قومن کي گڏ ڪندڙ آهيان ۽ آئون الله جي راهہ ۾ جنگين ڪرڻ وارو نبي آهيان. ﷺ


www.maktabah.org

باب پاونجاهون

# رسول الله ﷺ جي گذران جو بيان

(٣٥٢) حضرت سماڪ پٽ حرب سڳوري کان روايت آهي، تہ مون نعمان پٽ بشير رضي الله عنه کي چوندي ٻڌو تہ، ڇا توهان پنهنجي کاڌي پيتي جون وڻندڙ شيون نہ ٿا کائو؟ بيشڪ مون (پنهن جي) توهان جي نبي ﷺ جن کي ڏٺو، جو پاڻ سڳورن ﷺ وٽ ايتري سکل کجور کانہ هئي، جنهن سان پاڻ ڍؤ ڪري کائن. (پاڻ سڳورن ﷺ جي هي مسڪيني اختياري هئي ۽ اضطراري نہ هئي.)

(٣٥٣) حضرت عائشة رضي الله عنه کان روايت آهي تہ، اسان محمد ﷺ جي آل (گهر وارا اهل بيت ڪنهن وقت) مهينو چُلهہ ۾ باهہ نہ ٻاريندا هئاسون. کجور ۽ پاڻيءَ تي گذر ڪندا هئاسون.

(٣٥٤) حضرت انس رضي الله عنه حضرت ابو طلحہ رضي الله عنه کان روايت ڪئي آهي، ابو طلحہ چيو تہ، اسان رسول الله ﷺ وٽ بک جي دانهن ڪٽي وياسون ۽ پنهنجن پيٽن تان ڪپڙو لاهي هڪ هڪ پٿر جيڪو پيٽ تي ٻڌل هو سو ڏيکاريوسون.

ان تي رسول الله ﷺ جن پنهنجي پيٽ تي ٻہ پٿر ٻڌل ڏيکاريا يعني پاڻ سڳورن پنهنجي پيٽ تان ڪپڙو ڪنيو تہ، ڪين ٻہ پٿر ٻڌل هئا.

(٣٥٥) حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي، تہ هڪ دفعي نبي پاڪ ﷺ اهڙي وقت گهر مان ٻاهر نڪتا، جو انهيءَ وقت ٻاهر نہ نڪرندا هئا ۽ نہ ڪي ان مهل ساڻن ڪو ملندو هو. (سندن معمول نہ هو) ايئن ڪندي حضرت ابوبڪر رضي الله عنه ان وقت پاڻ سڳورن ﷺ وٽ آيو. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ، تون ڪيئن آيو آهين؟ ان عرض ڪيو تہ، (اي الله جا رسول ! ﷺ) آئون اوهان جي ملاقات ڪرڻ آيو آهيان ۽ هن لاءِ تہ اوهان جو منهن مبارڪ ڏسي ديدار ڪريان ۽ سلام عرض ڪريان.


www.maktabah.org

ٿوري دير کان پوءِ حضرت عمر رضي الله عنه آيو. پاڻ سڳورن ان کي به فرمايو ته اي عمر ! رضي الله عنه تون ڪيئن آيو آهين؟ ان عرض ڪيو ته، يارسول الله! ﷺ بک لڳي آهي، ان ڪري آيو آهيان. ان تي پاڻ سڳورن ﷺ به فرمايو ته، آئون پاڻ به ڪجھ بک محسوس ڪري رهيو آهيان.

پوءِ ٽنئي ڄڻا گڏجي حضرت ابوالهيثم پٽ تيهان انصاري رضي الله عنه جي گهر ڏانهن ويا. اهو اصحابي (ابوالهيثم) گهڻين کجين، وڻن ۽ ٻڪرين وارو سکيو ستابو هو، پر ان وٽ ڪم ڪار لاءِ خدمتگار ڪونه هئا. ان وقت ابوالهيثم سڳورو گهر ۾ موجود ڪونه هو. پوءِ ان جي گهر واريءَ کان پڇيائون، ته تنهنجو مڙس ڪٿي آهي؟

ان بيبي سڳوريءَ چيو ته، اهو اسان لاءِ مٺو پاڻيءَ ڀرڻ ويو آهي. پوءِ ٿوري دير نه گذري، ته ابوالهيثم به ڪليءَ ڇُلڪائيندو اچي نڪتو. پوءِ ان کي رکي، خوشيءَ مان نبي پاڪ ﷺ کي ڀاڪر پائي چنبڙي پيو ۽ چوڻ لڳو ته، منهنجا پيءُ ماءُ اوهان تان قربان ٿين!

پوءِ انهن سڀني ڀلارن کي پنهنجي باغ ڏانهن وٺي آيو. انهن جي ويهڻ لاءِ ڪپڙو وغيره وڇائي کين ويهاريائين ۽ پاڻ هڪ کجي ڏانهن ويو ۽ کجور جو سڄو ڇُڳو ڪپي کڻي آيو ۽ اچي پاڻ سڳورن ﷺ جي اڳيان کائڻ لاءِ رکيائين.

ابو الهيثم کي پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو ته، اسان لاءِ رڳو پڪل کجور چونڊي ڇو نه کڻي آئين؟ ان عرض ڪيو ته، يارسول الله! ﷺ مون گهريو ته اوهان پاڻ پنهنجي پسند تي پڪل يا ڪچي کجي پٽي کائو. پوءِ پاڻ کجور کاڌائون ۽ ان پري آندل پاڻيءَ مان پاڻي به پيتائون.

پوءِ نبي پاڪ ﷺ فرمايو: مون کي ان ذات جو قسم آهي، جنهن جي قبضي ۾ منهنجي جان آهي. هي ٿڌي ڇانءُ، سٺي ۽ تازي کجور ۽ مٺو پاڻي انهن نعمتن مان آهن، جن جي باري ۾ قيامت جي ڏينهن پڇاڻو ٿيندو.

ان کان پوءِ ابو الهيثم پاڻ سڳورن ﷺ لاءِ ماني ۽ ٻوڙ تيار ڪرائڻ خاطر گهر ڏي وڃڻ لڳو، ته پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو: اسان لاءِ کير واريءَ سُوئا ٻڪري نه کهجانءِ.

ابوالهيثم گهر وڃي ڀلارن مهمانن لاءِ ڇيلو يا ڇيلي ڪٺائين. ماني


www.maktabah.org

ٻوڙ تيار ڪرائي، پاڻ سڳورن وٽ کائڻ لاءِ کڻي آيو. سيني ماني ٻوڙ کاڌو. ان کان پوءِ نبي پاڪ ﷺ کانئس پڇيو ته، تو وٽ ڪم ڪار لاءِ ڪو خادم يا نوڪر آهي؟ ابوالهيثم عرض ڪيو ته نه. ان تي حضور ﷺ جن چيو ته، جڏهن اسان وٽ قيدي اچن، ته تون به اچجان.

پوءِ ڪجھ عرصي کان بعد حضور ﷺ جن وٽ رڳو ٻه قيدي يا غلام آندا ويا، ٽيون انهن سان ڪونه هو. اهو ٻڌي ابوالهيثم پاڻ سڳورن ﷺ وٽ آيو، ته نبي پاڪ ﷺ جن فرمايو، هنن ٻنهي مان هڪ چونڊي پسند ڪر. ان عرض ڪيو ته، اي الله جا نبي ! ﷺ توهان ئي منهنجي لاءِ چونڊيو.

پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو: ته جنهن کان صلاح مشورو پڇبو آهي، اهو امانتدار هوندو آهي. تنهنڪري تون هيءُ غلام وٺ، جو مون هن کي نماز پڙهندي ڏٺو آهي. آئون توکي هن سان سهڻي سلوڪ ڪرڻ جي نصيحت ۽ پارت ڪريان ٿو.

پوءِ ابو الهيثم پنهنجي گهر زال وٽ ويو. ان کي حضور ﷺ جن جي نصيحت ۽ پارت جي ڳالھ ٻڌايائين.

تنهن تي سندس زال چيو ته، حضور ﷺ جن توکي جيڪا نصيحت ۽ پارت ڪئي آهي، سا پوري ڪري نه سگهندين، مگر جي ان کي آزاد ڪرين ته ٻي ڳالھ آهي.

اها ڳالھ ٻڌي ابوالهيثم به چيو، ته چڱو اهو غلام آزاد آهي.

اها خبر ٻڌي، تنهن تي نبي پاڪ ﷺ فرمايو: "الله تعاليٰ هر نبي ۽ خليفي لاءِ ٻه باطني يا مخفي صلاحڪار مقرر ڪندو آهي. هڪ مخفي صلاحڪار ان کي چڱي صلاح ڏيندو آهي ۽ برائي کان روڪيندو آهي ۽ ٻيو صلاحڪار ان سان کوٽ ۽ تباهي ڪرڻ ۾ ڪين گهٽائيندو آهي." پوءِ جيڪو انهي مخفي صلاحڪار کان بچيو، سو هر تباهي برائي کان بچي ويو.

(٣٥٦) حضرت قيس پٽ ابو حازم سڳوري کان روايت آهي، چيائين ته حضرت سعد پٽ ابو وقاص رضي الله عنه کان ٻڌم جو چوي پيو ته، آئون ئي پهريون ماڻهو آهيان، جنهن الله جي راھ ۾ رت وهايو ۽ آئون پهريون ماڻهو آهيان، جنهن في سبيل الله تير هنيو. بيشڪ مون پاڻ کي حضرت محمد ﷺ جي اصحابن سڳورن جي فوج ۾ لڙائي ڪندي ڏٺو آهي. اتي



www.maktabah.org

اسان وٽن جي پنن ۽ ڪنڊين جي سنگرن ڪان سواءِ ٻيو ڪجهہ نہ ڪائيندا هئاسون. نيٺ اسان جي وات جو مهارون ۽ واڇون ڦٽجي پيون. آخر (انهي ڪاڏي ڪري) اسان مان هر هڪ ٻڪريءَ وانگر ڦولڙيون ۽ اُٺ وانگر ليڏوٽا لاهيندو هو. (ايترين تڪليفن سهندي) هاڻي وري بنو اسد قبيلي وارا مون کي دين ۾ مهڻا ڏين يا ملامت ڪن ٿا. پوءِ تہ آئون ناڪام يا نقصان ۾ ٿيس ۽ منهنجا عمل اجايا ويا ! (حالانڪ ائين نہ آهي)

(٣٥٧) حضرت خالد پٽ عمير ۽ شويس ابوالرقاد رضي الله عنهما ڪان روايت آهي تہ. حضرت عمر پٽ خطاب رضي الله عنه، حضرت عتبه پٽ غزوان رضي الله عنه کي لشڪر جو سردار ڪري موڪليو ۽ چيائينس تہ تون ۽ تنهن جا ساٿي روانا ٿي وڃو ۽ جڏهن سر زمين عرب جي پڇاڙي ٿئي ۽ عجم جي شهرن ويجهو پهچو (تہ اتي وڃي رهو ۽ دين اسلام جو پيغام پهچايو.) ان تي اهي سڀ روانا ٿي ويا ۽ جڏهن "مربد" جي جاءِ تي پهتا (جتي هينئر بصري شهر جي بيروني آبادي آهي) تہ، اتي نرم ۽ اڇو پٿر ڏٺائون. اتي جي ماڻهن ڪان پڇيائون، تہ هي ڇا آهي؟ انهن ٻڌايو تہ هن پٿر جون نالو "بصرة" آهي. پوءِ اڳتي هلندا ويا. نيٺ جڏهن (دجلي جي) نندي پل جي سامهون پهتا. اتي هڪ ٻئي کي چوڻ لڳا تہ، هتي رهڻ جو حڪم آهي. پوءِ اتي لهي پيا. ان ڪان پوءِ سڄي ڳالهہ ٻڌايائون.

(پوءِ راوي سڄو قِصو بيان ڪيو) راوي چوي ٿو، عتبه پٽ غزوان رضي الله عنه ٻڌايو، تہ مون پاڻ کي ڏٺو، تہ آئون رسول الله ﷺ جن سان پهرين ستن (مسلمانن) مان هڪڙو هوس. اسان کي وڻن جي پنن ڪان سواءِ ڪائڻ لاءِ ٻيو ڪجهہ ڪونہ هو. نيٺ اسان جون واڇون ڦٽي پيون. پوءِ مون هڪ چادر لڌي. اڌ پاڻ ۽ اڌ حضرت سعد رضي الله عنہ کي (ڦاڙي) ڏنم. هينئر اسان ستن مان هر هڪ ڪنهن نہ ڪنهن وڏي شهر جو حاڪم آهي. اجهو اسان ڪان پوءِ اوهان ٻين ايندڙ حاڪمن کي آزمائي ڏسندؤ.

(٣٥٨) حضرت انس رضي الله عنه ڪان روايت آهي تہ، رسول الله ﷺ فرمايو: "بيشڪ آئون الله تعاليٰ جي راهہ ۾ ايترو ڏيڄاريو ۽ ستايو ويو آهيان، جو ايترو ڪوبہ نہ ڏيڄاريو ۽ ستايو ويو. بيشڪ آئون الله جي واٽ ۾ ايتري قدر ايذايو ويو آهيان، جو ڪوبہ نہ ايذايو ويو ۽ بيشڪ مون تي


www.maktabah.org

اهڙيون ٽيھ راتيون ۽ ڏينهن گذريا، جو منهنجي ۽ بلال رضي الله عنه جي کائڻ لاءِ کابہ شيءِ نہ هئي، جنهن کي ڪو جاندار کائي ڍؤ ڪري، مگر بلال جيڪا توري گهٽي کاڻ جي شيءِ بغل يا پاسي ۾ لڪائي رکندو هو، (ان تي گذر ٿيندو هو.)"

(٣٥٩) حضرت انس رضي الله عنه کان روايت آهي، تہ نبي پاڪ ﷺ جي ڪاڏي ۾ صبح ۽ شام ڪڏهن بہ ماني ۽ گوشت گڏ نہ هوندو هو، مگر جڏهن مهمانن جي گهٽائي ٿيندي هئي.

حضرت عبدالله سڳوري چيو تہ، ڪن (لغت يا ٻولي جي ماهرن) وٽ "ضفف" مان مراد هٿن جي گهٽائي آهي يعني گهٽ ماڻهن جو گڏجي کائڻ.

(٣٦٠) حضرت نوفل پٽ اياس هزلي رضي الله عنه کان روايت آهي تہ، حضرت عبدالرحمان پٽ عوف رضي الله عنه اسان جو هم نشين سنگتي هو ۽ ڀلي ڪچهري ڪندڙ هو. اهو اسان کي هڪڙي ڏينهن پاڻ وٽ لاڙي وٺي ويو. جڏهن سندس گهر آياسون، تہ اهو اندر ويو ۽ وهنجي پوءِ ٻاهر اسان وٽ نڪري آيو. پوءِ هڪ ٿالھ جنهن ۾ مانيءَ ۽ گوشت رکيل هو کڻي آيو. جڏهن اهو ٿانءُ رکيو ويو، تہ حضرت عبدالرحمان رضي الله عنه روئڻ لڳو. تنهن تي مون ان کي چيو: اي ابو محمد ! ڇو ٿو روئين؟

ان چيو تہ رسول الله ﷺ هن حالت ۾ وصال ڪري ويا، جو پاڻ ۽ سندن اهل بيت گهر وارن جوَن جي مانيءَ بہ ڍؤ ڪري نہ کاڌائون. ان کان پوءِ آئون خيال نہ ٿو ڪريان، تہ اسان جنهن خوش حاليءَ ۾ پوئتي ڇڏيل آهيون، سو اسان جي لاءِ بهتر آهي يعني هينئر حضور ﷺ جن کان پوءِ اسان اهڙي ڪشادگي کي ڀلو نہ ٿا ڀانيون.



www.maktabah.org

باب ٽيونجاهون

# رسول الله ﷺ جن جي حياتيءَ

# يا ڄمار جو بيان

(٣٦١) حضرت ابن عباس رضي الله عنه کان روايت آهي، تہ نبي پاڪ ﷺ (نبوت جي اعلان ڪرڻ کان پوءِ) مڪي شريف ۾ تيرهن سال ۽ مديني منوره ۾ ڏهہ سال رهيا. جن سالن ۾ پاڻ سڳورن ڏانهن وحي ايندو هو. پاڻ سڳورن ﷺ ٽيهٽ ورهين جي ڄمار ۾ وصال ڪيو.

(٣٦٢) حضرت جرير رضي الله عنه حضرت امير معاويہ رضي الله عنه کان خطبي ۾ چوندي ٻڌو تہ، رسول الله ﷺ ٽيهٽ سالن جي ڄمار ۾ وصال فرمايو. حضرت ابوبڪر ۽ حضرت عمر رضي الله عنهما بہ ٽيهٽ ورهين جي عمر ۾ وفات ڪئي ۽ آئون بہ ٽيهٽ سالن جو آهيان.

(٣٦٣) حضرت عائشة رضي الله عنها کان روايت آهي تہ، نبي پاڪ ﷺ جو ٽيهٽ ورهين جي عمر ۾ وصال ٿيو.

(٣٦٤) حضرت ابن عباس رضي الله عنه چيو تہ، رسول الله ﷺ جن جو وصال پنجهٽ ورهين جي عمر ۾ ٿيو.

(حضور نبي پاڪ ﷺ جن جي عمر مبارڪ بابت سٺ ورهيہ، ٽيهٽ ورهيہ ۽ پنجهٽ ورهين جون مختلف روايتون آيون آهن. هنن مختلف روايتن جي تطبيق محقق عالمن سڳورن هن ريت ڏني آهي:

١. عام عرب وارا ڏهاڪا ڳڻي باقي ڪسر ڪي ڇڏي ڏيندا هئا. ان ڪري سٺ کان پوءِ ڪسر وارا ٽي سال ڇڏي، باقي پورا ڇهہ ڏهاڪا يا سٺ سال عمر چيائون.

٢. ڪن وري پاڻ سڳورن ﷺ جي ڄمڻ ۽ وصال واري عرصي ڪي

.......................................................



www.maktabah.org

جدا جدا مستقل سال شمار ڪري پنجهٺ سال عمر چئي آهي. جيئن هن روايت ۾ آهي.

٣. جن روايتن ۾ ٽيهٺ سال آيل آهي. انهن ٻنهي ڄمر ۽ وصال واري سالن کي نہ ڳڻيو آهي. بهرحال محققن جي تحقيق موجب حضور ﷺ جن جي عمر ٦٣ سال آهي. (انوار غوثيہ شرح شمائل ترمذي، صہ ٥٤٨، ٥٤٩)

(٣٦٥) حضرت دغفل پٽ حنظلہ رضي الله عنہ ڪان روايت آهي، تہ نبي پاڪ ﷺ جن جي وصال جي وقت عمر مبارڪ پنجهٺ سال هئي.

(٣٦٦) حضرت ربيعة پٽ ابو عبدالرحمان رضي الله عنہ چيو مون حضرت انس پٽ مالڪ رضي الله عنہ کي چوندي ٻڌو تہ، رسول الله ﷺ جن جو قد مبارڪ نہ تمام ڊگهو هو ۽ نہ بندرو، پر وچولي قد وارا ڊگها هئا. پاڻ سڳورا ﷺ نہ صفا اڇا سفيد هئا ۽ نہ تمام ڪڻڪ رنگا، پر وڻندڙ اڇاڻ ۾ ڳاڙهاڻ مليل رنگ تمام سهڻا حسين هئا. سندن وار مبارڪ نہ تمام ڳنڍيدار هئا ۽ نہ تمام بلڪل سڌا، پر ڪجهہ سهڻا ڳنڍيدار هئا.

الله تعاليٰ پاڻ سڳورن ﷺ کي چاليهہ سالن جي ڄمار ۾ نبوت جي اعلان ڪرڻ جو امر فرمايو. ان ڪان پوءِ پاڻ ڏهہ سال مڪي شريف ۾ ڏهہ سال مديني منوره ۾ رهيا.

سٺ سالن جي ڄمار ۾ سندن وصال ٿيو. ان وقت سندن مٿي ۽ سونهاريءَ مبارڪ ۾ ويهہ وار بہ اڇا ڪونہ هئا.


www.maktabah.org

باب چوونجاهون

# رسول الله ﷺ جي (هن دنيا مان) وصال جو بيان

(٣٦٧) حضرت انس پٽ مالڪ رضي الله عنه کان روايت آهي، ته مون رسول الله ﷺ جن کي آخري پيرو ان وقت ڏٺو، جڏهن پاڻ سڳورن ﷺ سومر جي ڏينهن پنهنجي حجري جي دريءَ تان پردو هٽايو ۽ مون سندن مُنهن مبارڪ ڏي ڏٺو، ڄڻ ته مصحف يا قرآن شريف جو سهڻو روشن ورق آهي.

ان وقت اصحاب سڳورا حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه جي پٺيان نماز پڙهي رهيا هئا. اصحابي سڳورا حضور ﷺ جن جي ديدار ڪرڻ لاءِ خوشي مان پوئتي هٽڻ لڳا، ته پاڻ سڳورن ﷺ اصحابن کي اشارو ڪيو ته بيٺا رهو. حضرت ابوبڪر رضي الله عنه انهن جي امامت پيي ڪرائي ۽ پاڻ پردو ڏئي ڇڏيائون ۽ انهيءَ ڏينهن پوئين پهر پاڻ وصال ڪيائون.

(٣٦٨) حضرت عائشه رضي الله عنها کان روايت آهي، ته نبي پاڪ ﷺ کي آئون پنهنجي سيني يا جهولي ۾ ٽيڪ ڏئي ويٺي هيس. پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ پيشاب ڪرڻ لاءِ هڪ ٿانءُ گهرايو ۽ ان ۾ پيشاب ڪيو. پوءِ (ڪجهه دير بعد دعا گهرندي گهرندي) پاڻ سڳورن ﷺ جو وصال ٿي ويو. نبي سائين تي الله تعاليٰ جون رحمتون ۽ سلام هجن!

(٣٦٩) حضرت عائشة رضي الله عنها کان روايت آهي، ته مون رسول الله ﷺ کي وصال ڪرڻ وقت ڏٺو، ته وٽن هڪ پيالو رکيل هو. ان ۾ پاڻي هو. تنهن وقت پنهنجو هٿ مبارڪ پيالي ۾ ٻوڙي، پنهنجي مُنهن مبارڪ کي لڳائي، چون پيا ته: "اي منهنجا الله ! موت جي سختين يا موت جي سڪرات تي منهنجي مدد ڪر!"


www.maktabah.org

(۳۷۰) حضرت عائشة رضي الله عنها کان روايت آهي، تہ آئون کنهن جي سهنجي موت تي ريس نہ کندي آهيان. جڏهن کان مون رسول الله ﷺ جي وصال جي وقت سختي ڏٺي آهي.

(۳۷۱) حضرت عائشة رضي الله عنها کان روايت آهي، تہ جڏهن رسول الله ﷺ جن جو وصال ٿيو، تہ اصحابن سونهارن جو پاڻ سڳورن جي دفن ڪرڻ جي جاءِ ۾ اختلاف ٿيو. هن تي ابوبڪر رضي الله عنه چيو، تہ مون رسول الله ﷺ کان ڳالهہ ٻڌي آهي، انکي نہ وساريو اٿم. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو هو تہ "الله تعاليٰ هر نبي جو وصال اتي کندو آهي، جتي ان نبي کي دفن ٿيڻ پسند هوندو آهي." ان ڪري نبي پاڪ کي بستري (وصال ڪرڻ) واري جاءِ تي دفن ڪريو.

(نبي پاڪ ﷺ جي وصال وقت سندن دفن ڪرڻ جي جاءِ ۾ اصحابن سڳورن جو هن ڪري اختلاف ٿيو. سڀ ڪنهن اصحابي دل سان پنهنجي ڳالهہ پي ڪئي، تہ مسجد نبوي ۾ دفن ٿئي. ڪن جو خيال هو، تہ جنت البقيع برڪت وارو مقام آهي. ڪن چيو تہ پنهنجي ڏاڏي ابراهيم عليه السلام وٽ دفن ڪجي. ڪن چيو تہ اصلي وطن مکي شريف ڪٽي هلجي. ڪن چيو سندس پٽ ابراهيم جي پر ۾ دفن ڪجي. نيٺ حضرت ابوبڪر رضي الله عنہ حضور ﷺ جن جي حديث اصحابن کي ٻڌائي، تہ سڀئي ان ڳالهہ تي متفق ٿيا. حضرت بيبي عائشة رضي الله عنها جي گهر ۾ پاڻ سڳورن ﷺ جي وصال واري جاءِ تي قبر کٽي، پاڻ سڳورن ﷺ کي اتي ئي الله تعاليٰ جي امر ۽ حديث نبويءَ موجب دفن ڪيائون ـ شرح شمائل ترمذي انوار غوثيہ ۵۶۰، خصائل نبوي ۴۲۲، شرح شمائل حقاني جلد ۲، صہ ۵۶۹)

(۳۷۲) حضرت ابن عباس رضي الله عنہ ۽ حضرت عائشة رضي الله عنها کان روايت آهي تہ، حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه، نبي پاڪ ﷺ جن کي وصال کان پوءِ (سندن پيشاني مبارڪ کي) چمي ڏني.

(۳۷۳) حضرت عائشة رضي الله عنها کان روايت آهي تہ، نبي پاڪ ﷺ جي وصال کان پوءِ ابوبڪر صديق رضي الله عنه آيو ۽ پنهنجو وات حضور ﷺ جن جي ٻنهي اکين جي وچ تي رکي (چمي ڏني) ۽ پنهنجا ٻئي هٿ حضور ﷺ جن جي ڪراين تي رکي چيائين تہ: هاءِ اسان جا نبي! هاءِ اسان


www.maktabah.org

جا چوندبيل ! ۽ هاءِ دل جا دوست! ﷺ

(٣٧٤) حضرت انس رضي الله عنه کان روايت آهي تہ، جنهن ڏينهن رسول الله ﷺ جن (مکي شريف مان هجرت ڪري) مديني پاڪ ۾ آيا تہ (نبوت جي نور سان) هر شيءِ روشن ٿي وئي.

۽ وري جنهن ڏينهن پاڻ سڳورن ﷺ (هن دنيا مان موڪلايو) يا سندن وصال ٿيو، تہ مديني شهر جي هر شيءِ ڪاراڻجي اونداهي ٿي وئي ۽ اسان اڃان سندن قبر مبارڪ جي مٽيءَ مان هٿ ئي نہ ڇنڊيا هوا، پر دفن ڪرڻ جي ڪم ۾ رُڌل هئاسون، تہ سندن جدائي ۽ سخت غم جي ڪري، اسان جون دليون ڦري پريشان ٿي ويون. يعني اسان جون دليون هيءُ مڃڻ لاءِ تيار نہ هيون تہ، پاڻ سڳورا هن دنيا مان هليا ويا آهن.

(٣٧٥) حضرت عائشة رضي الله عنها کان روايت آهي، تہ رسول الله ﷺ جن جو وصال سومر جي ڏينهن ٿيو.

(٣٧٦) حضرت امام جعفر پٽ محمد پنهنجي پيءُ حضرت امام باقر رضي الله عنهم کان روايت ڪئي، تہ سومر جي ڏينهن رسول الله ﷺ جن جو وصال ٿيو. پوءِ اهو ڏينهن ۽ اڱاري جي رات (مسلمان سندن ديدار ڪندا ۽ صلواة سلام پڙهندا رهيا ۽ انتظام خلافت جي ڪري) ترسڻ بعد ايندڙ رات کين دفن ڪيو ويو.

(راوي) سفيان سڳوري چيو تہ، امام باقر رضي الله عنه کان سواءِ بين روايت ڪئي، تہ پوئين رات تائين ڪوڏر لڳڻ جو آواز يا شپڪو ٻڌڻ ۾ پي آيو.

(٣٧٧) حضرت عبدالرحمان پٽ عوف رضي الله عنه جي فرزند ابو سلمہ رضي الله عنه کان روايت آهي تہ، رسول الله ﷺ سومر جي ڏينهن وصال ڪيو ۽ اڱاري جي ڏينهن دفن ٿيو.

(٣٧٨) پاڻ سڳورن ﷺ جي اصحابي حضرت سالم پٽ عبيد رضي الله عنه کان روايت آهي، تہ رسول الله ﷺ تي (وصال جي) بيماري وقت بيهوشي طاري ٿي ۽ پوءِ سُڌير ٿيا تہ پڇيائون، نماز جو وقت ٿيو آهي؟ اصحابن عرض ڪيو تہ هائو.

پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو: بلال رضي الله عنه کي چئو تہ، بانگ ڏئي ۽


www.maktabah.org

ابوبڪر رضي الله عنه کي چئو تہ، ماڻهن کي نماز پڙهائي.

ٻيهر پاڻ سڳورن ﷺ تي بيهوشي طاري ٿي وئي. وري سڌير ٿيا تہ پڇيائون، نماز جو وقت ٿيو آهي؟ اصحابن عرض ڪيو تہ هائو. پاڻ فرمايائون: بلال رضي الله عنه کي چئو تہ، بانگ ڏئيءِ ابوبڪر صديق رضي الله عنه کي چئو، تہ ماڻهن کي نماز پڙهائي. ان تي حضرت عائشة رضي الله عنها عرض ڪيو تہ: (يارسول الله ! ﷺ) منهنجو پيءُ (ابوبڪر صديق) نرم دل ماڻهو آهي. جڏهن اهو اوهان واري نماز جي جاءِ (مصلي) تي نماز پڙهائڻ لاءِ بيهندو تہ روئي ڏيندو ۽ نماز پڙهائي نہ سگهندو. تنهن ڪري ڪنهن ٻي کي حڪم ڪريو.

راوي چيو تہ پاڻ سڳورن تي وري بيهوشي طاري ٿي وئي. ان کان پوءِ سامت ۾ آيا تہ فرمايائون: بلال رضي الله عنه کي چئو تہ، بانگ ڏئي ۽ ابوبڪر رضي الله عنه کي چئو، تہ ماڻهن کي نماز پڙهائي. توهان (ازواج مطهرات) تہ ڪي يوسف عليه السلام جي عورتن وانگر آهيو.

راوي چيو تہ، پوءِ بلال رضي الله عنه کي چيو ويو، تہ ان بانگ ڏني ۽ ابوبڪر رضي الله عنه کي چيو ويو، تہ ان ماڻهن کي نماز پڙهائي.

ان کان پوءِ رسول الله ﷺ تڪليف ۾ ڪجهہ هلڪائي سمجهي، تہ فرمايائون: اهڙو ڪو ڏسو، جنهن تي آئون ٽيڪ ڏئي ٻاهر (مسجد ڏي) وڃان. ان تي (حضرت عائشة رضي الله عنها جي ٻانهيءَ) بريره رضي الله عنها ۽ ٻيو مرد (حضرت اسامه رضي الله عنه) آيو. پاڻ سڳورا ﷺ انهن ٻنهي تي ٽيڪ ڏئي ٻاهر آيا.

جڏهن ابوبڪر رضي الله عنه پاڻ سڳورن ﷺ کي ايندو ڏٺو، تہ (مصلي تان) پوئتي هٽڻ لڳو. ان تي پاڻ سڳورن ﷺ کيس پنهنجي جاءِ تي بيهڻ جو اشارو ڪيو. نيٺ ابوبڪر رضي الله عنه نماز پڙهائي پوري ڪئي. ان کان پوءِ رسول الله ﷺ جن وصال فرمايو.

(حضور ﷺ جن جي وصال جي خبري ٻڌي) حضرت عمر فاروق رضي الله عنه چيو تہ: "الله جو قسم ! جيڪو بہ رسول الله ﷺ جي وفات جي ڳالهہ ڪندو، تہ ان کي پنهنجي هن تلوار سان ماريندس."

راوي چيو تہ، ماڻهو اڻ پڙهيل هئا. حضور ﷺ کان اڳ ۾ هنن وٽ


www.maktabah.org

ڪر نبي بہ ڪونہ آيو هو. تنهن ڪري (حضرت عمر فاروق جي هيءَ ڳالهہ ٻڌي) چپ ڪري ويا.

اصحابن سڀني چيو تہ اي سالم ! رضي الله عنه تون رسول الله ﷺ جي يار غار (ابوبڪر صديق) رضي الله عنه کي وٺي اچ. پوءِ آئون ان وٽ ويس، تہ اهو مسجد (نبويءَ) ۾ ويٺو هو. آئون ڏک ۽ پريشانيءَ جي ڪري روئندو آيس. پوءِ جڏهن مون کي روئندي ڏٺائين تہ پڇيائين: رسول الله ﷺ جن وصال ڪري ويا ڇا؟ مون چيو تہ، پر حضرت عمر رضي الله عنه چوي ٿو تہ، مون ڪنهن کان بہ رسول الله ﷺ جي وفات جو ذڪر ٻڌو تہ، ان کي پنهنجي هن تلوار سان ماريندس.

پوءِ مون کي (ابوبڪر صديق) چيو تہ هل. پوءِ ان سان گڏ هلڻ لڳس. پوءِ اهو اتي آيو تہ، ٻيا ماڻهو بہ اندر رسول الله ﷺ وٽ وڃي پهتا هئا. پوءِ ماڻهن کي چيائين تہ، اي ماڻهو ! منهنجي لاءِ گس ڇڏيو. پوءِ ماڻهن کيس گس ڏنو. پوءِ (ابوبڪر صديق) ويجهو آيو ۽ پاڻ سڳورن ﷺ جي مٿان جهڪي پيو. سندن بدن مبارڪ کي هٿ پيو لائي ۽ پوءِ قرآن شريف جي هي آيت پڙهيائين:

"اِنَّکَ مَيِّتٌ وَّاِنَّهُمْ مَّيِّتُوْنَ" (پارو ٢٣، سورة الزمر، آيت ٣٠)

**ترجمو: بيشڪ اوهان بہ وصال فرمائيندا ۽ بيشڪ اهي بہ وفات ڪندڙ آهن.**

ان ڪانپوءِ (ابوبڪر صديق) کان ماڻهو پڇڻ لڳا تہ: اي رسول جا ساٿي ! ڇا رسول الله ﷺ جن جو وصال ٿي ويو آهي؟ چيائين تہ هائو. تڏهن پڪ سمجهيائون، تہ اهو سچ ٿو چوي. پوءِ انهن پڇيو تہ، اي رسول جا ساٿي ! ڇا اسان رسول الله ﷺ جي جنازي نماز پڙهون؟ چيائين تہ هائو (پڙهو.) انهن وري چيو تہ (سوڙهي جاءِ ۾) ڪيئن پڙهون؟

چيائين تہ هر قوم وارا ٽولا ٽولا ٿي، اندر وڃي تڪبيرون چون، صلوٰة پڙهن ۽ دعائون گهرن. پوءِ ٻاهر اچن. پوءِ ٻيا ماڻهو اندر وڃن. تڪبيرون چون، صلوٰة پڙهن ۽ دعائون گهرن. پوءِ ٻاهر اچن، تانجو ائين سڀ ماڻهو ڪري واندا ٿين.


www.maktabah.org

پوءِ اصحابن سڀڱورن پڇيو، تہ اي رسول جا ساٿي ! ڇا رسول الله ﷺ کي دفن ڪيو ويندو؟ چيائين تہ هائو. پڇيائون تہ ڪٿي؟ چيائين تہ انهي جاءِ ۾ جتي الله تعاليٰ سندن روح مبارڪ قبض ڪيو آهي. ڇاڪاڻ تہ الله تعاليٰ سندن پاڪ روح سٺي جڳهہ ۾ قبض ڪيو آهي. پوءِ اصحاب سڀڱورا سمجهي ويا، تہ (ابوبڪر صديق) صحيح سچ ٿو چوي.

ان کان پوءِ (ابوبڪر صديق رضي الله عنه) چيو تہ، پاڻ سڀڱورن ﷺ کي ڏاڏي پوٽا (سوٽ) تڙ ڏين.

هوڏانهن مهاجر گڏ ٿي، خلافت جي باري ۾ صلاح مشورو ڪرڻ لڳا. پوءِ (ابوبڪر صديق کي) چيائون، اسان سان گڏجي انصار ڀائرن ڏانهن هلو، تہ انهن کي هن (خلافت جي) معاملي ۾ پاڻ سان شريڪ ڪريون. پوءِ انصارن چيو تہ، هڪ امير اسان مان ۽ هڪ امير توهان مان هجي.

ان تي حضرت عمر پٽ خطاب رضي الله عنه چيو: ڪنهن ماڻهو ۾ هي ٽي ڀلائي واريون صفتون آهن؟ (جيڪي قرآن جي آيت ۾ ذڪر ڪيل آهن).

ثَانِيَ اثْنَيْنِ اِذْهُمَا فِي الْغَارِ اِذْ يَقُوْلُ لِصَاحِبِهٖ لَا تَحْزَنْ اِنَّ اللّٰهَ مَعَنَا. (پارو ١٠، سورة التوبہ، آيت ٤٠)

**ترجمو: (رسول عربي ۽ ابوبڪر صديق) ان وقت غار (ثور) ۾ ٻئي گڏ هئا، ان وقت رسول عربي پنهنجي اصحابي (ابوبڪر صديق) کي فرمايو، تون منهنجو غم يا انتظار نہ ڪر، بيشڪ الله اسان سان گڏ آهي.**

اتي ٻئي ڪير هئا؟ (يعني هڪ رسول الله ﷺ ۽ ٻيو ابوبڪر صديق رضي الله عنه). راوي چيو تہ پوءِ (حضرت عمر فاروق) پنهنجو هٿ ڊگهو ڪري، (ابوبڪر صديق) جي بيعت ڪئي. پوءِ سڀني ماڻهن گڏجي (جهيڙي ۽ اختلاف کانسواءِ ابوبڪر صديق جي) سٺي ۽ سهڻي بيعت ڪئي.

(٣٧٩) حضرت انس پٽ مالڪ رضي الله عنه کان روايت آهي، جڏهن رسول الله ﷺ کي وصال جي وقت (طبعي) تڪليف ٿي، تہ حضرت فاطمة رضي الله عنها چوڻ لڳي، تہ هاءِ، ايڏي سختي ! (يعني پاڻ سڀڱورن ﷺ کي تڪليف جي ڪيڏي آزمائش آهي) ان تي نبي پاڪ ﷺ فرمايو:

.. .. .. .. .. .. .. .. .. .. .. .. .. .. .. .. .. .. .. .. ..



www.maktabah.org

"اڄ ڪان پوءِ تنهنجي پيءُ تي ڪابہ تڪليف نہ ايندي. تنهنجي پيءُ وٽ اها شيءِ حاضر ٿي، جنهن (موت) کان ڪنهن کي ڇوٽڪارو ناهي. هاڻي قيامت ۾ ملنداسون."

(٣٨٠) حضرت ابن عباس رضي الله عنه کان روايت آهي، رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ، منهنجي امت مان جنهن جا بہ نابالغ ٻار گذاري وڃن (۽ پيءُ ماءُ صبر ڪن) تہ، انهن جي ڪري الله تعاليٰ (معصوم ٻارن ۽ صبر ڪرڻ جي ڪري، ٻارن جي پيءُ ۽ ماءُ) کي بهشت ۾ داخل ڪندو.

تنهن تي حضرت عائشة رضي الله عنها عرض ڪيو تہ، اوهان جي امت مان اهو شخص جنهن جو هڪ نابالغ ٻار مري ويو هجي، تہ ان لاءِ ڪهڙو حڪم آهي؟ پاڻ سڳورن فرمايو: هائو، جنهن جو هڪ نابالغ يا معصوم ٻار مري ويو هجي، تہ اهو بہ جنتي آهي. اي خير جي توفيق ڏنل. (غائشہ!) پوءِ مؤمنن جي ماءُ عائشة رضي الله عنها عرض ڪيو تہ، اوهان جي امت مان جنهن جو هڪ بہ ٻار فوت نہ ٿيو هجي، تہ ان جو ڪهڙو حڪم آهي؟

پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو: آئون پنهنجي امت جي لاءِ آخرت جو ذخيرو يا ڇوٽڪاري جو ذريعو آهيان. ان ڪري جو منهنجي وصال جو صدمو ۽ ڏک (امت لاءِ) پنهنجي آل اولاد سيني کان وڌيڪ هوندو. يعني منهنجي جدائي جهڙي ٻي مصيبت ۾ ڪڏهن نہ گرفتار ٿيا هوندا.


www.maktabah.org

## باب پنجونجاهون

# رسول الله ﷺ جي ورثي جو بيان

(٣٨١) اصحابي حضرت عمرو پٽ حارث رضي الله عنه (جيڪو مومنن جي ماءُ حضرت عائشة رضي الله عنها جي آزاد ڪيل ٻانهيءَ) جويريه رضي الله عنها جو ڀاءُ هو. ان کان روايت آهي ته، رسول الله ﷺ (وصال جي وقت) رڳو پنهنجا هٿيار ۽ خچر ۽ ڪجهه (فدڪ جي) زمين ڇڏي ويا. پاڻ اها زمين به (خدا جي واٽ ۾) صدقو يا خيرات ڪئي هئائون.

(٣٨٢) حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي، ته (خاتون جنت) حضرت فاطمة رضي الله عنها (امير المؤمنين) حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه وٽ آئي ۽ ڪيس چيائين ته. تنهن جو وارث ڪير ٿيندو؟ ان چيو ته، منهنجا گهر وارا ۽ منهنجو اولاد وارث ٿيندا.

تنهن تي بيبي خاتون جنت سڳوريءَ چيو ته، پوءِ آئون پنهنجي پيءُ جي وارث ڇونه آهيان؟

حضرت ابوبڪر رضي الله عنه چيو، مون رسول الله ﷺ کي فرمائيندي ٻڌو، ته اسان نبين (جي مال) جو ڪو وارث ڪونه ٿيندو آهي. (تنهنڪري حضور ﷺ جي فرمان موجب توکي ڪجهه نه ٿو ڏئي سگهان)، مگر انهن جي سار سنڀال لهندس، جن جي رسول الله ﷺ جن سار سنڀال لهندا هئا ۽ انهن تي خرچ ڪندس، جن تي رسول الله ﷺ جن خرچ ڪندا هئا.

(٣٨٣) حضرت ابو البختري رضي الله عنه کان روايت آهي ته، حضرت عباس ۽ حضرت علي رضي الله عنهما (خلافت فاروقي جي زماني ۾) حضرت عمر فاروق رضي الله عنه وٽ اهي ٻئي جهڳڙو (يا فيصلو) ڪٽي آيا. هر هڪ ٻئي کي چوي پيو ته، تون اهڙو آهين، تون اهڙو آهين.

پوءِ حضرت عمر فاروق رضي الله عنه — حضرت طلحه، حضرت زبير،


www.maktabah.org

حضرت عبدالرحمن پٽ عوف ۽ حضرت سعد رضي الله عنهم کي (جو اهي اصحابي اتي ويٺا هئا) ـ چيو: توهان کي الله تعاليٰ جو قسم ڏئي ٿو پڇان، تہ توهان رسول الله ﷺ کان هيءُ چوندي نہ ٻڌو آهي: "نبين جو سڀ مال الله تعاليٰ جو صدقو يا خيرات آهي، البت جو ان ۾ين کي کارايو پيياريو. بيشڪ اسان نبين جو ڪو وارث نہ بڻايو ويو آهي." هن حديث ۾ پيو قصو بہ آهي.

(٣٨٤) حضرت عائشة رضي الله عنها کان روايت آهي، تہ رسول الله ﷺ فرمايو: "اسان نبين جو ڪو بہ وارث نہ بڻايو ويندو آهي، جيڪي بہ ڇڏيندا آهيون، سو صدقو هوندو آهي."

(٣٨٥) حضرت ابوهريرة رضي الله عنه کان روايت آهي، تہ نبي پاڪ ﷺ جن فرمايو: "منهنجي وراثت دينار ۽ درهم ورهاست نہ ٿيندا. آئون جيڪي ڪجهہ ڇڏي ويندس، سو منهنجي گهر وارين تي خرچ ٿيڻ ۽ منهنجي ڪم ڪار ڪندڙ (خليفن) جي ضروري خرچ کان سواءِ صدقو خيرات آهي."

(٣٨٦) حضرت مالڪ پٽ اوس پٽ حدثان رضي الله عنه کان روايت آهي تہ، آئون حضرت عمر فاروق رضي الله عنه وٽ ويس. ايئن حضرت عبدالرحمان پٽ عوف، حضرت طلحہ ۽ حضرت سعد رضي الله عنهم بہ اچي ويا. پوءِ حضرت علي ۽ حضرت عباس رضي الله عنهما بہ پاڻ ۾ جهڳڙو ڪندا آيا.

ان تي حضرت عمر رضي الله عنه (موجود اصحابن سونهارن کي) چيو تہ، آئون توهان کي ان ذات جو قسم ٿو ڏيان، جنهن جي حڪم سان آسمان ۽ زمين بيٺا آهن. توهان ڄاڻو ٿا تہ رسول الله ﷺ فرمايو: "اسان جي وراثت نہ ورهائبي آهي. اسان جيڪي ڪجهہ ڇڏي ويندا آهيون، اهو صدقو آهي."

پوءِ سيني موجود اصحابن چيو تہ، الله حاضر آهي، هاؤ. هن حديث ۾ ڊگهو قصو آهي.

(٣٨٧) حضرت عائشة رضي الله عنها کان روايت آهي تہ، رسول الله ﷺ (وراثت يا ملڪيت ۾) نہ ڪو دينار ڇڏيو، نہ درهم ڇڏيو ۽ نہ ڪا ٻڪري، نہ اُٺ ڇڏيا.

راويءَ چيو تہ، مون کي شڪ آهي (شايد ٻيبي سڳوريءَ ٻانهو ۽ ٻانهيءَ بہ چيو.



www.makhahah.org

باب چاونجاهون

# رسول الله ﷺ کي خواب ۾ ڏسڻ جو بيان

(٣٨٨) حضرت عبدالله (بن مسعود) رضي الله عنه کان روايت آهي، تہ نبي پاڪ ﷺ فرمايو: جنهن مون کي خواب ۾ ڏٺو، بيشڪ ان حقيقت ۾ مون کي ئي ڏٺو، ڇاڪاڻ تہ شيطان منهنجي صورت نہ ٿو وٺي سگهي.

(٣٨٩) حضرت ابوهريرة رضي الله عنه کان روايت آهي، تہ رسول الله ﷺ فرمايو: جنهن مون کي ننڊ ۾ ڏٺو. بيشڪ تنهن حقيقت ۾ مون کي ڏٺو، ڇاڪاڻ تہ شيطان منهنجي صورت نہ ٿو وٺي سگهي يا راوي چيو تہ منهنجي مشابهہ نہ ٿيندو آهي.

(٣٩٠) حضرت ابو مالڪ اشجعي رضي الله عنه پنهنجي پيءُ (طارق پٽ اشيم) رضي الله عنه کان روايت ٿو ڪري تہ، رسول الله ﷺ فرمايو: جنهن مون کي ننڊ ۾ ڏٺو، تنهن پڪ مون کي ڏٺو.

(٣٩١) حضرت عاصم پٽ ڪليب رضي الله عنه کان روايت آهي، تہ مون کي پنهنجي پيءُ (ڪليب پٽ شهاب الجرمي) رضي الله عنه ڳالهہ ڪئي، جنهن حضرت ابوهريره رضي الله عنه کي چوندي ٻڌو، تہ رسول الله ﷺ فرمايو: جنهن مون کي ننڊ ۾ ڏٺو، تنهن بيشڪ مون کي ڏٺو. ڇو تہ شيطان منهنجي شڪل نہ ٺاهي سگهندو.

عاصم پٽ ڪليب چيو، منهنجي پيءُ ڪليب چيو تہ، مون هيءُ حديث حضرت ابن عباس رضي الله عنه کي ٻڌائي ۽ هي بہ چيو تہ، مون نبي پاڪ ﷺ کي خواب ۾ ڏٺو آهي. پوءِ ان وقت امام حسن پٽ علي رضي الله عنهما ياد اچي ويو. ڇاڪاڻ تہ حضور ﷺ جن کي امام حسن جي هم شڪل ڏٺم. ان تي ابن عباس سڳوري چوي، تہ بيشڪ نبي پاڪ ﷺ، امام حسن جي هم شڪل هئا.



www.maktabah.org

(٣٩٢) حضرت يزيد فارسي رضي الله عنه کان روايت آهي ـ اهو قرآن شريف لکندو هو ـ تہ مون حضرت ابن عباس رضي الله عنه جي زماني ۾ نبي پاڪ ﷺ کي ننڊ ۾ ڏٺو. پوءِ خواب جو واقعو حضرت ابن عباس رضي الله عنه کي ٻڌايم، تہ مون حضور ﷺ جن جو خواب ۾ ديدار ڪيو آهي. ان تي حضرت ابن عباس رضي الله عنه چيو، تہ رسول الله ﷺ فرمائيندا هئا: "شيطان مون سان مشابهہ ٿي نہ ٿو سگهي. پوءِ جنهن مون کي ننڊ ۾ ڏٺو، تہ بيشڪ مون کي ڏٺو."

پوءِ ابن عباس سڳوري چيو تہ، ڇا تون ان ماڻهو جي وصف بيان ڪري سگهندين؟ جنهن کي تو خواب ۾ ڏٺو آهي. ان چيو هاڻ. توکي ان جو حليو بيان ڪري ٻڌايان ٿو.

اهو شخص پنهنجي جسم ۽ گوشت ۾ ٻن ماڻهن کان وچٿرو هو. اڇاڻ تي مائل ڪڻڪ رنگو، سرمي لڳل ڪجلين اکين وارو، سهڻو کلندڙ، خوبصورت گول چهري وارو. مُنهن ۽ ڪنن جي وچ واري حصي ۽ سيني کي پريندڙ ڏاڙهي مبارڪ سان سينگاريل هو.

حضرت عوف راوي چيو، تہ مون کي ياد نہ آهي تہ، انهن سهڻين صفتن سان گڏ ٻيو ڇا بيان ڪيائين.

تنهن تي حضرت ابن عباس رضي الله عنه چيو تہ، جي تون نبي پاڪ ﷺ کي سجاڳيءَ ۾ ديدار ڪري ڏسين ها، تہ بہ انهيءَ کان وڌيڪ پار ڏئي نہ سگهين ها! يعني برابر هي نبي پاڪ ﷺ جو حليو مبارڪ آهي.

(٣٩٣) حضرت ابن شهاب زهري پنهنجي چاچي کان روايت ڪئي تہ، ابو سلمہ چيو تہ حضرت ابو قتاده رضي الله عنهم بيان ڪيو تہ رسول الله ﷺ فرمايو: جنهن مون کي ڏٺو يعني ننڊ ۾، تہ بيشڪ ان حق سچ ڏٺو.

(٣٩٤) حضرت انس رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو: جنهن مون کي ننڊ ۾ ڏٺو، تنهن سچ مون کي ڏٺو، ڇاڪاڻ تہ شيطان منهنجي صورت نہ وٺي سگهندو آهي.

۽ پاڻ سڳورن ﷺ هي بہ فرمايو تہ: مؤمن جو خواب نبوت جي ڇائيتاليهن حصن مان هڪ حصو آهي.


www.maktabah.org

# پڄاڙي ۾ موڪلاڻي

امام ترمذي رحمة الله عليه ۾ حديثون هن ڪتاب جي آ ر ۾ آنديون آهن، انهن جو واسطو هن باب يا ڪتاب جي موضوع سان ته نه آهي، مگر اهي تمام وڏيون نصيحتون ضرور آهن ۽ ٻن وڏن بزرگن جا تجربا ۽ قول آهن.

هڪ حضرت عبدالله بن مبارڪ رحمة الله عليه، جيڪو حديث جو وڏو امام، فقيه، صوفي ۽ امام ابو حنيفه رحمة الله عليه جو شاگرد آهي.

ٻيو امام محمد بن سيرين رحمة الله عليه، جيڪو به وڏو محدث، عابد زاهد، فقيه، مجتهد ۽ خوابن جي تعبير جو تمام ڄاڻو ۽ امام هو.

١. حضرت محمد پٽ علي رضي الله عنهما چيو، مون پنهنجي پيءُ کان ٻڌو ته حضرت عبدالله پٽ مبارڪ رحمة الله عليه چيو: جڏهن تون قاضي (فيصلو ڪندڙ جج) بنايو وڃين، ته توکي حديث جي تابعداري لازم آهي.

٢. حضرت ابن سيرين رحمة الله عليه چيو ته، هي حديثون دين آهن. پوءِ ڏسو ته پنهنجو دين ڪنهن کان ٿا وٺو يعني دين، علم ۽ مذهب ديندار کان سکو.



www.maktabah.org

# ڪتابيات (ساٿي ۽ سونهان)

(مهاڳ، شمائل ترمذي جي ترجمي، نبي ﷺ جي زندگيءَ مبارڪ ۽ امام ترمذي جي سوانح حيات بابت هيٺيان ڪتاب ساٿي ۽ سونهان رهيا. انهن ڪتابن جي الف ـ ٻ وار فهرست هي آهي.)

(١) "الاڪمال في اسماءِ الرجال، "شيخ ولي الدين خطيب، مترجم مولانا اشياق احمد / مولانا معراج الحق، نور محمد ڪارخانه تجارت ڪتب ڪراچي.

(٢) "انوار غوثيه شرح الشمائل النبويه". سيد امير شاهه قادري گيلاني، عظيم پبلشنگ هائوس پشاور، ١٩٧٦ع.

(٢الف) بذل القوة في حوادث سني النبوة عربي، مخدوم محمد هاشم ٺٽوي، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، ١٩٦٦ع.

(٣) "بستان المحدثين"، شاهه عبدالعزيز محدث دهلوي، مترجم مولانا سميع الحق، مير محمد ڪتب خانه ڪراچي.

(٣الف) "تاريخ طبري" ابن جرير طبري، مترجم سيد محمد ابراهيم، جلد ١، نفيس اڪيدمي ڪراچي ١٩٧٦ع.

(٤) "تذڪرة الحفاظ"، امام ابو عبدالله محمد شمس الدين ذهبي، مترجم حافظ محمد اسحاق، اسلامڪ پبلشنگ هاؤس لاهور، ١٩٨١ع.

(٥) "تذڪرة المحدثين" مولوي ضياءُ الدين اصلاحي، نيشنل بڪ فاؤنڊيشن ڪراچي، ١٩٨٩ع.

(٦) "تذڪرة المحدثين" علامه غلام رسول سعيدي، حامد اينڊ ڪمپني لاهور، ١٩٧٧ع.

(٧) "حديث و محدثين" استاد محمد محمد ابو زهو از علماءَ جامعه ازهر، مترجم غلام احمد حريري، ناشران قرآن لميٽڊ لاهور، ١٩٦٥ع.

(٨) "خصائل نبوي" اردو شرح شمائل ترمذي، مولانا محمد زڪريا



www.maktabah.org

كانڌلوي، مڪتبه رحمانيه لاهور.
(٩) "دائره معارف اسلاميه اردو" محمد احمد شاڪر، جلد ٦، دانشگاه پنجاب لاهور، ١٩٦٢ع.
(١٠) "شاهه جو رسالو" مرتب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، جلد ٨ ـ ٩ ـ علامه قاضي تحقيقي رٿا ۽ اشاعت حيدرآباد، سنڌ، ١٩٩٩ع.
(١١) "شاهڪار انسائيڪلو پيڊيا" سيد قاسم محمود، شاهڪار بڪ فائونڊيشن ڪراچي، ١٩٨٤ع؟
(١٢) "شرح شمائل ترمذي" مولانا عبدالقيوم حقاني، القاسم اڪيڊمي، جامعته ابوهريره خالق آباد نوشهره، سرحد، ٢٠٠٥ع.
(١٢الف) "الشفاء بتعريف حقوق المصطفيٰ" عربي قاضي عياض اندلسي، فاروقي ڪتب خانه ملتان.
(١٣) "شمائل ترمذي" ابو عيسيٰ ترمذي، مترجم مولانا علامه محمد صديق سعيدي هزاري، فريد بڪ اسٽال لاهور، ١٩٨٤ع.
(١٤) "صفات النبي ترجمه شمائل ترمذي" سنڌي، مولانا قاضي محمد عثمان مهاجر مدني، ناشر حڪيم عبدالحق نور الحق گهنٽاگهر سکر سنڌ، ١٩٦٣ع.
(١٥) "غياث اللغات" غياث الدين محمد بن جلال الدين رامپوري، چاپخانه سپهر تهران، ايران.
(١٦) "فتوح البلدان" ياقوت بن عبدالله رومي بغدادي، مترجم ڊاڪٽر غلام جيلاني برق، شيخ غلام علي اينڊ سنز لاهور ١٩٧٢ع؟
(١٧) "فضائل النبي ترجمه شرح شمائل الترمذي" سنڌي، مولانا عبدالڪريم قريشي، ناظم پريس ڪراچي.
(١٨) "الفهرست" محمد بن اسحاق ابن نديم وراق، مترجم محمد اسحاق ڀٽي، اداره ثقافت اسلاميه لاهور، ١٩٦٩ع.
(١٩) "قرآن مجيد"
(٢٠) "ڪشف الظنون عن اسامي الڪتب والفنون" عربي، مصطفيٰ بن عبدالله حاجي خليفه ڪاتب چلپي، نور محمد ڪارخانه تجارت ڪتب ڪراچي.
(٢٠ الف) "مدارج النبوه" عبدالحق محدث دهلوي، مترجم غلام



www.maktabah.org

معين الدين نعيمي، مدينہ پبلشنگ كمپني كراچي.

(۲۱) "معجم المطبوعات العربيه والمعربة" يوسف اليان سركيس، منشورات مكتبه اية الله العظمىٰ المرعشي النجفي قم المقدس ايران، ۱۴۱۰ هجري.

(۲۲) "المنجد في اللغة والاعلام" عربي، معلوف لويس، دارالمشرق بيروت لبنان، ۱۹۸۶ع.

(۲۲ الف) "المواهب اللدنيه" عربي، امام احمد قسطلاني مصري، مطبوع مصر.

(۲۳) "وسائل الوصول الىٰ شمائل الرسول" امام يوسف بن اسماعيل النبهاني، مترجم مولانا محمد ميان صديقي، فضلي سنز لميٹيڈ كراچي، ۱۹۸۵ع.

(۲۴) "الوفا باحوال المصطفىٰ" امام ابن جوزي، مترجم محمد اشرف سيالوي، فريد بک اسٹال لاهور.



www.maktabah.org

# حديث پاڪ

## تجريد صحيح بخاري (مڪمل)

سنڌي ترجمو

مولانا دين محمد وفائي رحه

سائيز: رائل ـ صفحا: 1024 ـ جلد: پڪو

قيمت: =/400 رپيا

☆

## رياض الصالحين

ترجمو: مولانا سعيد احمد پٽو

سائيز: رائل ـ صفحا: 746

قيمت: =/350 رپيا

☆

## مشڪواة شريف (جلد پهريون)

مترجم: مولانا رفيع الدين چنه

سائيز: رائل ـ صفحا: 660

قيمت: =/300 رپيا

☆

## ماءُ پيءُ جا حق

ڪتاب "الادب المفرد" جو باب پهريون

امام ابو عبدالله محمد بن

اسماعيل بخاري رحه

برڪت الله پٽو

سائيز: ڊيمي ـ صفحا: 112

قيمت: =/30 رپيا

☆

## پاڙيسري ۽ يتيم جا حق

ڪتاب "الادب المفرد" جو باب ٻيو

امام ابو عبدالله محمد بن

اسماعيل بخاري رحه

حافظ مختيار احمد ڪانڌڙو

سائيز: ڊيمي ـ صفحا: 56

قيمت: =/12 رپيا

☆

## غلامن جا حق

ڪتاب "الادب المفرد" جو باب ٽيون

امام ابو عبدالله محمد بن

اسماعيل بخاري رحه

حافظ مختيار احمد ڪانڌڙو

سائيز: ڊيمي ـ صفحا: 60

قيمت: =/30 رپيا

☆

## ڪلام رسول ﷺ

سيد گل محمد شاهه بخاري

سائيز: ڊيمي ـ جلد: پڪو ـ صفحا: 372

قيمت: =/130 رپيا

☆

www.maktabah.org

## درس حديث

سيد گل محمد شاھہ بخاري

سائيز: ڊيمي ـ جلد: پڪو ـ صفحا: 204

قيمت: =/100 رپيا

☆

## چوندَ حديثون

علي نواز پنهور

صبغت الله ڀٽو

سائيز: ڊيمي ـ صفحا: 256

قيمت: =/64 رپيا

☆

## شرح اربعين امام نووي رحہ

مولانا اميرالدين مهر

سائيز: ڊيمي ـ صفحا: 226

قيمت: =/60 رپيا

☆

## هدايت جا هيرا (40 حديثون)

خرم مراد رحہ

مولانا واحد بخش خلجي

سائيز: ڪرائون ـ صفحا: 48

قيمت: =/12 رپيا

☆

## حديث پاڪ ۽ ٻارڙا

خالد ڀٽي

سائيز: ڪرائون ـ صفحا: 142

قيمت: =/30 رپيا

☆

## سچا ٻول (ٻارن لاءِ چوندَ حديثون)

خالد ڀٽي

سائيز: ڊيمي ـ صفحا: 72

قيمت: =/30 رپيا

☆

## چاليھہ حديثون

مولانا محمد اسماعيل عودوي رحہ

سائيز: ڪرائون ـ صفحا: 72

قيمت: =/16 رپيا

☆

## پيغمبري حديثون

سيد گل محمد شاھہ بخاري

سائيز: ڊيمي

ختم ٿيل

☆

## هاديءَ جون هدايتون

پروفيسر فضل محمد عمراڻي

سائيز: ڪرائون ـ صفحا: 176

قيمت: =/36 رپيا

☆

www.maktabah.org

## محبوب ڪريم ﷺ جن جي مجلس ۾

محمد سليمان طاهر انڍڙ

سائيز: ڊيمي - صفحا: 160

قيمت: =/60 رپيا

☆

## رسول الله ﷺ جون وصيتون

مولانا ابو مسعود اظهر ندوي

مترجم: برڪت الله پتو

سائيز: ڊيمي - صفحا: 136

قيمت: =/40 رپيا

☆

## قدسي حديثون

سيد گل محمد شاهه بخاري

سائيز: ڊيمي - صفحا: 376 - جلد: پڪو

قيمت: =/130 رپيا

☆

## اذڪار النبي ﷺ

سيد گل محمد شاهه بخاري

سائيز: ڊيمي - صفحا: 632

قيمت: =/190 رپيا

www.maktabah.org

# سيرت پاڪ

## سيرت النبي ﷺ (قرآن جي آئيني ۾)

سيد گل محمد شاھہ بخاري

سائيز: ڊيمي ـ صفحا: 552 ـ جلد: پڪو

قيمت: =/200 رپيا

☆

## سيرت هاشمي

(بذل القوه في حوادث سني النبوه)

مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحہ

پروفيسر اسرار احمد علوي

سائيز: ڊبل ڪرائون ـ صفحا: 652

قيمت: =/300 رپيا

## رسول الله ﷺ جا معجزا

حڪيم حافظ عبدالغفور ڪمبوه

سائيز: ڊيمي ـ جلد: پڪو ـ صفحا: 162

قيمت: =/50 رپيا

☆

## قوت العاشقين (مٺي مرسل ﷺ جا معجزا)

مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحہ

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي

سائيز: ڊيمي ـ صفحا: 160

قيمت: =/60 رپيا

☆

## سهڻو سردار ﷺ

انجنيئر عبدالمالڪ ميمڻ

سائيز: ڊيمي ـ صفحا: 96

قيمت: =/30 رپيا

☆

## منڙو محمد ﷺ

سيد نظر زيدي

مترجم: خالد ڀٽي

سائيز: ڊيمي ـ صفحا: 192

قيمت: =/72 رپيا

☆

## سچو سرور ﷺ

مولانا محمد عبدالحي

بشير احمد مورياڻي

سائيز: ڊيمي ـ صفحا: 208 ـ جلد: پڪو

قيمت: =/70 رپيا

☆

www.maktabah.org

## رهبر اعظم ﷺ (سوالن جوابن ۾)

سيد گل محمد شاهه بخاري

سائيز: ڊيمي ـ صفحا: 160

قيمت: =/40 رپيا

☆

## منهنجو محبوب ﷺ

(غير مسلمن جي نظر ۾)

دادا سنڌي

سائيز: ڊيمي ـ صفحا: 144

قيمت: =/40 رپيا

☆

## محمد رسول الله ﷺ

رحيم بخش قمر لاکو

سائيز: ڊيمي ـ صفحا: 232

قيمت: =/56 رپيا

☆

## سچو سرواڻ ﷺ

(سيرت النبي ﷺ تي 45 تقريرون)

غلام مصطفيٰ مشتاق ميمڻ

سائيز: ڊيمي ـ صفحا: 216

قيمت: =/50 رپيا

☆

## منهنجو مرسل ﷺ ۽ ٻارڙا

عبدالحفيظ ٻجاراڻي

سائيز: ڪرائون ـ صفحا: 104

قيمت: =/30 رپيا

☆

## نبي سائينءَ ﷺ جا خطبا

مترجم: محمد ايوب انصاري

سائيز: ڊيمي ـ صفحا: 80

قيمت: =/24 رپيا

☆

## رسالت محمدي ﷺ ۽ مغرب

خرم مراد رحه

ڊاڪٽر عبدالحئي ميمڻ

سائيز: ڪرائون ـ صفحا: 16

قيمت: =/04 رپيا

☆

## درود شريف ۽ ان جون برڪتون

(ذريعة الوصول الیٰ جناب الرسول)

مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحه

مولانا رفيع الدين چنه

سائيز: ڊيمي ـ صفحا: 180 ـ جلد: پڪو

قيمت: =/60 رپيا

☆

www.maktabah.org

## سيرت جا موتي (موتيءَ داڻا)

خرم مراد رحہ

انجنيئر عبدالمالڪ ميمڻ

سائيز: ڪرائون

قيمت: =/24 رپيا

☆

## رحمت للعالمين ﷺ

توفيق الحڪيم

عربيءَ تان اردو ترجمو

مولانا ابوالڪلام آزاد

سنڌي ترجمو

پروفيسر اسدالله ڀٽو

سائيز: ڊيمي ـ صفحا: 264 ـ جلد: پڪو

قيمت =/100 رپيا

☆

## اسماءُ المصطفيٰ ﷺ

مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحہ

ڊاڪٽر عبدالرسول قادري

سائيز: ڊيمي ـ صفحا: 184

قيمت: =/50 رپيا

☆

## اسماءُ النبي ﷺ (پاڪيٽ سائيز)

سائيز: ڪرائون ـ صفحا: 104 ـ جلد: پڪو

قيمت: =/30 رپيا

☆

## سونهن ڀريو سردار ﷺ

(سيرت النبي ﷺ بابت مضمونن جو مجموعو)

ڪريم بخش خالد

سائيز: ڊيمي ـ صفحا: 260 ـ جلد: پڪو

قيمت: =/120 رپيا

☆

## بيان البرڪات في ترجمة دلائل الخيرات

ابوعبدالله سيد محمد بن سليمان

جزولي رحہ

سنڌي ترجمو

علامہ عبدالوحيد جان سرهندي

سائيز: ڊيمي ـ صفحا: 352 ـ جلد:

پڪو

قيمت: =/120 رپيا

☆

## شمائل ترمذي (سليس سنڌي ترجمو)

امام ابوعيسيٰ محمد بن عيسيٰ

ترمذي

ڊاڪٽر عبدالرسول قادري

سائيز: ڊيمي ـ صفحا: 170 ـ جلد: پڪو

قيمت: =/120 رپيا

www.maktabah.org

www.maktabah.org

www.maktabah.org

www.maktabah.org



مهراڻ اڪيڊمي

**Maktabah Mujaddidiyah**
www.maktabah.org

This book has been digitized by Maktabah Mujaddidiyah (www.maktabah.org).

Maktabah Mujaddidiyah does not hold the copyrights of this book. All the copyrights are held by the copyright holders, as mentioned in the book.

Digitized by Maktabah Mujaddidiyah, 2012

Files hosted at Internet Archive [www.archive.org]

We accept donations solely for the purpose of digitizing valuable and rare Islamic books and making them easily accessible through the Internet. If you like this cause and can afford to donate a little money, you can do so through Paypal. Send the money to ghaffari@maktabah.org, or go to the website and click the Donate link at the top.